# سالڪ جو سفر

## Pilgrim's Progress

پريداس پيرومل آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ

# سالڪ جو سفر

# Pilgrim's Progress

by

**John Bunyan**

سنڌيڪار:

پريداس پيرومل آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2012ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون　　فيبروري 2012ع　　تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ اسي رپيا
(Price: 180-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج مئنيجر محمد رحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الهڏتو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو

# ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب ”سالڪ جو سفر“ يورپ جي ناميا ري مصنف جان بنين (John Bunyan) جي ڪتاب ”پلگرمس پروگريس“ (Pilgrim's Progress) جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن جو سنڌيڪار پريداس پيرومل آڏواڻي آهي.

هن ڪتاب ۾ انساني سماج جي روحاني پاڪيزگيءَ ۽ روحاني سفر جو ذڪر بيان ڪيل آهي. جنهن ۾ مصنف ڏليلن ۽ حقيقتن جي ذريعي اِهو ڏسي ٿو ته، سالڪ کي ٻن قسمن جي مصيبتن هڪ بيروني (دنيوي) تڪليفون ۽ ٻي اندروني (نفس ۽ نفساني) وسوسن، کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جيڪي انسان کي حق جي راهه کان گمراهه ڪن ٿيون، جنهن ڪري ڪيس ڪنهن ڪامل مرشد جي ضرورت ٿئي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي هِن عظيم سنڌيڪار پرڏيهي ادب جي هِن معياري لکڻي کي انتهائي سهڻي انداز ۾ سنڌي لفظن جو ويس پهرائي سنڌي ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي. ترجمو ڪرڻ وارا تخليقڪار پنهنجي مشاهدي مان چون ٿا ته ترجمي ڪرڻ جو عمل ٻيهر تخليق ڪرڻ برابر آهي، تنهنڪري مترجم کي ٻي ٻولي جي فطرت، مزاج ۽ اُن جي ادبي سياءَ جي واقفيت هئڻ گهرجي. اِهي سڀ خوبيون هن ڪتاب ۾ موجود آهن.

هِن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سال 1943ع ۾ موهن جي. شهاڻي ايجوڪيشنل پبلشنگ ڪو. طرفان ڇپجي مڃتا ماڻي چڪو آهي ۽ تڏهوڪي سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (موجوده سنڌي ادبي بورڊ) کي هيءُ ڪتاب ايترو ته پسند آيو، جو مارچ 1944ع ۾ بورڊ طرفان پرڀداس پيرومل آڏواڻي جي وارثن کي 350 رپيا انعام طور ڏنا ويا.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان هيءُ ڪتاب جناب مخدوم جميل الزمان چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي مفيد مشورن ۽ صلاحن سان اشاعت جون منزلون طئي ڪري اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

اميد آهي ته اسان جي هن ڪاوش کي ادب جي ساڃاهه وندن وٽ ساراهيو ويندو.

01 ربيع الثاني 1433هه
24 فيبروري 2012ع

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري

# فهرست


| | |
|---|---|
| منڍ | 07 |
| باب پهريون: | 11 |
| پاپن لاءِ پڇتاءُ | |
| باب ٻيو: | 15 |
| موٽڻ جي مصلحت | |
| باب ٽيوني | 30 |
| سالڪ جي گمراهي | |
| باب چوٿون: | 41 |
| سوڙهو دروازو | |
| باب پنجون: | 48 |
| سالڪ لاءِ سبق | |
| باب ڇهون: | 59 |
| اهڪي راهہ | |
| باب ستون: | 69 |
| بچاءُ جو بندوبست | |
| باب اٺون: | 80 |
| جهاد اڪبر | |
| باب نائون: | 89 |
| موت جي پاڇي جي ماٿري | |

باب ڏهون: 94
سُهائيندي ۽ اڻ سُهائيندي سنگت
باب يارهون: 107
چپ ۾ برڪت
باب ٻارهون: 115
سچ تان صدقي
باب تيرهون: 127
لوڀ جا ليکا
باب چوڏهون: 134
شڪ جو شڪار
باب پندرهون: 142
معرفت جي مارگ
باب سورهون: 148
گيان جي اک
باب سترهون: 157
گيان بابت گفتگو
باب ارڙهون: 166
منزل مقصود

# مُنڍ

يورپ ۾ جيڪي ناميارا مصنف ٿي گذريا آهن، تن مان هڪڙو جان بنين (Johan Bunyan) هو، جو بيڊ فورڊ جي نزديڪ ايلسٽو (Elstow) سن 1268ع ۾ ڄائو هو، ۽ 1688ع ۾ گذاري ويو، پنهنجي چالاڪي کان ٿورا ورهيہ اڳي هڪ ڪتاب "پلگرمس پروگريس" (Pilgrims progress) نالي لکيائين، جو پهريون ڀيرو سن 1678ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. عام خلق کي اهو ڪتاب ايترو قدر وڻيو جو پهرئين سال ئي ان جا سڀ جلد کپي ويا ۽ ساڳي سال وري ٻيو ڀيرو ڇپيو، ايئن جان بنين جي جيئري ئي اهو ڪتاب يارنهن ڀيرا طبع هيٺ آيو ۽ ان جون ڪاپيون لکن جي تعداد ۾ ڪتيون. هر هڪ ڇاپي ۾ هن ٿوريون گهڻيون تبديليون پئي ڪيون نہ يارهون ڇاپو جنهن سال نڪتو تنهن سال پاڻ گذاري ويو، جنهن ڪري ڪتاب ۾ پوءِ ڪا بہ وڌيڪ ڦيرڦار ڪا نہ ٿي. انهن جدا جدا ڇاپن جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو، تہ ٿئين ڇاپي ۽ يارهين ڇاپي جي مضمون جي وچ ۾ ڪيترين ئي مکيہ ڳالهين جو فرق آهي.

هيءُ ڪتاب يارهين ڇاپي جي اوٽ تي لکيو ويو آهي پر ان جو اکري ترجمو نہ ڪيو ويو آهي، جان بنين پنهنجو ڪتاب عيسائي مذهب جي نقطي نگاهہ کان لکيو هو، پر هن ڪتاب ۾ ڪنهن بہ خاص مذهب جو پرچار ڪرڻو نہ هو ۽ نڪو ڪو فرقيوار رنگ ڏيڻو هو، تنهن ڪري مناسب هنڌن تي ڪي ضروري ڦيرڦارون ڪيون ويون آهن ۽ ڪيترن ئي هنڌن پنهنجي پتا جي صلاح سان شاهہ سامي، سچل ۽ ٻين جي ڪلام مان ڪي ٽڪرا ۽ بيت وڌا اٿم جنهن

جي ڪري هن ڪتاب جو رنگ ڍنگ ئي نرالو ٿي پيو آهي. انهيءَ هوندي به ايترو چئبو ته سڄي ڳالهه منڍ کان وٺي پڇاڙي تائين گهڻو ڪري ساڳي قائم ڪئي ويئي آهي ۽ تمثيلي نمونو به ساڳيو اصلوڪي انگريزي ڪتاب وارو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري ضرور چئبو ته هيءُ ڪتاب "پلگرمس پروگريس" جي اوٽ تي لکيو ويو آهي.

ڪتاب ۾ جيڪا تمثيل رکيل آهي تنهن پٽاندر ڄاڻائجي ٿو ته لکندڙ جڻ ته هڪ سپنو لڌو آهي، جنهن ۾ ڏسي ٿو ته ڪو شخص پهريائين ٻين دنيوي ماڻهن وانگر جيوت ڪاٽي ٿو پر پوءِ يقين ٿيئس ٿو ته دنيوي پدارٿ بي بقا آهن ۽ انهن جي پنيان پئي، جيڪڏهن ڏٺيءَ کان ٻي مک تي ويهبو، ته آخر ترڪ گامي ٿيو ۽ دوزخ جا عذاب سهڻا پوندا، دنيا ۾ اهي جيڪي پاپ ڪيا آٿس، تن جو بوجو هو محسوس ڪري ٿو، ته پڪ ڄاڻي ٿو ته الاهي غضب مون تي نازل ٿيڻو آهي. انهي ڊپ وچان هو ويراڳ ورتي ڏاري، حق جو طالب بنجي ٿو ۽ هن لوڪ مان جيئري ئي سفر ڪري، ابدي حياتي حاصل ڪرڻ لاءِ پرلوڪ ڏي پڌارجي ٿو، انهي ريت هن ڪتاب ۾ روحاني سفر جو ذڪر آهي، جنهن ۾ اهو به تمثيلي نموني ڄاڻايل آهي ته سالڪ کي ٻن قسمن جي مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، هڪڙيون ٻيروني ۽ ٻيون اندروني، ٻيروني مصيبتون آهن دنيوي تعلقات ۽ دنيوي ڳالهين بابت خفا، ۽ اندروني. مضبتون آهن نفس ۽ نفساني وسوسا. اهي ٻئي ڪيس پريائي ۽ ڀٽڪائي حق جي راهه کان گمراهه ڪن ٿا، جنهن ڪري ڪيس ڪنهن ڪامل مرشد جي ضرورت ٿئي ٿي، انهي هاديءَ جي هدايت سان هو شريعت جي راهه لنگهي اول، طريقت توري ٿو، خود طريقت جو ٽڙ ترڪڻو آهي، ممڪن آهي ته سالڪ جو پير ڪنهن به وقت اتان ترڪي وڃي، پر مرشد جي فيض جي نظر سندس رهبري ڪري، ڪيس معرفت جو

دڳ ڏياري ٿي، انهيءَ منزل تي اچي سالڪ بيروني توڙي اندروني آفتن کان آجو ٿي، ٻيائيءَ جا ٻنڌن ٽوڙي ٿو جنهن ڪري پاپ ۽ پڇ، ڏک ۽ سک، هار ۽ جيت، لاڀ ۽ الاڀ ڪيس سمان لڳن ٿا، انهيءَ منزل تي هو پنهنجو پاڻ پوري ريت سڃاڻي ٿو ۽ حقيقت جي منزل تي اچي پنهنجي انفرادي هستي وڃائي، حق سان ملي هڪ ٿئي ٿو، اهو آهي هن ڪتاب جو مختصر طرح مطلب.

هيءُ ڪتاب مون پنهنجي پتا مسٽر پيرومل مهر چند کي ڏيکاريو جنهن کي گهڻو پسند آيو ۽ سڄوئي چڱيءَ طرح نظر مان ڪڍي ڏنائين، اميد ته عام خلق کي به هيءُ ڪتاب پسند ايندو ۽ منهنجا راياسڄايا ٿيندا.

حيدرآباد — پريداس پيرومل آڏواڻي

14 جولاءِ 1943ع

# پاپن لاءِ پڇتاءُ

ڪَڄُ ڪمايم ڪُوڙ، پيگم عهد الله جا،
پڄرو جو پاپن جو، چوٿيءَ تائين چور،
معلوم اتيئي مذڪور، ڳوڙها! انهي ڳالهه جو.
(شاهه)

سپنا تہ سيڪو پيو لهي پر مون جيڪو سپنو رات لڌو، سو نهايت عجيب. سپني ۾ ڏٺم تہ، هڪڙو ماڻهو پنهنجي گهر کان منهن موڙي، اٻالن حالن ۾ هڪ هنڌ بيٺو هو، هٿ ۾ هڪ ڪتاب هوس ۽ پنيءَ تي هڪ ڳري پري هيس، جنهنجي بوج ڪري ڪنڌ متي ڪٽي نٿي سگهيو، منهنجون اکيون منجهس وڃي کتيون، ڏٺم تہ هن ڪتاب کولي پڙهيو، پڙهندي پڙهندي ڏرڻ ڏکي ويس ۽ اکين مان بي اختيار لڙڪ لڙي پيس، رئڻ کي روڪڻ جي گهٽيائي ڪوشش ڪيائين، تہ بہ سندس نماڻا نيڻ پاريون ڪري پئي پلٽيا آخر پاڻ جهلي ڪين سگهيو، ۽ درد پري دانهن ڪري چيائين تہ ”مان ڇا ڪريان“؟ ۽

ڏٽي منهنجا ڪر مون تي پنهنجو ڪرم!
تہ رهجي اچي لطف سان سڀ پرم،
عيبن آهه مون کي اُگهاڙو ڪيو،
ڍڪين تون تہ ڍڪجي اُگهاڙن شرم،
وڃايم مڙيوئي حال احوال مفت،
پنهنجو جام جاٽي ڀڄهي جم چرم،
عمر ويئي ڏوهن ۽ پاپن ۾ سڀ،
رهيو ڪو نہ پاڇي ڏٽي، دري ڏام،

مولىٰ! مهر سان ڪر معاف سڀ گناهہ،
مداين جو مون ڪي تو ماري مرم،
هٽي گل انهيءَ شرم ڪيو شرمندو،
وهائي اکين مان تو پاٽي گرم، ديوان گل.

سپني ۾ ڏنم تہ هو پوءِ موتي پنهنجي گهر ويو. جيترو تي سگهيس تيترو پنهنجو من پئي جهليائين، تہ متان منهنجي زال ۽ منهنجن ٻارن ٻچن کي منهنجيءَ دل جي درد جو ڪو پتو پوي، پر اندر ۾ اڌما پئي اٿيس، سو گهٽي مدت تائين ماٺ ۾ رهي ڪين سگهيو، ”ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن،“ سندس گهر جا ڀاتي وسا تي ويا ۽ پڇيائون تہ ”توهان سان ڪهڙي ويڌن آهي؟“ انهي تي دل کولي پنهنجيءَ زال ۽ ٻارن کي چيائين تہ مان پنهنجي حال تي تو رئان. هن دنيا ۾ اچي اول تہ مون پنهنجي سرير جي سلامتي پئي گهري ۽ ايئن پئي چاهيم تہ سدائين جڙيو جيئرو هجان، جيتوڻيڪ اها سُڌ هيم تہ نيٺ هر ڪو موت جو شڪار ٿيندو ۽ هميشہ لاءِ قبو ڪوبہ اڏائي ڪونہ ويهندو، انهيءَ ڄاڻ هوندي بہ اَڄاڻ تي، هن دنيا جي پدارٿن تي موهجي ويس، ۽ اندر ۾ اها ئي آرزو هيم، تہ شل سدائين جيئرو رهي اهي موجون پيو ماڻيان، شادي ڪرڻ تي دل ٿيم، تہ پرڻيس ۽ ٻار ٻچا بہ ڄڻيم. پاڻ کي ۽ توهان کي هر طرح سکي رکڻ لاءِ سنوان سڌا، بلڪ اونڌا اُبتا رستا بہ اختيار ڪري، گهڻو ئي ڌن مال ميڙيم، پر اطمينان يا اندر جو آرام مون کي اڄ تائين حاصل نہ ٿيو آهي، ماءُ پيءُ تان ننگو آيس، ننگو ويندس آءٌ، ڌن دولت، نيبهہ ٿيڻو ڪونهي، مٽن مائٽن مان. بہ ڪو سنگي نڪو ساٿي ٿيندم، تہ پوءِ هن دنيا ۾ اچي مون ڪيو ڇا؟ ڪا بہ اهڙي بقا واري شيءِ هٿ ڪا نہ ڪئي اٿم جا مون سان سنگ هلي ۽ آخرت ۾ پنهنجي مالڪ اڳيان ملهي مرڪي سگهان. مون پنهنجي حياتيءَ جو مقصد سمجهوئي ڪين.

سچ جي وکر وهائڻ بدران رڳو ڪوڙ ۽ ڪچ ڪمايو اٿم ۽ پاڻ تي پاپ چاڙهيا اٿم، هاڻ هيءُ بوجو جو منهنجي ڪنڌ تي آهي تنهن منهنجي اندر جو آرام ڦٽايو آهي. مون کي هينئر يقين ٿيو آهي ته جيڪي دنيا ۾ اچي ڏٺيءَ کان بي مک ٿين ٿا، تن کي پنهنجو ڪيتو اوس لوڙڻو آهي، جيڪڏهن اسين مڪتيءَ جو مارگ نه وٺنداسين ته اٽيچوڪنييءَ نرڪ ۾ پونداسين مان هاڻ حق جو طالب ٿي، اها ئي وات پيو ڳوليان ته اسان سڀني جو هيءُ لوڪ سڪي ۽ پرلوڪ سهيلو ٿئي.“

هن سالڪ جي اها ڳالهه ٻڌي سندس گهر جا ڀاتي حيران ٿيا. سندين حيرانيءَ جو سبب اهو ڪو نه هو ته پاڻ جيڪي چيائين سو سچ ڪري سمجهيو هوائون پر هن ڪري جو ڀانيائون ته سندس مغز جاءِ نه آهي، ۽ انهي سبب اهڙيون ڪيڙيل ڳالهيون ڪري ٿو. انوقت اجا ڏئي تي وَتِ چڙهي هئي، ته ٻه بسترو وڇائي ڪيس سويلئي سمهاري ڇڏيائون ته من رات جو ننڊ ڪرڻ تي مغز جاءِ تي اچيس. هو بستري تي ليٽيو ته صحيح پر سندس لاءِ جهڙو هو ڏينهن تهڙي رات. هڪڙي ڪن ٻه اک ڪين لاتائين، ساري رات شيڪارن پريندي ۽ ڳوڙهن ڳاڙيندي نبري ويس، صبح ٿيو ته گهر جا ڀاتي حال پڇڻ آيس، هن وراڻي ڏنين ته منهنجي دل جو ڏک وڃي ٿو وڌندو، هينئر انئي پهر عبادت ڪري پنهنجي اپائيندڙ اڳيان پاند ڳچيءَ پائي، پنهنجون بديون بخشايان ته ڪا قلب جي صفائي ۽ دنيوي حرص هوس جي هلڪائي ٿئي ته بي ڳالهه، نه ته منهنجو چارو ڪونهي:

آڏو چڪڻ چاڙُ، منهنجي موج نه سهي مَڪُڙي،
ميڙي مناين جو بيحد چاڙهيم بار،
چوڻ چارو ناهه ڪو، بديون بي شمار،
ڪپر ڪارونيار، اُڪاريين احسان سين!
(شاهه)

هُنَجون ههڙيون ڳالهيون ٻڌي سندس گهر جي ڀاتين ڀانيون تہ هن کي سچ پچ مغز ۾ ڪو خلل آهي، تنهن ڪري سندس حال تان دل ۾ دک تہ ڪو نہ ٿين، پر پاڻ سندين دل ويئي پٽر ٿيندي، نيٺ اها رٿ رٿيائون تہ ويهن ئي نهن جو زور لائي هن کي مڙيو ئي انهيءَ من جي مونجهہ کان ڇڏائبو، سو گهڙيءَ مٿس ڇٽرون ڪندا هئا، تہ گهڙيءَ طعنا ٽُنڪا هڻندا هئس، ڪڏهن تہ ڇڏي ڏيندا هئس تہ نهاريندا بہ ڪو نہ هئس.

جنهن وقت وٽس ڪا بہ پهر ڪا نہ هوندي هئي، تنهن وقت هو. پنهنجي ڪونيءَ ۾ نويڪلو ٿي ڌڻيءَ کان دعا گهرندو هو ۽ مٽن مائٽن جي حال تي افسوس، ۽ پنهنجي دکيءَ حالت تي ارمان ڪائيندو هو. ڪڏهن تہ ٻاهر نڪري جهر جهنگ پيو جهريندو هو وقتي ڪنهن ايڪانت واري هنڌ ويهي پڙهندو هو، تہ وقتي ڌڻيءَ جي عبادت ڪندو هو، ايئن ڪندي ڪيترائي ڏينهن نبري ويس.

باب پهريون

# موتڻ جي مصلحت

وڃو سڀ موتي، آئين جي ورن واريون،
ڪا نہ هلندي ڪيچ ڏي، ڪريو مَ ڪوتي،
ڪڍيم ڪاچوتي، وڌم جوڳ جتن لاءِ.
(شاهہ)

سپني ۾ ڏٺم تہ هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي دستور موجب اڪيلو پئي گهميو ڦريو پر دل اجا اداس هيس، هن پوءِ پنهنجو ڪتاب ڪڍي پڙهيو، پڙهندي پڙهندي اڳي وانگر واڪو ڪري چيائين تہ ”مان ڇا ڪريان جو ڇوٽڪارو لهان“؟ هو پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ايئن نهارڻ لڳو، جو ڄڻ تہ ڀڄڻ جي خواهش، هُيس، پر پوءِ اتيئي بس ڪري ٻهي رهيو، جو پتو ڪو نہ ٿي پيس تہ ڪهڙيءَ وات ڪان وڃبو.

”ڪامل ڪشتيبان وچ ۾ گڏين واهرو“. شاهہ

اتي اوچتو هڪ نوراني شخص اچي پرگهٽ ٿيو جنهنجي صبح جهڙي سونهن ۾ چنڊ جهڙا ڇهن هئا. انهيءَ شخص پڇيس تہ تون هئن ٻاڏائين ۽ ٻاڪارين ڇو پيو؟ سالڪ وراڻي ڏنيس، تہ هيءُ ڏامي پستڪ جو منهنجي هٿ ۾ آهي، تنهن مان معلوم ٿيو اٿم تہ مون کي اوس مرڻو آهي ۽ دنيا ۾ اچي جيڪي ڪم ڪيا اٿم، تن جو حساب سچي سائين جي دربار تہ ڏيڻو اٿم. مان مرڻ ۾ راضي نہ آهيان. ڪهڙو منهن ڪٺي پنهنجي مالڪ جي اڳيان وڃان؟ مالڪ پنهنجي ڪا مهر ڪري تہ ٻي ڳالهہ، نہ تہ عدالت ۾ بيهڻ جوڳو بہ ڪين آهيان.

” عدل ڇٽان آءُ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.“
(شاهہ)

هن نوراني شخص چيس تہ ”هيءَ دنيا جڏهن دکن جو گهر آهي تڏهن تون مرڻ لاءِ چو ڪين راضي آهين؟“ سالڪ چيس تہ ”هيءَ جيڪا پري منهنجي ڪنڌ تي آهي، سا آخر مون کي ڪنهن اوڙاهہ ۾ وجهي هٽندي، اهڙي اوڙاهہ ۾ پوڻ لاءِ ئي جڏهن مان تيار نہ آهيان، تڏهن عدالت جو لائق ڪيئن ٿي سگهندس؟ اهي ڳالهيون ٿو ڳٽيان تہ منهنجا ڳچ پيا ڳڙن ۽ پنهنجي حال تي رئڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان.“ انهيءَ تي هن نوراني شخص چيس تہ ”تنهنجو اهو حال آهي تہ پوءِ هتي بس ڪري چو بينو آهين؟ وراڻي ڏنائين تہ ”پتو ئي ڪو نہ ٿو پويم تہ ڪهڙو مارگ وٺان.“

”اداڙي اوني، آءُ پڇان تو تي،
ڪيچ رسنديس ڪئين؟ ڏس مون ڏي.“
(شاهہ)

تنهن تي هن شخص کيس هڪ پترو ڏنو جنهن ۾ لکيل هو تہ ”اچڻ واري غضب کان ڀڄ.“

”پينر! پنيوران جي پڳيون سي چتيون.“ شاهہ

اهو پترو پڙهي نوراني شخص ڏانهن چتائي نهارڻ لڳو، ۽ پڇائينس تہ ڪيڏانهن ڀڄان؟ هن پيسَرَ هڪ پر انهين ساوڪ سبزي واري ميدان ڏي آڱر ڪڍي پڇيس تہ ”هو سوڙهو دروازو پريان ڏسين ٿو“؟

سالڪ: ”نہ سائين“،

نوراني: پلا، پريان جيڪو ڏئو پيو ٻري تنهنجو سوجهرو توکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو“؟

سالڪ :”هائو سائين، ڪو سوجهرو مڙيو ئي آهي.“

نوراني شخص: ”انهي سوجهري جي ٽيوَ (اوٽ) تي سڌو ئي هليو وڃ، تہ پاڻيهي اهو سوڙهو دروازو ڏسڻ ۾ ايندءِ. اتي پهچين تہ دروازو کڙڪائج، تہ پوءِ جيڪي توکي ڪرڻ جڳائي، سو توکي ڏسيندو.“

ڏور مَ ڏِٺان ڏار، ڏورڻ گهٽو ڏاڪڙو،
ڪوڙين لک هزار، اِن اونداهيءَ اَنڌا ڪيا.
(شاهه)

نوراني شخص
ساوڪ سبزيءَ واري
ميدان ڏي آگر ڪٽي
ڏس ڏئي ٿو

سالڪ
ڪنڌ تي پري اٿس
۽ هٿ ۾ پترو اٿس
جنهن ۾ لکيل آهي تہ
”اڇڻ واري غضب کان بچ“




”انهي سوجهري جي ٽيوَ تي سڌو ئي سڌو هليو وڃ.“

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو ته سالڪ انهيءَ سوجهري ڏي ڊوڙڻ لڳو، اجا پنهنجي گهر کان پري ويو ئي ڪين، ته سنديس گهر واري ۽ ٻار ٻچا ڪيس پڇندو ڏسي، ٻاڪارڻ لڳا ۽ ڪيس موٽائڻ لاءِ پنيان پيس. سالڪ پنهنجن ڪنن ۾ ڪٺي آگريون وڌيون. ٻڌو اڻٻڌو ڪري، ويو ڊوڙندو ۽ وڏي واڪي چوندو ويو ته مون کي ڪپي جياپو! جياپو! هميشه جو جياپو! زال ۽ ٻارن ٻچن جو موهه مڪتيءَ جي مارگ کان ڦيرايو ڇڏي، تنهنڪري هن ڏانهن نهاريو به ڪوَ نه پر ميدان جي وچ ڏانهن ڊوڙندو ويو جيتوڻيڪ ڪنڌ واري بوجي سبب گهڻو ڊوڙي نتي سگهيو.

جيڪي ماڻهو دنيوي لاڳاپا لاهي پرينءَ جا پانڌيڙو ٿين ٿا تن تان ٻين کي تعجب لڳي ٿو. هن سالڪ جا پاڙيسري به پنهنجن گهرن مان نڪري، ڏسڻ لڳا ته ڪٿ ڊوڙندو پيو وڃي، ڪن ٺٺوليون ڪيس، ته ڪن دڙڪو دٻاچو ڪيس ۽ کي موٽائڻ لاءِ پنيان پيس. نيٺ ٻن پاڙيسرين پڪو ارادو ڪيو ته هن کي زوريءَ به پُٺتي موٽائينداسين، چريا پنهنجي وَهِ ڪين ڇڏجي انهن ٻن جڻن مان هڪڙي جو نالو هو "نٺر" ۽ ٻئي جو "ٻه دليو". جيسين هي پنيان پيس تيسين هو ڪائن گهڻو اڳيرو نڪري ويو پر هنن به ارادو ڪيو ته وڪ وڌائي پنيان پئونس، نيٺ ٿوري ويرم ڪانپوءِ وڃي پهتس. ڪين ڏسي چيائين ته "پيارا پاڙيچي، توهين ڇو آيا آهيو؟" هنن چيس ته "تون اسان جي ڳالهه مڃي، موٽي هل" تنهن تي سالڪ چين ته "اها ٿيڻي نه آهي. جنهن دنيا ۾ توهين رهو ٿا، تنهن ۾ مان به جائو نپنو هوس، اها ناسونت دنيا آهي انهيءَ دنيا جون نعمتون آخر انسان کي ڪنهن اوڙاهه ۾ اُڇلي هٽنديون ۽ نرڪ جا ڏک پوڳائينديون. آءٌ انهيءَ دنيا ڏي وڃان ٿو جتي هميشه جو جياپو آهي ۽ سرگ جا سک ملن ٿا. چڱو ايئن ٿيندو ته توهين به مون سان گڏجي هلو."

نٺر: ڇا! مت مائٽ، يار دوستار ۽ دنيا جون نعمتون سڀ پنيان ڇڏيون!

سالڪ: اهي جي پنيان ڇڏيون ته ڪهڙي وڏي ڳالهه تيندي؟ جيڪي مان طلبيان تو تنهنجي پيٽ ۾ اهي ڪجهه به نه آهن چو ته جيڏانهن مان وجان تو اوڏانهن اڪٹ پندار پريا پيا آهن، مون سان هلو ته منهنجيءَ ڳالهه جو ثبوت توهان کي اُتي ملندو ۽ اڪٹ پندار مان اوهان کي مون جهڙو ڀاڱو پڙپندو.

نِنر: اهي ڪهڙيون شيون آهن، جن جي خاطر تون سڄي دنيا تياڳين تو؟

سالڪ: مان اُنهيءَ ورثي جي ڳولا ۾ آهيان، جو ڪڏهن به ناس ٿيڻ يا بگڙڻ جو نه آهي ۽ نت نرمل آهي.

"خرچيو نه کُوٽي، چور نه لُوٽي،
نت نت هوت سوايو."
(ميران بائي)

اِهو اڪٹ خزانو سرڳ ۾ سوگهو رکيل آهي، جيڪي دليون جانيون اُن جي ڳولا ڪندا تن کي مقرر ڪيل وقت تي اهو اوس ملندو. توهان جي مرضي هجي ته پلي هيءُ ڌرمي پستڪ پڙهي، خاطري ڪريو.

نِنر: ڇٹ! پري ڪر پنهنجو ڌرمي پستڪ تون اسان کي رڳو ايترو ٻڌاءِ، ته اسان سان موٽي هلندين يا نه؟

سالڪ: هرگز نه. مون پنهنجي هٿ ۾ هر ڪنيون آهي، جنهن سان نهور زمين کيڙي، پنهنجي لاءِ نئين پوک پوکيندس ۽ ڪشالي جي ڪا به ڪاڻ نه ڪندس.

موٽڻ جي مصلحت، مون کي ڏيو مَ جيڏيون،
نهاريندس نڪري آرياڻي البت،
ڪنديس اوٹ، ايوب چئي، لڪن ڏيئي لت.
سرتيون شيڪت آءٌ ڪيئن آڳن سين ڪريان؟

ننر هيءَ وراڻي ٻڌي ٻه دلئي کي چيو ته جڏهن ڪنهن پستڪ ڦنڊئي کي ڪو سوداءُ مغز ۾ وهندو آهي، تڏهن پاڻ کي ستن سياڻن کان به وڌيڪ سمجهه وارو سمجهندو آهي ۽ پنهنجي ڳالهه تي هوڏ ٻڌي بيهندو آهي. تون آءُ ته هن کي ڇڏي، پاڻ موٽي گهر هلون.

ٻه دلئي چيس ته هن جي ڳالهه پيرن هيٺان ڪري ڇڏڻ نه گهرجي. جيڪڏهن هن چڱي مڙس جي ڳالهه سچي هوندي، ته جن شين جو هو طالبو آهي سي اسانجن شين کان ضرور چڱيون هونديون، تنهن ڪري منهنجي دل تي چوي ته مان به پنهنجي هن پاڙيسري سان گڏجي وڃان.

ننر چيس ته توکي به ڇتو لڳو آهي ڇا؟ منهنجي ڳالهه مڃي موٽي هل، نه ته ڄاڻ هي ڇريو توکي کهڙي آڙاهه ۾ وجي هٽندو موٽي هل ۽ سياڻو ٿي.“

ٻه دلئي کي ريڙهي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ سالڪ چيس ته ”تون مون سان هليو آءُ ته وڏي ڀلال جون ڳالهيون پسندين جيڪڏهن منهنجيءَ ڳالهه تي ويساهه نه اچيئي ته هيءُ ڏرمي پستڪ پڙهي ڏس. ”هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي جو کهڙو ڪم“ جيڪي ڳالهيون اوتار، نبي ۽ اولياءَ ۽ رشي ۽ مني لکي ويا آهن سي ست ڪري مڃڻ گهرجن.“ انهي تي ننر کي ٻه دلئي چيو ته ”مان هاڻ هن ڳالهه تي اچي بيٺو آهيان، ته مان هن چڱي مڙس سان گڏجي وڃان، پوءِ جتي هيءُ تتي مان، ڪٿن منهنجا ڀاڳ.“ اُتيئي سالڪ کان پڇيائين ته جنهن منزل تي پهچڻ جو قصد ڪيو اٿيئي پنهنجي واٽ جي سڌ اٿيئي؟

سالڪ چيس ته هڪ نوراني شخص مون کي ڏس ڏيئي چيو ته جيڪو سوڙهو دروازو سامهون آهي تنهن ڏي سڌو ئي سڌو هليو وڃ ۽ جيڪا واٽ وٺڻ گهرجي، سا اُتي پاڻيهي ڏسيندا.

ٻہ دلئي چيس تہ ”چڱو ڀلا! هل اسين ٻئي گڏجي هلون“ هو ۽ سالڪ سان گڏجي هليو ويو تہ ننر چيو تہ ”مان پنهنجي گهر موٽي ٿو وڃان: ههڙن گمراهن ۽ چرين جي سنگت ڪان اُهيئين ڀلي“.

مون ڀوءِ سپني ۾ ڏٺو تہ ننر موٽي پنهنجي گهر ڏي ويو، باقي سالڪ ۽ ٻہ دليو سوڙهي دروازي ڏي رخ رکي هليا ۽ واٽ تي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون پئي ڪيائون.

سالڪ: ادا ٻہ دليا، مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، جو تو مون سان گڏ هلڻ قبوليو، دنيوي حرص هوس جي ڄار ۾ ڦاسڻ ڪري جيڪي نتيجا نڪرڻا آهن تن جي جيڪا مون کي ڄاڻ پيئي آهي، سا جيڪڏهن ننر کي پوي ها تہ ههڙو سٽرو اسان ڪان منهن موڙي نہ وڃي ها.

جيڪي ڏٺو مان سو جي ڏٺو جيڏيين،
گهر ورني سان، هوند گهٽن گهوري چڏيا.
(شاهہ)

ٻہ دليو: پيارا ڀاڙيسي، هتي تو ۽ مون کان سواءِ ٻي ڪا بہ ڀهر ڪانهي. هاڻ وڌيڪ احوال ٻڌائيم تہ اسين هلون ڪيڏانهن پيا؟ اتي ڪهڙيون نعمتون آهن ۽ اهي ڪيئن ملنديون ۽ ڪيئن ماڻبيون؟

سالڪ: انهن ڳالهين بابت مان پنهنجي دل ۾ چڱيءَ ريت ويچار ڪري سگهان ٿو پر زبان سان انهن جو پورو ورنن ڪري نٿو سگهان. جنهن صورت ۾ تون اهي ڄاڻڻ چاهين ٿو، تنهن صورت ۾ مان توکي پنهنجي هن ڪتاب مان اهي ڳالهيون پڙهي ٿو ٻڌايان.

ٻہ دليو: پر پڪ اٿيئي تہ تنهنجي انهي پستڪ ۾ جيڪي لکيل آهي سو سورهن ئي آنا سچ آهي؟

سالڪ: هائو، اها پڪ اٿم، جيڪي بہ ديني ڪتاب يا ڌرمي پستڪ آهن تن جا لکندڙ است (ڪوڙ) ٻولڻ وارا ڪين هئا، تنهن ڪري ئي سندن وچن سَتِ ڪري مڃڻ گهرجن.

ٻہ دليو: اها ڳالهہ خاصي، هاڻ ڪولي ٻڌاءِ تہ اُتي ڪهڙا ڪهڙا پدارٿ ملنداسين؟

سالڪ: اُتي هڪ بادشاهي آهي جا سدائين قائم رهڻ واري آهي، اتي اسان کي هميشہ لاءِ جياپو ملندو تہ انهيءَ سلطنت جا سک سدائين ماڻيندا رهون.

ٻہ دليو: اها بہ خاص ڳالهہ، ٻيو ڇا ملندوسين؟

سالڪ: اُتي اسان کي وڏائيءَ جا ڇٽ ملندا ۽ ويس وڳا اهڙا ملندا جو سج جيان پيا چمڪنداسين.

ٻہ دليو: اها تمام خاص ڳالهہ پلا، ٻيو ڇا ملندوسين؟

سالڪ: اتي نڪو روج ۽ راڙو، نڪو دک ۽ غم، ڇاڪاڻ جو انهيءَ ماڳ جو مالڪ اسانجن اکين جا ڳوڙها اُگهي ڇڏيندو ۽ آنند ڏيندوسين.

ٻہ دليو: اُتي اسان کي ڪهڙا سنگتي ساٿي ملندا؟

سالڪ: اتي اسين ملائڪن ۽ ديوتائن سان گڏ رهنداسون. انهن جو اهڙو جوتي سروپ آهي جو انهن ڏي نهارڻ سان اسان جون اکيون پيپون ترمرائينديون. اسان کان اڳي جيڪي اوڏهين ويا آهن، سي بہ لکن جي تعداد ۾ گڏباسين. منجهائن ڪو بہ ڪنهن کي ضرر نتو رسائي پر سڀ قرب پريا ۽ پوتر آهن. اهي سڀيئي سچي سائينءَ جي درگاهہ ۾ قبول. پيل آهن ۽ سندس حضوريءَ ۾ رهن ٿا. مطلب تہ پنهنجن وڏڙن کي اتي سندن سونهري ڇٽ سان ڏسنداسين ۽ ڪامل ڪمارين کي سندين سونهرين ستارون وڄائيندو ٻڌنداسين. مالڪ سان محبت رکڻ ڪري جن کي دنيا جي ماڻهن ڪهي ڳترا ڳترا ڪيو هوندو، يا

جيئري ئي جلائي پورو ڪيو هوندو، يا جهنگلي مرن جو شڪار بنايو هوندو، يا سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏيو هوندو، تن جو درشن اتي ڪنداسين ۽ رواجي پوشاڪ بدران هميشگي سندين پوشاڪ آهي، تنهنڪري اهي سدائين اَمر آهن.

جيئڻان اڳي جي جيئا، جُڳ جُڳ سي جيئن،
اُوءِ موتي ڪين مون، مرڻان ؑ اڳي جي مئا.
(شاهه)

ٻه دليو: ههڙيون ڳالهيون رڳي ٻڌجن ٿيون ته دلُ سُرڪي پئي وڃي پر اهي نعمتون اسين ماڻينداسين؟ انهن ۾ اسين ڀاڳي ڀائي ڪئن ٿي سگهنداسين؟

سالڪ: منهنجي هن ڌرمي پستڪ ۾ جيڪي لکيل آهي، تنهنجو ثوري ۾ مطلب هيءُ آهي، ته جيڪڏهن انهن نعمتن حاصل ڪرڻ جي اسان کي سچي پچي نيت هوندي، ته مالڪ مهربان اهي اسان کي مفت ۾ ڏيندو ”سچيءَ دل تي صاحب راضي“. ”نيت صاف، مراد حاصل.“

ٻه دليو: ادا، تنهنجون اهي ڳالهيون ٻڌي مان ڏاڍو گدگد ٿيو آهيان، هاڻ وک وڌاءِ ته اتي هلون.

سالڪ: منهنجي پاڻ مرضي آهي، ته سگهو هلان، پر ڪنڌ تي پري هئڻ سبب تڪڙي وک ڪڻي نٿو سگهان.

هاڻ مون سپني ۾ ڏٺو ته هنن اهي ڳالهيون ڪري اجا بس ڪئي ته هڪ اهڙي هنڌ اچي سهڙيا، جتي ڪيتري مفاصلي ۾ گَرَڻ لڳي پيئي هئي پوري ريت سوچي قدم ڪونه کنيائون، ته انهيءَ گرڻ ۾ ڪِري پيا. اها هئي ”نااميدي جي ڏٻرِ“. انهي دٻڻ ۾ ڪجھ تائين پئي ڦتڪيا ته سجا ڳپ سان ڀرجي پيا. طالب جي پٺي تي بوجو هو، سو ته هيڪاري ڏبڻ ۾ هيٺ هليو ويو. ۽ ٻڏڻ لڳو. هي حال ڏسي ٻه دلئي پڇيس ته ”ڪٿي اچي پيا آهيون؟“ سالڪ چيس ته ”جي سچ

پڇين، تہ پتو مون کي بہ ڪونہ ٿو پوي.“ اها وراڻي ٻڌي بہ دليو ڏمريو ۽ چڙ منجهان چيائين تہ ”هيترو وقت جن سکن جي تو ساراهہ ٿي ڪئي، سي سک هيءَ آهن؟ سفر شروع ڪرڻ سان هھڙا بُرا حال ٿيا اٿئون تہ هن ڪان پوءِ ۽ نجاڻا تہ اجا ڪهڙي دُرگتي ٿيندي سين. هن مصيبت جي منهن مان صحيح سلامت نڪران تہ، پوءِ اهو سڳورو ملڪ سڃوئي ڦٻيو تو کي.

”اجا تو منجهاءُ ڪک چُٽي رت نڪري،
منهن ۾ معشوقن جا ڪئن جهلندين گهاءَ؟
سو تون ڪجاڙياءُ، سڪڻ جون سٽون ڪرين؟“
(شاهہ)

هو پوءِ جهٽ پٽي، آخر ڏٻڻ جي انهي پاسي وڃي پهتو، جو سندس گهر کي ويجهو هو، ڏٻڻ مان نڪري سُڪيءَ تي ٿيو تہ پويان پير ڪري پنهنجي گهر ڏي وريو ۽ سالڪ کي وري ڏسڻ ۾ بہ ڪونہ آيو.

سڏائتي سيڪا، بکہ نہ باسي ڪا
جيهي تيهي ذات جي، جنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي سا، جا جيءُ منو ئي نہ ڪري.
(شاهہ)

سالڪ هاڻ يڪي سر نااميديءَ جي ڏٻڻ ۾ هٿن ۽ پيرن جو زور هلائي، ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنديس من جي مراد هيءَ هئي، تہ ڏٻڻ جي اُنهيءَ پاسي وڃي پهچان، جو منهنجي گهر ڪان پري، ۽ سوڙهي دروازي کي ويجهو هجي، پر ڪنڌ تي بوجي هئڻ سبب پئي آڪڙيو ۽ ٿاٻڙيو ۽ ٻاهر نڪري نٿي سگهيو. اتي اوچتو هڪ شخص اچي پر گهٽ ٿيو جنهن جو نالو هو ”واهر“ ڪنهن چڱي ڪم لاءِ جيڪو ماڻهو سچيءَ دل سان سعيو ڪري ٿو ۽ پاڻ پتوڙي ٿو، تنهنکي آسماني واهر ملي ٿي. هيءَ شخص جڻ تہ آسماني واهر جو اوتار هو، جو ماڻهوءَ جو روپ ڌاري ڪيس سنئينءَ واٽ تي

**سالڪ**

سالڪ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾
آهي، پنهنجو هٿ واهر جي هٿ
۾ ڏئي ٿو.

**واهر**

ڪنڌ تي پري اٿس ۽ گپ ۾ گتل
جهلي هن کي گپ کان ٻاهر
ڪڍي ٿو.



مون کي پنهنجو هٿ ڏي ته مان توکي چِڪي ٻاهر ڪڍان

آٽڻ لاءِ اتي آيو هو. سالڪ جي ويجهو ويو ۽ پڇائينس تہ هتي ڇا پيو ڪرين؟

سالڪ: اي سائين، توکي تہ الله آندو آهي، هن اوکيءَ ۾ منهنجي واهر ڪر، مون کي هڪ نوراني شخص صلاح ڏني تہ "اڇڻ واري غضب کان ڀڄ" ۽ هن سوڙهي دروازي ڏي وڃڻ جي هدايت ڪيائين، اوڏهين ويندي مان هن ڏبڻ ۾ ڪري پيس.

واهر: ڏبڻ جي وچان سلامتيءَ سان لنگهي وڃڻ لاءِ پوئٽيون نهيل آهن، سي تو ڪين ڏٺيون ڪئن؟

سالڪ: اڇڻ واري غضب کان ايترو ڊنس جو ڇيم، تہ نهہ پهہ وڃي سوڙهي دروازي کي پهچان انهيءَ ڊپ منهنجون متيون ايتري قدر منجهايون جو پؤڙين جو پتو ئي ڪونہ پيم ۽ هن گرڻ ۾ گپي پيس.

واهر: مون کي پنهنجو هٿ ڏي، تہ مان توکي ڇڪي ٻاهر ڪڍان.

"تار منجهان تاري، ڏيئي هٿ همت جا."

(سامي)

طالب هٿ ڏنس تہ هن ٻاهر ڪڍي سُڪيءَ تي ڪيس، ۽ چيائينس، تہ هاڻ پنهنجي واٽ وٺي هليو وڃ.

هيءُ ملائڪن جهڙو انسان جنهن سالڪ سان پنهنجو وڙ ڪري، ڪيس هن اؤکيءَ مهل مدد ڪئي، تنهن ڏي مان وڌي ويس ۽ چيومانس تہ "ناسونت دنيا کان هيءَ واٽ جڏهن سوڙهي دروازي ڏي وڃي ٿي، تڏهن هن ٽُڪر کي ٺاهي ڇو نٿا ڇڏين، تہ ويچارا پرينءَ جا پانڌيڙو سولائيءَ ۽ سلامتيءَ سان سوڙهي دروازي ڏي وڃي سگهن؟ وراڻي ڏنائين تہ "هيءَ ڏبڻ

اهڙي جاءِ آهي، جا نهڻ جي ئي نہ آهي. هن جو سبب مان توکي کولي ٻڌايان ٿو.

جنهن وقت ماڻهو نسچي ڄاڻي ٿو، تہ مان پاپي ۽ گنهگار آهيان، ۽ آخر پنهنجو ڪيتو لوڙڻو اٿم، تنهن وقت سنديس دل ۾ هيبت جاڳي ٿي، ۽ سندس من پڇڻ لڳي ٿو، ان وقت گناهن جي گجي ۽ مئل وِتڙي، سندس من مان ساندهہ وهڻ لڳي ٿي، جنهنڪري سندس روح پوتر ٿيڻ لڳي ٿو. اها گناهن جي گجي ۽ مئل وتڙي سندس من مان وهندي وهندي هن نشيب ۾ اچي ڪني ٿئي ٿي ۽ اها جاءِ "ناميديءَ جي ڏٻڻ" سڏجي ٿي، ڇو تہ ائين نسچي ٿيڻ کان پوءِ جڏهن گنهگار ڄاڻي ٿو تہ عدالت مهل مان ايئن پيڙبس جئن سرهہ گهاڻي ۾ پيڙجي ٿي.

ور صاحِبَ ليکا ايوين منگسي جيوين،
سَرهَہ پوي وچ گهاڻي دي.
(شاهہ حسين)

تڏهن سنديس دل ۾ گهڻيئي خوف خطرا، شڪ، شبا ۽ دل لوڙهيندڙ انديشا پيدا ٿين ٿا، ۽ اهي سيئي مڙي سري هن هنڌ اچي هيڪاندا ٿين ٿا، اهو ئي هِن زمين جي خرابيءَ جو سبب آهي. پر ڌڻيءَ جو فضل گنهگارن تي بہ ٿئي ٿو. اولاد ڪٽي ڪُپات هوندو تہ بہ مائٽ مُنو ڪين گهرندس. سندس چال چلن سڌارڻ جي هو هر قدم ڪوشش ڪن ٿا. ساڳي ريت شاهن جي شاهہ جي بہ اها اِڇا ڪانهي، تہ هيءَ جاءِ سدائين اهڙي بڇڙي رهي، جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿيندي آهي ۽ اڌرم زور وٺندو آهي تڏهن جيون جي رکيا لاءِ ۽ پاپن جي ڪڏن کوٻن بند ڪرڻ لاءِ هو پنهنجا انجنيئر ۽ سروير جُڳَ جُڳَ ۾ موڪليندو آهي، جي پنهنجن سکيائن ۽ پر بوڌن جا پراءُ هتي وجهائيندا آهن. سندن هٿ هيٺ جيڪي ڪم ڪندا آهن سي

اهو پراڻ چوطرف ڦهلائيندا آهن تہ چوڌاري چڱو رستو نهي پوي. پر هيءَ زمين اهو پراڻ آخر پُسائي پٽ ڪيو ڇڏي، جنهنڪري اڄ تائين اها ”نااميديءَ جي ڍبڻ“ سڏجي ٿي. ڪيتري بہ ڪٽي هن زمين کي ناهڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ بہ اها اهڙي جي اهڙي رهندي، انهيءَ حالت هوندي بہ مالڪ جي مهر سان جيڪي سروير ۽ انجنيئر جُڳان جُڳ هن جڳهہ ناهڻ لاءِ آيا آهن، تن هن گرڻ جي وچ ۾ نهايت مضبوط پٿرن جون پؤڙيون ناهي ڇڏيون آهن، جن تان جيڪڏهن ڪو سنڀالي هلندو، تہ ذري گهٽ بہ ڪين لٻندي. جيئن ڪنول جو گل پاڻيءَ ۾ هوندي بہ پاڻيءَ کان اليپ رهي ٿو، تيئن سالڪ بہ هن گرڻ جي وچ ۾ هوندي بہ گپي نٿو ۽ ڪڏهن بہ گپ نٿي لڳيس.

مون کي مون پرين، ٻڏي وڏو ٻار ۾،
اُيا ائين چون، مچڻ پاند پُسائيين.
(شاهہ)

هن زمين تي گهٽي مئل ڪني ٽيڻ ڪري وقتي اهي پؤڙيون ڏسڻ ۾ ئي ڪين ايندڻون آهن يا جي ڏسڻ ۾ ايندڻون آهن، تہ بہ ماڻهن جا متا اهڙا پيا ڦرندا آهن، جو پؤڙين هوندي، بہ هو ٻئي هنڌ پير رکندا آهن، جنهن ڪري سندن چارئي پلؤ چڪ ۾ پرجي پوندا آهن. ۽ حيران ۽ پريشان ٿيندا آهن، پر هڪواري سوڙهي دروازي وٽ پهچجي ٿو تہ پوءِ زمين چڱي آهي.

مون پوءِ پنهنجي خواب ۾ ڏٺو تہ بہ دليو وڃي پنهنجي گهر پهتو، سندس پاڙيسري ڪيس گڏجڻ آيا. پنهنجي ماڳ تي موٽي اچڻ ڪري ڪيس سياڻو سمجهيو ۽ چيائونس تہ تو بيوقوفي جو ڪم ڪيو هو جو سالڪ سان گڏ تو پنهنجي جان وڃي جوکي ۾ وڌي هئي ڪن وري سندس ڪانئرپڻي سبب متس ٺٺول ڪيو ۽ چيائونس تہ هي جوکي جو ڪم جيئن تو

شروع ڪيو هو، تئن اسين جيڪڏهن تنهنجي حالت ۾ هجون ها، ته اهڙا وِيَلَ ڪين ٿيون ها، جو ٿورن ڏکن ۾ تڪليفن جي ڪري سالڪ ڪي ڇڏي ڏيون ها، ٻه ڏليو ميٺو ٿيو، سندن وچ ۾ وينو هو، پر پوءِ پنهنجيءَ دل ڪري ايئن سمجهڻ لڳو ته چڱو ڪيم جو موٽي آيس، سندس پاڙيسرين ٻه سنديس پچر ڪرڻ بدران ڳالهه ئي ڪٽي ڦيرائي، هو پوءِ سالڪ بابت پنهنجا رايا ظاهر ڪرڻ لڳا. ڪي ته ڪيس چريو سمجهي، مٿس کِلندو ڪرڻ لڳا، پر هو ويچارو سائينءَ ڪي سنياريندو، حق جي راهه وٺندو پئي ويو.

چُونم مَرُ چرَي ٿي، پَرَ جي سڌ سٽين،
مَرُ مونهين ڪي ڏين، ماٺهو اڇو ميهٽا.
(شاهه)

ٻه دلئي جي ڳالهه اتي پوري ٿي.

باب ٽيون

# سالڪ جي گمراهي

اچي پيا آت ۾ ، وات وڃائي جن،
اُوءِ بصير برن ۾، انڌا ٿيو اُين.
(شاهه)

سالڪ هينئر اڪيلو ٿي اڪيلو سوڙهي دروازي ڏي رخ رکي پئي ويو، تہ پريان ڪو ماڻهو ايندو ڏٺائين، جو ميدان لتاڙي ساڻس ملڻ لاءِ ٿي آيو. انهيءَ شخص جو نالو هو "دنيوي عقلمند". هو هڪ وڏي شهر جو وينل هو، جنهن جو نالو هو "نفساني خواهشون". ۽ اهو شهر سالڪ جي وطن کي ويجهو هو هن دنيوي عقلمند کي سالڪ جي توري گهٽي سُڌ اڳيئي هئي، جو جئن هو دنيوي ٽڳا توڙي حق جو طالب ٿيو هو، تئن سندس وطن ۽ ان جي آس پاس وارن شهرين ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهن سنديس پچر پئي ڪئي، تنهن ڪري مشهور ٿي ويو هو، دنيوي عقلمند جڏهن ڪيس ويجهو اچي پهتو، تڏهن سندس ڏکئي هلڻ، ٿڌن شيڪارن پرڻ ۽ ڪنجهڪار ڪرڻ مان سهي ڪيائين، تہ سالڪ اهو آهي. هو پوءِ ڪيس ڪيڪاري ساڻس ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو.

عقلمند: يلا مانس، ڪٿ ٿا پانيون، ههڙا ڏکيا ڪيڏانهن پيا وڃون؟

سالڪ: سچ پچ، جهڙو ڏکيو ڇنجي تهڙو هلان پيو. توهان جڏهن پڇيو آهي، تہ ڪيڏانهن ٿو وڃان، تڏهن توهان کي ٻڌايان ٿو، تہ مان هن پريئن سوڙهي دروازي ڏي و جان ٿو. ڏس مليو اٿم، تہ اُتي مون کي اهڙي وات ڏيندا، جنهن تي هلڻ ڪري پنهنجيءَ هن ڳري ٻوجي کان ڇٽي پوندس.

عقلمند: توهان کي زال ۽ ٻار ٻچا آهن؟
سالڪ: هائو، پر هن ڳري بوجي ڪري هاڻ هنن مان منهنجيءَ دل کي اها خوشي نٿي حاصل ٿئي جهڙي اڳي ٿيندي هئي، پنهنجي دل ڪري ايئن پيو سمجهان جڻ ته مون کي نڪو هينئر ڪو مٽ مائٽ آهي، نڪو اڳي هو.
عقلمند: جيڪڏهن مان توهان کي ڪا صلاح ڏيان ته ٻڌندؤ؟
سالڪ: جيڪڏهن صلاح چڱي هوندي ته چو نه ٻڌندس. چڱي صلاح مون کي ته پاڻ گهرجي.
عقلمند: منهنجي صلاح اها اٿوَ ته چر چوٽ ڪري، پاڻ کي پنهنجي انهيءَ بوجي کان ڇڏايو، چو ته جيستائين ائين نه ڪندا، تيستائين توهان جو من لهر ۾ نه ايندو، ته ڏٺيءَ جيڪي برڪتون عطا ڪيون آهن، تن جو تيستائين فائدو وٺي ڪين سگهندؤ.
سالڪ: مان ڳوليان ٿي اهي ڳالهيون پيو، منهنجي من جي مراد ئي اها آهي ته هن بوجي کان ڇٽان، پر اهو بوجو مان پاڻهي لاهي نٿو سگهان. منهنجي ملڪ ۾ به اهڙي ڪا پهر ڪانهي، جا هيءُ بوجو منهنجن ڪلهن تان لاهي سگهي. انهيءَ سبب هيءَ واٽ ورتي اٿم، ته هن بوجي کان ڇٽان.
عقلمند: توهان کي اها صلاح ڏني ڪنهن، ته پاڻ کي بوجي کان ڇڏائڻ لاءِ اها واٽ وٺو؟
سالڪ: هڪ معزز نوراني شخص منهنجي لاءِ اچي پرگهٽ ٿيو، تنهن مون کي اها صلاح ڏني.
عقلمند: اهو عقل جو دشمن ڇئبو جو توهان کي اهڙي اونڌي صلاح ڏني اٿس. مان توهان کي پڪ ٿو ڏيان ته توهان کي جيڪا واٽ ڏسي اٿس تنهن جهڙي ڏکي ۽ پوائتي واٽ سڄيءَ دنيا ۾ بي ڪانهي. جيڪڏهن سندس چوڻ تي لڳندؤ، ته پوءِ

جهڙا ڏک ڇئجن تهڙا ڏسندؤ. مان ڏسان ٿو تہ ڪجھ تڪليف توهان سني بہ آهي، جو توهان جن ڪيڙن تي نااميديءَ جي ڏبڻ جي ڳپ لڳي پيئي آهي. اها وات جيڪي ونندا اهن، تن جي دکن جي شروعات ٿيندي ئي انهيءَ نااميديءَ جي ڏبڻ سان آهي. مان توهان کان عمر ۾ چار ڏينهن وڏو آهيان، تنهن ڪري منهنجي ڳالھ ٻڌو. توهان جيڪا وات ورتي آهي تنهن ۾ توهان کي ٿڪ، دک، بک ۽ خوفن خطرن کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندو: انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ڪونہ ملندو ۽ ترار، شينهن، اجگر ۽ اوندھ کي منهن ڏيڻو پوندو. ٻن اکرن ۾ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ موت کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ هن وات ۾ ملڻو نہ آهي. هيءُ سڀ ڳالهيون سچون ڪري سمجهجو، جو ڪيترن ساک ڀري انهن ڳالهين جي تصديق ڪئي آهي. اهو بہ ڪو عقل جو ڪم آهي ڇا جو ڪنهن ڌارئي جي ڳالھ ٻُڌي ٻڌي، ڪنهن بہ ڳڻ ڳوت کان سواءِ پاڻ کي ٻُوهي ۾ وجهجي؟

سالڪ: جن اَهنجن ۽ عذابن جو توهان ذڪر ڪيو، تن سڀني کان هيءُ بوجو مون کي وڌيڪ ڏکيو ٿو لڳي. حق جي راھ ۾ هلندي مون سان ڪجھ بہ ٿيندو تہ انهيءَ جوسانگو ڪونہ ڪندس، جيڪڏهن ڪٽي مري ويندس تہ بہ مون لاءِ کهڙي نہ خوشيءَ جي ڳالھ ٿيندي جو هن بوجي کان ڇٽي پوندس.

مر تہ مران ماءُ، موتڻ کان اڳي مران،
لڇي لالڻ لاءِ، شال پُونديس پير تي.
(شاھ)

عقلمند: اول مون کي اهو تہ ٻڌايو تہ هيءُ بوجو توهان تي پيو ڪيئن؟

سالڪ: هيءُ ڌرمي پستڪ جو هٿ ۾ اٿم تنهنجي پڙهڻ ڪري.

عقلمند: مون ٻه ايئن ئي سمجهو هو، چاڪاڻ ته توهان سان ٻه اهڙو ليکو ٿيو آهي جهڙو انهن مت هيٺن ماڻهن سان ٿيندو آهي، جي اهڙين ڳالهين ۾ ٿيپي پوندا آهن، جيڪي سندين سمجهه کان ٻاهر هونديون آهن، ۽ پوءِ پريشان ٿيندا آهن، انهن مڙسن کان سندين مڙسي پوءِ ڇڏائي ويندي آهي ۽ رڳو پريشانيءَ وچان پنهنجو جيءُ جوکي ۾ وجهندا آهن جيتوڻيڪ اهو پتو به ڪونه پوندو اٿن، ته اسان کي ڇا هٿ ڪرڻو آهي.

سالڪ: مون کي سڌ آهي، ته ڇا هٿ ڪرڻو اٿم، مون کي گهرجي هن ڳري بوجي کان ڇوٽڪارو، ته منهنجي اندر کي آرام اچي.

عقلمند: جڏهن ڏسو ٿا، ته هن راهه ۾ خوف خطرا آهن، تڏهن انهيءَ راهه ۾ اندر جو آرام يا روح لاءِ راحت ڪهڙي اکر ٿا ڳوليو؟ جيڪڏهن ٿڌي سيني منهنجي ڳالهه ٻڌندؤ، ته مان توهان کي اهڙي وات ڏسيندس، جنهن ۾ ڪي ٻه اهڙا خوف خطرا اوهان کي منهن ڏيئي نه ايندا، جهڙا هن راهه ۾ هلڻ ڪري ايندا.

سالڪ: تڏهن ڀلائي ڪري اهو ڳجهه مون کي کولي ٻڌايو.

عقلمند: ٻڌو ته ٻڌايانوَ، پويان هڪ بستي آهي جنهن جو نالو ”اخلاق“ آهي، ان کي ”نيتي“ ٻه سڏيندا آهن. اتي هڪ سگهڙ ماڻهو ”شريعت“ نالي رهي ٿو، جو نهايت سمجهو ۽ نانءُ ناموس وارو آهي، ڪيس اهڙو ته فن آهي جو اهڙيون پريون آسانيءَ سان لاهي سگهي ٿو. اڳي ٻه ڪيترن ماڻهن سان پنهنجا ڀال ڀلائي سندين اهڙيون پريون لاٿيون اٿس.

اهڙي بوجي ڪري ڪن کي تورو ڪي گهڻو سوداءُ ويڙهي ويندو آهي ۽ انهيءَ سوداءُ کان ڇڏائڻ جي ٻه اٽڪل اٿس. توهين وٽس وڃو ته هو تت وهندي توهان جي واهر ڪندو، سندس گهر هتان سڌ پنڌ مس ٿيندو. جيڪڏهن پاڻ گهر نه هوندو، ته سندس هڪ جوان پٽ ”لحاظ“ نالي وينو هوندو جنهن

ڪي ”مروت“ بہ ڪونہ ڏيندا آهن. اهو بہ پنهنجي پيءُ وانگر اهڙي مدد ڏيندو. اتي اڻ پڇو انهيءَ پنهنجي بوجي ڪان آجا ٿيندؤ، جيڪڏهن توهان ڪي پنهنجي ماڳ ڏي موٽي وڃڻو نہ هجي، تہ پلي تہ پنهنجي زال ۽ ٻار ٻچا گهرائي انهيءَ بستي ۾ رهجو. هينئر اتي گهٽي ئي گهر خالي پيا آهن، جن مان ڪونہ ڪو توهان کي پوري پني مسواڙ تي ملي سگهندو. کاڌي پيتي جو سامان اتي سُنو ۽ سستو آهي. پر جا ڳالهہ توهان جي جيوت کي وڌيڪ سکي ڪندي سا هيءَ آهي تہ اتي اَشراف پاڙيسرين سان عمدي نموني ۾ پت سان گذاري سگهندؤ.

دنيوي عقلمند هن ڪي حق جي راهہ کان هٽن برغلايو تہ طالب منجهي پيو ۽ بس ڪري بيهي رهيو، سگهوئي هيءُ خيال آيس تہ هيءُ سکر ماڻهو جيڪي چوي ٿو سو جيڪڏهن سچ آهي تہ منهنجي لاءِ سياڻپ جي وات اها ٿيندي تہ مان سنديس صلاح تي هلان. ڪانئس پوءِ پڇائين تہ ”شريعت جي گور ڏانهن ڪهڙيءَ وات کان وڃبو؟“

عقلمند: ”سامهون ٽڪري ڏسو ٿا؟“

سالڪ: ”هائو، سائين.“

عقلمند: ”توهين ايڏهين وڃو. ٽڪريءَ جي وَٽِ سان جيڪا پهرين جاءِ ڏسڻ ۾ اچيوَ، سا سنديس آهي.“

دنيوي عقلمند جي مت تي لڳي، هيءُ سالڪ حق جي راهہ ڇڏي، شريعت جي گهر ڏانهن مدد وٺڻ لاءِ ويو. جڏهن ٽڪريءَ جي ڪورَ وٽ پهتو، تڏهن ڏٺائين تہ ٽڪري اهڙي اونچي آهي، جو ان جي چوٽي آسمان سان پيئي ڳالهيون ڪري، ۽ ان جو هڪ پاسو ايتري قدر ٻاهر نڪتل ۽ هيٺ جهڪيل آهي، جو ممڪن آهي تہ منهنجي مٿان اچي ڪري، اتي دپ وچان هو ماٺ ڪري بيهي رهيو ۽ سمجهي نٿي

سگهيو تہ هاڻ ڇا ڪريان. پنهنجي وات ڇڏي هن وات ڏي اچڻ ڪري پنهنجي ڪنڌ وارو بوجو اڳي کان وڌيڪ ڳرو سمجهڻ لڳو. رڪي رڪي ٿڪري مان باهہ جون ڄڀيون بہ پئي نڪتيون، سو ڊپ اچي لڳس، تہ متان سڙي پسم ٿي وڃان. هو پوءِ سڄو ئي پگهر جي ويو ۽ ڊپ وچان ٿڙڪڻ لڳو. هينئر هٿ هٽڻ لڳو تہ ناحِق پرائي مت تي لڳس، ”پرائي مَتِ، ڪتي جي ڳَتِ.“ اتي اوچتو ئي ڏٺائين تہ ساڳيو نوراني شخص پريان پيو اچي.

هن ڪي سجاڻي ڏاڍو ڦڪو ٿيو، اهو نوراني شخص جڏهن ويجهو آيو تڏهن منهن ۾ گهنڊ پائي سالڪ ڏي نهاري پڇيائينس تہ ”هتي ڇا پيو ڪرين؟“ سالڪ جون ٻڀيون منجهي وييون ۽ وات مان وائي ڪانہ اُڪليس.

نوراني: تون اهو ساڳيو شخص آهين نہ، جنهن کي اڳي ٻاڏائيندو ۽ ٻاڪاريندو ڏٺو هوم!

سالڪ: هائو سائين، اُهوئي آهيان.

نوراني: مون توکي هن سوڙهي دروازي ڏي وڃڻ جو ڏس ڪونہ ڏنو هو؟

سالڪ: هائو سائين، توهان ئي مون کي ڏس ڏنو هو.

نوراني: تڏهن تو منهنجي ڏيکاريل وات سگهو ئي. ڇو ڇڏي ڏني؟ هاڻ تہ تون ڪُواٽو اچي پيو آهين.

سالڪ: سائين، نااميديءَ جي ڏٻڻ مان اجان نڪري ٻاهر ٿيس، تہ هڪڙو ماڻهو گڏيم، جنهن ڏس ڏنم تہ سا مُهين بستيءَ ۾ هڪ نيڪ مرد رهي ٿو سو تنهنجي ڪنڌ وارو بوجو لاهي سگهندو.

نوراني: اهو ڪير هو؟

سالڪ: ڏسڻ ۾ تہ سکر ماڻهو ٿي آيو، مون کي گهڻو سمجهائي، آخر پنهنجي ڳالهہ مڃايائين.

سندس چوڻ مجي هن پاسي آيس، تہ ڏنم تہ ٽڪريءَ جو پاسو ٻاهر نڪتل آهي ۽ اهو هن رستي کي اوراڻي بيٺو آهي، تڏهن ڊنس تہ متان منهنجي مٿان ڪري پوي.

نوراني: انهيءَ سڪر ماڻهوءَ توکي ڇا چيو؟

سالڪ: مون کان پڇيائين تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ مون بہ ڪٽي ٻڌايس.

نوراني: پوءِ توکي ڇا چيائين؟

سالڪ: مون کان پڇيائين تہ ٻار ٻچا اٿيئي؟ چيومانس تہ ”هائو، پر جيڪا پري ڪنڌ تي اٿم، تنهنجي ڪري اهي هاڻ مٺا نٿا لڳنم. پنهنجي بوجي کان ڇٽڻ لاءِ مان هاڻ هن سوڙهي دروازي ڏي وڃان ٿو تہ ڇوٽڪاري جي واٽ مليم.“ انهيءَ تي مون کي چيائين تہ مان توکي اهڙي واٽ ٿو ڏيکاريان، جنهن ۾ ايترين تڪليفون ڪينهَن جيترين هن واٽ ۾ آهن جا تو ورتي آهي. مون کي پوءِ هيڏانهن اچڻ جي واٽ ٻتائي، چيائين تہ هن ٽڪريءَ جي ڪورَ وٽ هڪ نيڪ مرد رهي ٿو، سو اهڙيون پريون لاهي ڄاڻي. سندس چوڻ سچو سمجهي مون توهان واري ٻتايل واٽ ڇڏي، هي راهہ ورتي، تہ من ڇوٽڪارو لهان. هتي هيءُ حال ڏسي ڊپ وچان بيهي رهيو آهيان، هاڻ پتو ڪونہ ٿو پويم تہ ڇا ڪريان.

نوراني: سالڪ کي اول ڪپي در ۽ نسچو يا پڪو يقين. ڏٺيءَ ۾ ايتري قدر يقين ڏارجي، جو پنهنجا سڀ ڪم ڪيس سپرد ڪري ڇڏجن، تہ پنهنجي ڪرم سان هو پاڻيهي سڀ ڪم راس ڪندو.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم،
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
تہ قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري هاج تو.
(شاهہ)

تو نڪي پنهنجي من جا وهم وساريا نڪي تو پورو يقين ڌاريو. پنهنجي عقل آهر. جنهن توکي هيڏانهن اچڻ جي صلاح ڏني تنهنجي ڳالهہ ڳُنڍ ٻڌي، تو سلامتيءَ جي راهہ مان پنهنجا پير ڪڍيا ۽ هاڻ ڪُو اٿو اچي پيو آهين تہ تنهنجي جان جوکي ۾ آهي ۽ چٽ ٿيڻ تي آهين. هينئر ٻڌ تہ توکي ٻڌايان تہ جنهن توکي اها اُونڌي مت ڏسي سو ڪير آهي ۽ جنهن وٽ توکي موڪليو اٿس سو ڪير آهي. جو ماڻهو توکي واٽ ۾ گڏيو سو دنيوي عقلمند آهي. انهن ماڻهن جو متو اهو آهي تہ دنيا جا مزا بہ ماڻجن ۽ سرڳ جا سک بہ هٿ ڪجن. سرڳ جي سکن هٿ ڪرڻ لاءِ هو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن لحاظ ۽ مروت ڌاربي ۽ نيتيءَ تي هلبو ۽ شريعت جو پابند ٿبو تہ پوءِ اڻ پڇو بهشت ۾ جاءِ ملندي ۽ هر قدم جو چوتڪارو حاصل ٿيندو، انهيءَ سبب هو سمجهن ٿا تہ اسان جهڙو ڌرمشٽ ۽ ديندار ٻيو ڪو هوندو ئي ڪونہ.“ پر يقين ڄاڻن گهرجي تہ ٻہ گدرا مٺ ۾ نہ ايندا.

ڪئن مائيندا من ۾ خودي ۽ خداءِ،
ٻن ترارين جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾.
(شاهہ)

دنيوي حرص، هوس جي ڄار کان ڇُٽڻ لاءِ اول پنهنجي من تي ضابطو رکڻ ضرور آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو

ڏهاڙي سنان پاڻي ڪري، پو تي پنو ڪڍي پڙهندو ۽ پاڻي اچاريندو، يا وضو ساري نماز پڙهندو؟ پر خيال ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن پيا ڊوڙندس، تہ چئبو تہ سچي مالڪ جي ڏيان ڏارڻ بدران سندس من ڀٽڪي ٿو ۽ جنهنجو من پيو ڀٽڪندو تنهن کي سچو سک ڪئن نصيب ٿيندو؟ انهيءَ مان تون پاڻ سمجهي سگهندين تہ رڳو پڳو شريعت تي هلڻ يا ڪرم ڪاندي ٿيڻ بس نہ آهي تون پاڻ اکين سان ڏسين ٿو تہ شريعت جو گهر هن ٽڪريءَ جي هينان آهي، جنهنجو هڪ پاسو گهٽو ٻاهر نڪتل ۽ نهايت جهڪيل آهي. اها ٽڪري ٻرندڙ جبل جي پُهائي آهي. انهيءَ مان باهہ جون چڻيون هينئر بہ پيون نڪرن. تنهنڪري شريعت جا پابند خطري کان ڇٽل نہ چئبا. منهنجي چوڻ جو اهو مطلب ڪونهي تہ شريعت تي هلجيئي نہ. لحاظ ۽ مروت ڌارڻ ۽ شريعت تي هلڻ بہ چڱا ڪم آهن، پر هميشہ جي ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ رڳوايترو بس نہ آهي.

روزا نمازون ايءُ پڻ چڱو
ڪم
پَر اُو ڪو بيو فهم،
جنهن سان پسجي پرينءَ کي.
(شاهہ)

جنهن دنيوي عقلمند توکي شريعت جي وات بتائي تنهنجي جسماني طبيعت آهي ۽ چاهي ٿو تہ ٻيا بہ سندس جهڙا ٿين. مون توکي روحاني طبيعت وارن جي ڏسيل وات ڏسي، پر تون منهنجي بتايل وات کان ڦرئين ۽ دنيوي عقلمند جي صلاح تي هلين، تہ اهو

تنهنجو قصور آهي، جيڪو دروازو مون توکي ڏسيو، سو هميشہ جي جياپي ڏي وڃي ٿو. اهو دروازو هن ڪري سوڙهو آهي، جو انهيءَ مان ڪي جزوي ماڻهو لنگهن ٿا، نہ تہ گهڻن جي ڊوڙ انهيءَ ڪليل واٽ ڏي آهي، جا دنيوي عقلمند توکي بتائي. تون پاڻ ڏسين ٿو، تہ اها واٽ خطري کان آجي نہ آهي، تنهن ڪري جي ڏنل صلاح کي ڏڪار، تو هن ڏي پرتيت ڪئي، تنهنڪري پاڻ کي بہ ڌڪار.

سالڪ: سچ پچ ڌڪار آهي مون کي جو دنيوي عقلمند جي صلاح تي هليو، پنهنجي واٽ ڇڏي ڏينم. هينئر مان بہ سمجهان ٿو تہ دين ۽ دنيا ٻئي گڏ هٿ اچڻ مشڪل آهن، هاڻ ڀلائي ڪري مون کي ٻڌايو، تہ منهنجي واسطي ڪا اميد آهي يا نہ؟ مان موٽي انهيءَ سوڙهي دروازي ڏي وڃي سگهان ٿو يا نہ؟ انهيءَ واٽ کي ڇڏي ڏنم تنهنڪري مون کي شرمندو ڪري اتان لوڏي تہ ڪين ڪڍندا؟ انهيءَ ڏوهہ لاءِ مون کي معافي ملي سگهندي يا نہ؟

نوراني: تون هيئن دل نہ لوڙهہ. پُٽ جيڪي اپراڌ ڪري ٿو سي سڀ سنديس ماءُ سدائين چت ۾ سانديندي ويندي آهي ڇا؟ هرگز نہ تڏهن ڏٽي جو رحيم آهي سو توتي پنهنجو رحم اوس ڪندو. جيڪڏهن پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي، سچيءَ دل سان پنهنجون بديون بخشائيندين تہ هو پنهنجي ٻاجهہ سان تنهنجا ڏوهہ مرهيندو. ڪڏهن بہ ڌڻيءَ جي ٻاجهہ کان نااميد نہ ٿيءُ

جي ليلهائي نہ لهين، تہ پڻ ليلهائيج،
آسرو مَ لاهيج، سجڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.
(شاهہ)

تون هاڻ وري سوڙهي دروازي واري وات وٽ انهي دروازي تي جيڪو دربان بيٺل آهي، سو ڪنهنجو منگهرو ڪونهي، تنهنڪري توکي اندر اچڻ ڏيندو، پر هاڻ خبردار تڄاڻ متان وري آوارو وڃي، پاڻ کي ڪنهن مصيبت جي منهن ۾ وجهين.

سالڪ هاڻ وري انهيءَ اڳوٽيءَ وات ڏي وڃڻ جي تياري ڪئي. هن نوراني شخص کيس ياڪر پائي، مرڪي چيو تہ ”هاڻ الله ٺهار!“ سالڪ پوءِ تڪڙو تڪڙو پنهنجي وات وٺي ايئن هلندو ويو جو جڻ تہ پرائي حد ۾ بيقاعدي دخل ڪري وينو هو، جتان چپ چاپ ۾ جهٽ پٽ نڪري ٻاهر ٿيٽو هوس. جيستائين شريعت جي حد اندر هو تيستائين ڪنهن سان رکو بہ ڪونہ ٻوليائين، جنهن وات ڪان دنيوي عقلمند ڦيريو هوس تنهن وات تي جيستائين نہ پهتو، تيستائين پاڻ کي سلامت نتي سمجهيائين.

سپيئي سنئينءَ ڪرين، ڪوم مُنجهايين وات،
سپيريان جي ساٿِ، لائو لڳو ميڙيين.
(شاهه)

✦

باب چوٿون

# سوڙهو دروازو

اڄا تو اَواڻ، واڻان پاسي وسيري،
سُنهين تيُ سُواڻ، تہ منجهان دل ذَڳُ لهين.
(شاهہ)

شريعت جي حد مان لنگهي، سالڪ پنهنجيءَ واٽ تي پهتو، تہ بہ جيءُ جاءِ نہ هوس، ڪتي سوڙهيون سڳرون تہ ڪتي پهٽيارا پٽ هئا، تہ بہ هي وِلاڙيندو ويو. اڄ، بڪ ۽ تڪ جي ڪابہ پرواھ نہ ڪري سوڙهي دروازي ڏي رخ رکي، پنڌ ڪندو ويو،

جان جيئن تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ تڏيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.
(شاهہ)

اهڙي ريت هلندي هلندي، نيٺ اچي انهيءَ سوڙهي دروازي وٽ پهتو. هتي اچڻ سان سالڪ ڏٺو، تہ انهيءَ دروازي تي لکيل هو، تہ ”ڪرڪايو تہ اوهان لاءِ اُپٽيو.“ انهيءَ سبب هن بہ تي گهمرا در ڪڙڪائي چيو تہ ”باجهارا، باجهہ پئي، دروازو ڪوليو“، تہ مون موڙهل جو ڪو منهن تئي.“

جي مون موڙهي مت، تہ تون پاڻ سجاڻج سپرين،
اصل اواين جا عيب ڍڪين تون اَتِ،
اِيَ پرين تنهنجي پت، جيئن ولهيون ڍڪين وَلها.
(شاهہ)

هن سچيءَ دل سان پڪاريو تہ دروازو کليو. سگهوئي. ”نيڪ نيت“ نالي هڪ سکر ماڻهو دروازي وٽ آيو ۽

پڇيائين تہ تون ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟ ڇا گهرجيئي؟

سالڪ چيس تہ مان هڪ گنهگار آهيان ۽ پنيءَ تي ڳري بوجي هئڻ سبب پيو هجان. مان ناسونت دنيا مان آيو آهيان ۽ ارادو اٿم تہ ملڪوت ۽ جبروت واري واٽ وٺي، لاهوت لامڪان ۾ پهچان، تہ هميشہ لاءِ ڇوٽڪارو لهان. توهين پلائي ڪري مون کي اندر اچڻ ڏيو، جو ٻڌو اٿم تہ اوڏهين وڃڻ لاءِ هن دروازي کان واٽ آهي.

نيڪ نيت چيس تہ "تون بلاشڪ اندر اچ. انهيءَ ڳالهہ ۾ مان دليون جانيون راضي آهيان." ائين چئي تت وهندي دروازو کوليائين.

سالڪ اجا اندر گهڙيو تہ ٻئي ڪنهن هٽ کان جهلي پاڻ ڏي ڇڪيس. انهيءَ تي سالڪ پڇيس تہ "هيءُ ڇا ٿيو؟" نيڪ نيت وراڻي ڏنيس تہ هن دروازي کان ٿورو پري هڪ مضبوط قلعو آهي جنهن جو مالڪ "نفس" آهي ۽ اهو عام طرح "ابليس" ۽ "شيطان" سڏجي ٿو. اهو ابليس ائين چاهيندو آهي تہ سيڪو سندس تابعي هجي ۽ حق جو طالب نہ ٿئي، تنهنڪري پاڻ ۽ سندس همراهہ هتي تير ڪٽي بيٺا آهن، تہ جيڪي هتي اندر گهڙن تن کي ماري مڃائجي. سالڪ چيو تہ منهجي جيتوٽيڪ ڊرڻ پيئي ڏڪي، تہ بہ خوش ٿيو آهيان، جو هن دروازي ۾ گهڙيو آهيان.

نيڪ نيت توکي هيڏانهن اچڻ جي هدايت ڪنهن ڪئي؟

سالڪ: هڪ نوراني شخص چيم، تہ هن سوڙهي دروازي ڏي وڃ ۽ جيڪي توکي ڪرڻ گهرجي، سو توکي اُتي ڏسيندا.

نيڪ نيت: دروازو تنهنجي اڳيان اُٽيل آهي. جن جي دنيا کان دل ڪٽي ٿي آهي تن لاءِ دروازو اٽيچو اُٽبو ۽ اهو ڪوبہ بند نہ ڪندو.

سالڪ: هاڻ منهنجا ڪشالا قبول پيا ۽ منهنجو سفر ساب پيو.

”شل وري آيس وَرُ،
سفر مئيءَ جا ساب پيا.
(شاهه)

نيڪ نيت: تون اڪيلو ڇو آيو آهين؟

سالڪ: جڏهن مون کي پنهنجي خوف جي خبر پيئي، تڏهن منهنجي پاڙيسرين کي ڪانه پيئي.

نيڪ نيت: تنهنجي هيڏانهن اچڻ جي ڪنهن کي به ڪَل ڪانه پيئي ڇا؟

سالڪ: پهريائين منهنجيءَ زال ۽ منهنجن ٻارن مون کي هيڏانهن ايندو ڏٺو ۽ مون کي سڏ ڪري چيائيون ته موٽي اچ. ڪيترو ئي رنائون رڙيائون. پر مون ڪنن ۾ ڪٺي آڱريون وڌيون. تنهن کان پوءِ منهنجا پاڙيوارا مون کي سڏ ڪرڻ لڳا، پر مان ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، هليو آيس.

نيڪ نيت: توکي موٽائڻ لاءِ منجهائن ڪو تنهنجي پنيان آيو ئي ڪونه ڇا؟

سالڪ: منهنجا ٻه پاڙيسري ننر ۽ ٻه دليو منهنجي ڪَڍَ پيا. ننر کان مون صفا ناڪار ڪئي، ته هو مون کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو واپس ويو، باقي ٻه دلئي کي مون پنهنجيءَ پَر ۾ سمجهايو ته هو مون سان ٿوري پنڌ تائين آيو.

نيڪ نيت: سچي واٽ توسان گڏجي ڇو ڪين آيو؟

سالڪ: واٽ تي نا اميديءَ جي ڏٻڻ هئي تنهن ۾ ٻئي ڪري پياسين، ته ٻه دليو نااميد ٿيو ۽ اڳتي وڌڻ تي دل نه وريس. جڏهن هٿن ۽ پيرن جو زور لڳائي، ڏٻڻ مان ٻاهر نڪتو، تڏهن چيائينم ته سرگ جا سک ڦبيا توکي، مان موٽي پنهنجي

ماڳ تو وڃان، هو پوءِ نئر جي پنيان ويو ۽ مان هيڏانهن هليو آيس.

نڪو ليکو ئي ٿيو، نڪو تتو ڏينهن،
ٿئان اوري نينهن، ڇنو آنڻ وارِيين.
(شاهه)

نيڪ نيت: افسوس آهي اهڙن ماڻهن جي حال تي! سندين نظر ۾ اٿل پروي اهڙي ڪين جهڙي آهي ڇا جو ان جي خاطر ٿوريون تڪليفون به نٿا سهن؟

سالڪ: جيئن مون ۾ دلئي بابت سچ چيو آهي، تيئن پاڻ بابت به جيڪڏهن نسچي ڳالهه ڪريان ته پوءِ هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪوبه فرق نه رهندو. دنيوي عقلمند مون کي برغلايو، ته مان به سندئين واٽ ڇڏي، موت واريءَ واٽ ڏي وڃڻ لڳس.

نيڪ نيت: هو توکي به گڏيو ڇا؟ جيڪڏهن تون سندس چوڻ ڪي، شريعت جي هٿان آرام ڳولين ها، ته توکي اهو هرگز حاصل نه ٿئي ها، تون سنديس صلاح تي هلئين ڇا؟

سالڪ: هائو، مان شريعت جي گهر ڏانهن ويس، سندس گهر هڪ اتاهين ٽڪريءَ جي هنج ۾ هو. انهيءَ ٽڪريءَ جو هڪ پاسو ايتري قدر هيٺ ۽ جهڪيل هو، جو مون ڀانيون ته اجهو ٿو منهنجي مٿان ڪري، تنهنڪري دپ وچان بيهي رهيس.

نيڪ نيت: جيڪي شريعت جي حد اندر رهن ٿا، سي ڪڏهن به خطري کان ڇٽل نٿا رهن، تون جي اوڏانهن وڃي ها ته تون به انهيءَ ٽڪريءَ جي هيٺان دبجي مري وڃين ها.

سالڪ: اهو نوراني شخص مون کي نه گڏجي ها، ته نجاڻا منهنجا ڪهڙا حال ٿين ها، ڏٽيءَ جي ٻاجهه سان هو وريءَ به اچي مون کي گڏيو ۽ دڳ لاتائين، نه ته مان

هتي هرگز نہ اچي سگھان ها، پنھنجن اپراڌن ڪري مان جيتوڻيڪ ٽڪريءَ جي هينان دٻجي مري وڃڻ جو لائق آهيان، پر تڏهن بہ مون سان وڏو وڙ ٿيو آهي، جو هتي اندر اچڻ جي موڪل ملي اٿم.

نيڪ نيت: هيڏانهن اچڻ کان اڳ ۾ ماڻهن کھڙا بہ ڪم ڪيا هوندا، تہ بہ اسين سندن هيڏانهن اچڻ تي ڪوبہ اعتراض ڪونہ اُٿاريندا آهيون ۽ ڪنهن بہ طرح ڪيز لوڏي ڪونہ ڪيندا آهيون. اي سالڪ، هاڻ تون مون سان ٿورو هل، تہ مان توکي تنهنجي واٽ ڏيکاريان، سامهون نهار. هوءَ سوڙهي واٽ ڏسين ٿي؟ اها "طريقت" جي راهہ سڏجي ٿو، جيڪي شريعت جي منزل ماري، هيڏانهن اچن ٿا، سي هن طريقت جا تجربا پرائي، معرفت جي ماٿ سان ڏيساندر ڏورين ٿا ۽ جڏهن حقيقت جي منزل تي پهچن ٿا، تڏهن حق سان ملي هڪ ٿين ٿا، اها ئي واٽ نبين ۽ اوليائن تيار ڪئي آهي ۽ جڳن کان حق جي طالبن اختيار ڪئي آهي، ۽ آهي بہ بلڪل سنئين سڌي.

سالڪ: هن واٽ ۾ اهڙا تہ ڪي ور وڪڙ ڪينهَن جو ڪو اڻ يوميو مسافر مُنجهي پوي؟

نيڪ نيت: هن واٽ ۾ وراڪا ۽ ور گھٽي ئي آهن. ڪٿي بر پٽ بيابان تہ ڪٿي جبلن پٺيان جبل، جيڪو جبل لنگھجي ٿو سو "هيبت جو هاتي"! پر اهي سڀ پاسيرا آهن ۽ اوڏهين ڪيترا ڪشادا رستا بہ آهن، طريقت جي راهہ سڃاڻڻ جي نشاني هيءُ آهي تہ اها سوڙهي ۽ سنئين آهي. جنهن شيطان (نفس) توکي هتي اندر اچڻ مهل ڇڪيو. سو توکي حيران ۽ پريشان ڪرڻ لاءِ

هزارين هيلا هلائيندو، پر سُوات ۾ ڪُواٽ جي پوري پروڙ توکي تڏهن پوندي، جڏهن تون مالڪ لاءِ سچي محبت من ۾ ڌاري، پنهنجو هنئون حقيقت سان گڏي ڇڏيندي. محبت جهڙو ٻيو آڳهه آهيئي ڪونہ.

ڪونهي آڳهہ ڪو ٻيو، جهڙي محبت من.
(شاهہ)

نفس توکي گهڻو ئي ڀرمائيندو ۽ ڀنيلائيندو، پر مالڪ لاءِ جيڪڏهن سچي محبت تنهنجي من ۾ هوندي، تہ پروردگار پاڻ تنهنجو رهبر ٿي توکي پنهنجي واٽ ڏانهن ڪندو. انهيءَ تان نفس گهڻوئي ڪامندو ۽ پڇندو ۽ توسان جنگ جوٽڻ ايندو، پر تون انهيءَ جهاد اڪبر ۾ سوڀارو ٿيندين. نفس کي نهوڙي نيندين، تہ آسانيءَ سان سڀ منزلون ماري، هميشہ جي حياتي هٿ ڪري سگهندين. پوءِ توکي نڪو ڀوءُ نڪو ڀولو، نڪا لهر نڪو لوڏو.

ڪرڙا ڏونگر، ڪهہ گهٽي، جت برپٽ سُڃن ٻيبان،
ڏاهن ڏاهپ وسري، ٿيا حريف ئي حيران.
سسئيءَ لنگهيو، سيد چئي، محبت سين ميدان،
جنهنجو آرياڻي اڳواڻ، تنهنکي ڪانهي ڀاڪ ڀهير ۾.
(شاهہ)

سالڪ: مان پنهنجو لڪ لانچي، انهيءَ راهہ ۾ گهڙڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڀُنيءَ تي جيڪو هيءُ بوجو اٿم سو مون کي هلڻ مهل هلاڪ ڪندو، توهين منهنجو اهو بوجو لاهي سگهندؤ؟

نيڪ نيت: حال تون اهو بار صبر ڪري سهہ. طريقت جو تڙ تانگهي، جنهن مهل معرفت جي منزل تي پهچندي،

تنهن مهل تنهنجي اها پنڌ پاڻ کان پاٺهي لهي وجي پري پوندي، جو پوءِ دک توڙي سک، ۽ پاپ توڙي پُڃَ، سان تنهنجو ڪوبہ واسطو ڪونہ رهندو. معرفت جي منزل تي پهچڻ شرط سالڪ کي ايتري حيرت لڳي ٿي، جو ڪيترن بہ بندڻن ۾ بدل هوندو، تہ هڪڙي چرڪ سان اهي سڀ چني ڦٽا ڪندو،

نوَ نير، ڏهہ ڏانوٽيون، پندرنهن پٺر پياسي،
بغل ۾ بگهاڙيون، لگين لوهہ لڳاسي،
جُہ سڄڻ يار پياسي، چرڪ چنائين هيڪڙي.
(شاهہ)

هي وراٽي بڏي سالڪ گدگد ٿيڻ لڳو ۽ تن من نري پيس، پنهنجو سندرو چڪي بڏائين ۽ پني واريءَ پرڻي جو ڪوبہ سانگو نہ ڪري، پنڌ پوڻ جو سعيو ڪيائين، جڏهن نيڪ نيت کان موڪلايائين، تڏهن هن ڇيس هتان ٿوري پنڌ تي هڪ گهر ڏسندين، اهو ”معبر“ جو گهر آهي، سندس دروازو ڪڙڪائي، ساڻس ملج، تہ هو توکي نهايت عمديون ڳالهيون بڏائيندو ۽ پنهنجي تعبير يا ارٿ توکي سمجهائيندو ۽ اهي ڳالهيون سفر ۾ توکي گهڻي قدر ڪمائتيون ٿينديون.

✕

باب پنجون

# سالڪ لاءِ سبق

ساري سڪ سبق، شريعت سندو، سهٽي،
طريقان تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن ڪي
(شاهه)

سالڪ پوءِ پنڌ ڪندو ڪندو اچي معبر جي گهر وٽ پهتو ۽ ور ور ڏيئي سندس دروازو ڪڙڪايائين. نيٺ اندران هڪڙو ماڻهو دروازي وٽ آيو ۽ پڇيائينس ته تون ڪير آهين؟ سالڪ وراڻي ڏنيس ته مان هڪ مسافر آهيان. هن گهر جي ڌڻيءَ جي هڪڙي واقف چيم ته هيڏانهن اچڻ ڪري گهڻو لاڀ ٿيندءِ، تنهنڪري مرضي اٿم ته ساڻس ريجهه رهاڻ ڪريان. هن پوءِ پنهنجي ڌڻيءَ کي سڏ ڪيو، جو ٿوري ويرم کان پوءِ آيو ۽ سالڪ کان پڇيائين ته توکي ڇا گهرجي؟ سالڪ چيس ته ”سائين، مان ناسونت دنيا کان آيو آهيان ۽ ملڪوت ڏي وڃڻ جي مرضي اٿم. هن واٽ جي منهن تي جيڪو دروازو آهي، تنهن تي جو دربان آهي، تنهن مونکي هيڏانهن موڪليو ۽ چيائين ته اتي توکي اهڙيون عمديون ڳالهيون ٻڌائيندا جي توکي سفر ۾ ڪارائتيون ٿينديون. معبر چيس ته اندر آءُ ته مان توکي تنهنجي فائدي جون ڳالهيون ٻڌايان. هو پوءِ سالڪ کي پاڻ سان گڏ پنهنجيءَ هڪ خانگي ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويو، ۽ پنهنجي نوڪر کي چيائين ته ڏئو ٻار. نوڪر ڏئو ٻاريو، ته سالڪ هڪ گنڀير ماڻهوءَ جي تصوير پٽ ۾ ٽنگيل ڏٺي. تصوير واري ماڻهوءَ جون اکيون آسمان ڏانهن هيون، هٿ ۾ هڪ ڏرمي پستڪ هوس، دنيا ڏانهن سندس

پٺ هئيءَ مٿي تي سونهري چٽ هوس ۽ بينو اهڙي طرح هو، جو جڻ تہ ماڻهن کي ليلهائي رهيو آهي، تڏهن سالڪ پڇيو تہ هن جو مطلب ڇا آهي؟

معبر چيس تہ هيءُ ڪامل مرشد جي تصوير آهي. هر ڪو ماڻهو پهريون گهمرو پنهنجي ماءُ پيئان جمي ٿو؛ پر ٻيو جنم هن کي پنهنجي مرشد يا دست گروءَ وٽان ملي ٿو ۽ هو ”دوج“ يعني ٻيو پيرو ڄاول سڏجي ٿو. هو جيئن ئي ٻيو جنم وٺي ٿو تہ وري مري نٿو.

مرٽا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئٽا اڳي جي جيا.
(شاهہ)

تصوير ڏسين ٿو تہ هن جون اکيون آسمان ڏانهن آهن پٺ دنيا ڏانهن اٿس ۽ هٿ ۾ هڪ ڌرمي پستڪ اٿس. انهيءَ جو مطلب هيءُ آهي تہ سندس مُهر مالڪ ڏي ايتري قدر آهي، جو دنيوي پدارٿن کي پٺ ڏيو بيٺو آهي. سندس مٿي تي سونهري چٽ آهي تنهنجي معنيٰ تہ ڌڻي جي دربار ۾ اهوئي پنيج پروان ۽ اهو ئي پنچ پرڌان آهي، جنهنڪري وڏائيءَ جو چٽ مليل اٿس، سنديس شڪل ڏس تہ کهڙي نہ نوراني آهي ۽ ڪئن نہ پيئي ٻهڪي!

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پونءِ پڻ بسم الله چئي، راهہ ڇمي ٿي رند،
اُپيون گهٽي ادب سين، وني حورون حيرت هند،
سائينءَ جو سوگند، ساجن سنيئان سهڻو.
(شاهہ)

تصوير ۾ ڏس تہ هو بينو اهڙي طرح آهي، جو جڻ تہ ماڻهن کي منٿ ٿو ڪري، تہ دنيوي پدارٿن جي پنيان پئي، پنهنجي آور جا اکيار تي نہ ڪريو، پر پنهنجي ڌرمي پستڪن پٽاندر حق جي راهہ

تي هلو. انهيءَ راهه ۾ رهنمائي ڪندڙ اهو پاڻ آهي ۽ اوڪيءَ ۾ آڳهه به اهو پاڻ آهي.

صالح تي سُڌير، سڻ هنئين سين هيڪڙي،
منجهان لنءُ، لطيف چئي، پَرِ ۾ پيچ پيرُ،
ڏاران منهن مرشد جي، ڳُهِ ڳنڍُون ٻَنِ ڪيرَ،
جو اسم چوءِ اَميرُ، ويهه تهين سين واڳجي.
(شاهه)

معبر چيس تہ مون توکي پهريائين پهريائين هيءُ تصوير هن لاءِ ڏيکاري آهي، تہ تون سمجهين تہ گروءَ بنا گت ڪانهي. جئن ڪنئون گند ۾ رهي تو ۽ ٻاهر نڪرڻ جي نتو ڪري، تئن اگياني جيو اگيان يا اوديا جي ڪري دنيوي پدارٿن کي لپٽيو رهي ٿو ۽ حق جي راهه وٺڻ جي نتو ڪري، انهيءَ اوديا جي روڳ کان ڇڏائڻ وارو اهو ست گرو پاڻ آهي.

ست گر من ٺاريو، ٽٽو ڪوٽ جنم جو،
ڏئي ٻاري گهر ۾ ٺاڪر ڏيکاري
سامي نواريو، اوديا روڳ اندر جو.
(سامي)

جنهن ماڻهوءَ کي ڪو مرشد يا هادي ڪونهي، سو انهي ٻيڙي جي مثل آهي جنهن جو ڪوبہ ساٿي ڪونهي اهڙي ٻيڙيءَ کي جئن واءُ گهليندو تئن گهلجي لهواري لڙهندي ويندي ۽ آخر اهڙي ڪنهن اوڙاهه ۾ وڃي پوندي، جتان وري پتو بہ ڪونہ پوندس، اها بہ پڪ ڄاڻجہ، تہ جنهنجي رهبري ڪرڻ وارو ڪو ڪونہ هوندو، تنهنجو رهبر نفس (شيطان) ٿيندو ۽ اهو ڪيس اوس نهوڙي نيندو، سالڪ کي گهرجي تہ خود نفس کي نهوڙي، تنهنڪري ئي تصوير وارو ماڻهو بين کي ليلهائي رهيو آهي، تہ سنسار ۾ رهي، ڪي ساڳاهي هلو ۽ انهي پاڪ پروردگار جي راهه وٺو جنهن سان آخر

اوهان جو ڪم آهي. اچو ته آءٌ اوهان کي آتم ڏن ڏيان.

ست گر جهڙو شاهه ڪونه ڏنوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پوري آتم ڏن اُتاهه،
نڪي پڇيائين ذات پات نڪي پڇائين راهه،
ڪري من اڇاهه، سامي چڙيائين چن ۾.
(سامي)

معبر پوءِ سالڪ کي هٿ کان وٺي هڪ وڏي کوٺيءَ ۾ ويو. انهيءَ کوٺيءَ کي ڪنهن ٻهاري ڏيئي صاف ڪونه ڪيو هو، تنهنڪري سڄي مٽي سان پريل هئي. معبر پوءِ پنهنجي نوڪر کي ٻهاري پائڻ جو حڪم ڏنو. هن ٻهاري پائڻ شروع ڪئي، ته ايتري ۾ ڌوڙ اُٿي جو سالڪ گهٽجڻ لڳو. انهيءَ تي معبر هڪڙيءَ ڇوڪريءَ کي چيو ته هتي اول پاڻيءَ سان ڇڙڪار ڪر. ڇٽڪار ڪرڻ سان مٽي ويٺي ۽ پوءِ ٻهاري پيئي ته کوٺي سگهو ئي صاف ٿي پئي.

سالڪ پڇيس ته هن ڳالهه جو مطلب ڇا؟ معبر وراڻي ڏنيس ته هيءَ کوٺي انهيءَ ماڻهوءَ جي دل مثل آهي جنهن تي مرشد جي فيض جو ڇنڊو اڃا نه پيو آهي ۽ هر طرح جي وڪارن ۽ گناهن جي ڌوڙ سان پريل آهي، جنهن ماڻهوءَ ٻهريائين ٻهاري ڏيڻ شروع ڪئي سو شريعت جي مثل آهي، هو ٻهاري پائڻ لڳو ته ايتري دز اٿي جو کوٺي ته صفا ڪين ٿي، پر مرڳو تون پاڻ گهٽجڻ لڳين. انهيءَ مان سمجهه ته شريعت دل کي گناهن کان پاڪ نه ٿي ڪري، پر اٿلندو گناهه کي اُٿاري، جيءَ ۾ زور وٺائيس ٿي. شريعت جو ڪم رڳي ايترو آهي ته گناهه کي پڌرو ڪري ٿي ۽ اُن جي ڪرڻ کان روڪ ڪري ٿي، پر گناهه کي بند ڪرڻ جي طاقت ڏيئي نٿي سگهي. پوءِ تو ڏٺو ته جڏهن ڇوڪريءَ پاڻي آڻي ڇنيو تڏهن مٽي ويٺي ۽ کوٺي سهنجائيءَ سان صاف ٿي، انهيءَ جو مطلب هيءُ آهي ته جڏهن مرشد جي مهر جي نظر ٿئي ٿي، تڏهن دل تي اهڙو ڇنڊو پوي ٿو، جو گناهه

بند ٿي وڃي ٿو ۽ هردو اهڙو اوجل ٿي پوي ٿي، جو سالڪ پنهنجي هردي ۾ پنهنجي مالڪ جو مشاهدو ماڻي سگهي ٿو.

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو، ته سالڪ کي معبر هٿ کان وٺي ٻيءَ هڪ ننڍيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويو، جنهن ۾ ٻه ٻار ويٺا هئا. انهن مان وڏي جو نالو ”حرص هوس“ ۽. ننڍي جو نالو ”صبر“ هو. وڏو ٻار ارهو ڏسڻ ۾ ٿي آيو، پر ننڍو نهايت سرهو هو. معبر کان سالڪ پڇيو ته هن وڏي ٻار جي ارهائيءَ جو سبب ڪهڙو اهي؟ معبر وراڻي ڏنيس ته سندن ڏٿيءَ جي مرضي آهي ته ٻئي ٻار چڱين نعمتن ملڻ لاءِ هڪڙو ورهيه ترسن، وڏو ٻار ترسڻ لاءِ تيار نه آهي، تنهنڪري ارهو ٿيو، منهن موڳو ڪيو ويٺو آهي، پر ”صبر“ ترسڻ لاءِ تيار آهي، تنهنڪري سندس شڪل سرهي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو ته ڪو ماڻهو ڏن جي ڳوٿري ”حرص هوس“ جي اڳيان رکي ويو. ڏن ڏسي هو نهايت خوش ٿيو ۽ پنهنجي ڀاءُ ”صبر“ تي کلڻ لڳو جو اهو اجا آئيندي جي آس رکي ويٺو هو. مون پوءِ ڏٺو ته وڏي ڀاءُ ٿوريئي وقت ۾ سمورو ڏن لٽي پورو ڪيو اهو پئسو ڪونه بچيس جو ڪپڙو وٺي پنهنجو انگ ڍڪي، تنهنڪري لينگهون پئي لوڏيائين.

سپني ۾ ڪنگال، راجا ٿيو هڪ ديس جو،
هاٿي، گهوڙا، پالڪيون، ميڙيائين سڀ مال،
در تي بيٺا ڪيترا سامي ڪن سوال،
جاڳيئي اهو احوال پنندو وتي پاڻ ئي.
(سامي)

انهيءَ تي سالڪ معبر کي چيو ته هن جو مطلب به مون کي سمجهايو معبر چيس ته هيءُ وڏو ٻار ”حرص هوس“ انهن دنيوي ماڻهن جي مثل آهي جي چون ته سڀ ڪجهه هنيئر ئي ، هن سال يعني هن دنيا ۾ نهه پهه ملي هو

ٻئي سال يعني ايندڙ جهان تائين ترسي نہ تا سگهن ۽ بريز بريز لايو ڏين.

”فردا مون ڦتي ڪئي، وعدي ڏي تہ وهان.“

(شاهہ)

مطلب تہ هو چون تہ جيڪي هن دنيا ۾ نهہ پهہ ملي سو ماڻيندا رهون، پر تو ڏنو تہ هن وڏي بار سي ڪجهہ سگهو ئي اڏائي ڇڏيو، ۽ ٽگڙين ڪان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪنن بچيس، تنهن جهان جي پڄاڙيءَ ۾ هن دنيا جي حرص هوس وارن ماڻهن جي بہ اها ئي حالت ٿيندي، هو ننڍو بار انهن ماڻهن جئ مثل آهي جن جي هن لوڪ جي نعمتن تي نگاهہ ڪانهي ۽ پر لوڪ جي نعمتن ملڻ لاءِ هن دنيا ۾ صبر ۽ شڪر سان پنهنجو وقت ڪاٽين ٿا. سالڪ چيو تہ مان هاڻ سمجهان ٿو تہ صبر گهٽين ڳالهين ڪري سياڻو آهي: هڪڙو تہ هو چڱين نعمتن لاءِ ترسي ٿو، ٻيو تہ جڏهن پاڻس ڪي وجي ٽگڙيون بچنديون تڏهن ڪيس وڏائي مان ملندا. معبر چيس تہ مان جيڪر هئن بہ چوان تہ هن ناسونت دنيا جون نعمتون بہ سگهوئي ناس ٿي وينديون، پر ايندڙ جهان جي ملڪيت وڃڻ جي نہ آهي، تنهنڪري وڏي ياءُ ڪي پنهنجون شيون هينئر ئي هٿ ڪري، ننڍي ياءُ تي ڪلڻ نہ گهرجي، پر پاڻ سندس صبر سارهڻ گهرجيس. اهو ڄاڻن گهرجي تہ پهرين پوئين ڪي جاءِ ڏيندو، پر جو سيني ڪان پڄاڙي ۾ ٿو اچي، تنهنڪي ڪنهنجي بہ لاءِ جاءِ ڪرٽي نتي پوي، انهيءَ سبب چئبو تہ جيڪو پنهنجو حصو پهرين ٿو وٺي، سو اهو خرچي سگهي ٿو، پر جيڪو پنهنجو حصو پوءِ ٿو وٺي سو پرلوڪ ۾ هميشہ تائين پيو ماڻيندو، سالڪ چيو تہ انهيءَ منجهان مان سمجهان ٿو تہ هاڻي ڪپن فاني شين جي لالچ ڪرڻ نہ گهرجي، پر ايندڙ وقت فنا وارين لاءِ ترسڻ مناسب آهي.

هتان هڏ نہ چڏجان صبر شڪراني
ذوق زمانو، مون ور! ويو وسري.
(شاهہ)

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو تہ سالڪ کي معبر هڪ ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويو، جنهن جي پٽ جي پرسان باهہ پئي ٻري، هڪڙي ماڻهوءَ باهہ وسائڻ لاءِ گهڻوئي پاڻي پئي وڌو، تہ بہ باهہ پنيٺ ڪري پئي ٻري، سالڪ پڇيو تہ هن جو مطلب ڇا؟ معبر پوءِ ڪيس انهيءَ ساڳي پٽ جي ٻئي پاسي وٺي ويو، جتي هڪ ماڻهو تيل جو دٻو ڪنيون بينو هو ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ اهڙيءَ ريت تيل پئي اوتيائين جو پٽ جي ٻئين پاسي باهہ ۾ پئي پيو. سالڪ چيس تہ هن جو مطلب ڇا؟ معبر چيس تہ هن سالڪ جي دل ۾ جيڪا سچي محبت پنهنجي مالڪ لاءِ جاڳي ٿي، سا هن باهہ جي مثل آهي، انهيءَ باهہ وسائڻ لاءِ جو پاڻي پيو وجهي، سو نفس يا شيطان آهي. سندس مطلب اهو آهي تہ سالڪ پنهنجي مالڪ جي محبت اُجهائي، منهنجو تابعدار ٿي رهي. پٽ جي ٻئي پاسي جو ماڻهو تيل جو دٻو هٿ ۾ ڪنيون بينو آهي، سو ڪامل مرشد جي مثل آهي، ستگرو جنهن سان همراهہ ٿئي ٿو، تنهنجي اندر جي محبت اجهامڻ نٿو ڏئي ۽ پنهنجي فيض جو تيل اوتيندو وتي، جنهن ڪري نفس جا سڀ ڪشالا ڪُٺي ٿين ٿا، جئن هيءَ ماڻهو پٽ جي پنيان ٻيهي باهہ ۾ تيل اوتيندو پيو وجي، تئن ستگرو يا سچو مرشد بہ ڳجهہ ئي ڳجهہ ۾ سالڪ جا ڪم اهڙيءَ ريت راس پيو ڪري جو خود سالڪ کي پتو ڪونہ ٿو پوي، تہ ڪئن ڏينهون ڏينهن منهنجي چڙهوچڙهندي ٿيندي پئي وڃي.

ٻريائي تہ ٻار، ڦوڪ تہ لڳي انبرين،
هتي جي هئڻ جون وٿون سڀ وسار،
سموري سرڪار، نيئي رکج ناهہ ۾.
(شاهہ)

مون پوءِ ڏٺو تہ معبر سالڪ کي هٿ کان جهلي، هڪ محلات جي دروازي ڏي ويو، جتي ماڻهن جا انبوهہ بيٺا هئا، سيني جي اندر وڃڻ جي خواهش هئي، پر ڪو جريت ساري نٿي سگهيو جو اندر پير پائي سگهي. انهيءَ دروازي ڪان ٿورو پري هڪڙو ماڻهو منڍ وٽ وينو هو ۽ هڪ ڪتاب ۽ قلمدان اڳيان هئس، سو انهيءَ لاءِ تہ جيڪو اندر وڃي تنهنجو نالو لکجي. دروازي وٽ پهري ڏيڻ لاءِ ڪيترا زرهہ ڍڪيو بيٺا هئا ۽ هٿيار هٿن ۾ هئن، تہ جيڪو اندر اچي تنهنجي سيج پڇائجي. هيءُ حال ڏسي سالڪ ٿورو وائڙو ٿيو. سلاحدارن جي ڊپ کان جڏهن سڀ هٽي، پاسو ڪري بيٺا، تڏهن سالڪ ڏٺو تہ هڪ مانجهي مڙس هن محرر وٽ آيو ۽ چيائينس تہ منهنجو نالو داخل ڪر. سندس نالو داخل ٿيو تہ هو پنهنجي ترار اگهاڙي ڪري ۽ هزاري هول پائي دروازي ڏانهن وڌيو، ۽ هٿياربند ماڻهن جي مٿان ڪاهي ويو. هنن بہ مٿس ڏاڍي ڪاهہ ڪئي، پر هن همت نہ هاري، ڪيترن جون سسيون لٽي ڌڙ کان ڌار ڪيائين ۽ ڪيترن کي کهي ڳترا ڳترا ڪيائين. انهيءَ ڪان پوءِ بہ ڪن ڪيس اندر وڃڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪيس ڦٽي وڌائون، پر هيءُ مڙس اموٽ هو. جن اندر وڃڻ کان روڪيس تي تن کي ڪاري زخم رسائي، محلات ۾ اندر ويو. اندر ڪيترا ماڻهو هئا، جن مان ڪي محلات جي ڪڌ تي سونهري ويس وڳا ڍڪي پئي آيا ويا، هنن سيني هن سورهيہ کي وٽندڙ ۽ وڏي آواز سان چيو تہ ”اندر آءُ، اندر آءُ ۽ هميشہ جي وڏائي ڪٽ“. انهيءَ تي هو اندر ويو ۽ جهڙا ڪپڙا محلات وارن ماڻهن کي پيل هئا. تهڙا ڪيس بہ مليا. سالڪ چيو تہ هن جي معنيٰ مان سمجهان ٿو، هاڻ مون کي اجازت ڏيو تہ وڃان. معبر چيس تہ اجا ٿورو ترس تہ توکي ڪي بيون شيون ڏيکاريان تنهن کان پوءِ پنڌ پئج.

معبر پوءِ سالڪ کي هڪ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويو. جتي هڪ ماڻهو لوهه جي پڃري ۾ ويٺو هو. سندس منهن لٿل هو، اکيون هيٺ هيس، ٻئي هٿ ٻڌي ويٺو هو ۽ شيڪارا ائين پئي پريائين ڄڻ ته جگر ٽي ڏريس، سالڪ پڇيو ته هن جو مطلب ڇا؟ معبر چيس ته انهيءَ ماڻهوءَ کان پڇ. سالڪ پوءِ هن قيديءَ ڏي منهن ڪري ساڻس گفتگو ڪئي.

سالڪ: تون ڪير آهين؟

قيدي: مان هاڻ اهو آهيان، جو اڳي نه هوس.

سالڪ: تون اڳي ڪير هئين؟

قيدي: اڳي مان پنهنجي ۽ ٻين جي نظر ۾ ڏاڍو ديندار هوس. ائين پئي سمجهيم ته مان حق جي راهه ۾ هلي رهيو آهيان ۽ سرڳ جا سک نصيب ٿيندم. اهڙا خيال ڪري خوش پيو ٿيندو هوس.

سالڪ: هاڻ تون پاڻ بابت ڇا ٿو سمجهين؟

قيدي: مان هاڻ ناميديءَ ۾ اهڙو قاتل آهيان، جهڙو هن پڃري ۾ مونکي قاتل ڏسين ٿو، هاڻ مان ٻاهر نڪري نٿو سگهان. نااميدي هر طرح ويڙهي ويئي اٿم ۽ منهنجو هاڻ ڇٽڻ ڪونهي.

سالڪ: هھڙيءَ حالت کي تون پهتين ڪيئن؟

قيدي: مون پاڻ تي پهرو نه رکيو ۽ پرهيزگاريءَ کان پاسو ڪيم، حرص هوس جي گهوڙي کي ٻه چيڪ چڏي ڏنم، مون پوءِ مالڪ جا گڻ وساري ۽ سندس امر اورانگهي پنهنجي آتما کي دکي ڪيو. شيطان کي منهنجي جيءَ ۾ جاءِ ملي ۽ هن منهنجي اندر ۾ اچي واسو ڪيو.

سالڪ: هاڻ ڪا اميد آهي، يا سڄي عمر نااميدي جي پڃري ۾ قاتو پيو هوندين؟

قيدي: هاڻ مون کي ڪابه اميد ڪانهي.

سالڪ: سچيءَ دل سان پڇتاءُ ڪندين تہ مالڪ تنهنجا ڏوهہ توکي مرهيندو.
قيدي: منهنجي دل اهڙي پٿر تي پيئي آهي جو سچو پڇتاءُ ڪري نٿو سگهان.

انهيءَ تي معبر سالڪ کي چيو تہ هن ماڻهوءَ جي حالت هميشہ دل ۾ ياد ڪري خبردار رهج. سالڪ چيو تہ ڏٺي ڪندو تہ مان سدائين پهري سجاڳ ۽ پرهيزگار تي رهندس ۽ اها ئي دعا گهرندو رهندس تہ جن ڏوهن ڪري هن جا اهڙا حال ٿيا آهن، تن کان پري رهان.

معبر پوءِ سالڪ کي هٿ کان وٺي ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويو. اتي ڏسي تہ هڪڙو ماڻهو بسترو ڇڏي اٿيو ۽ جيئن ڪپڙا تي مٿايائين تئن ڏڪيو پئي. سالڪ پڇيو. هيءُ ماڻهو هيئن ڪرڙي وانگر ڇو پيو ڦٿڪي معبر چيو تہ اهو ڪانئس پڇ. پوءِ هن ماڻهوءَ کي چيائين تہ هن سالڪ کي پنهنجي ڏکڻ جو سبب ٻڌاءِ.

هن پوءِ پنهنجو احوال هن طرح ٻڌايو:

رات هڪ سپنو لڌم جنهن ۾ ڏٺم تہ سڄو آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڇانئجي ويو، وڄ پئي ڪنوين ۽ رعد جي رڙ اها پي پيئي جو ڪليون تي ڪنبيون، وري جو مٿي نهاريم تہ ڏٺم تہ بادل تہ کهڙا تکڙا پيا ڊوڙن. اتي مون کي توتاري جو وڏو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڏٺم تہ هڪ شخص ڪڪرن مٿان سوار هو ۽ سندس چوڌاري هزارين ملائڪ موجود هئا. هو سيئي ٻرندڙ باهہ جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ تي آيا ۽ آسمان بہ پئي ٻريو. سگهو ئي ڪنهن بلند آواز سان چيو تہ ”اوهين جيڪي مئل آهيو، سي اُٿي عدالت ۾ حاضر ٿيو. انهيءَ آواز ٿيڻ شرط قبرون پنجي پيون، ۽ مردا نڪري آيا، جن مان کي سرها ڏسڻ ۾ پئي آيا، تہ ڪن جبلن جي چُرن ۾ لڪڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. مون پوءِ ڏٺو تہ جو شخص ڪڪرن جي مٿان سوار هو، تنهن ڪتاب کولي جهان جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ فرمايو، پر

سندس اڳيان خوفناڪ باهہ هئي، تنهنڪري ماڻهو ڪانئس ايترو پري بيٺا هئا، جيترو عدالت خاني ۾ قيدي جج کان پري بيٺا هوندا آهن، سندس اڳيان ڪيترائي گنَ هئا. نن کي حڪم ڏنائين تہ "خَسُ گاهہ، ٻُهہ ۽ ڪُتيون ٻرندڙ مچ ۾ وجهو." هن اجا ائين چيو تہ جنهن هنڌ مان بيٺو هوس تنهن هنڌ هڪ اونهو اوڙاهہ ٻنجي پيو ۽ انهيءَ مان گهڻو دونهون ۽ ٽاندا ڀيانڪ ٽڪات ڪندا نڪتا. انهن ساڳين گنن کي هيءُ بہ حڪم ڏنائين تہ منهنجي ڪٽڪ پاندن ۾ ڪني ڪريو، انهيءَ مهل مون ڏٺو تہ منجهائن گهڻا بادلن ۾ ڪجي ويا ۽ آءٌ اڪيلو پنيان رهجي ويس. دل ۾ آيم تہ پاڻ کي لڪايان پر پاڻ لڪائي ڪين سگهيس، ڇو تہ جنهنجي سواري بادلن تي هئي تنهنجي نظر مون ۾ هئي، اتي مون کي پنهنجا پاپ سجهي آيا ۽ وويڪ جا وڍ پوڻ لڳم، تہ ننڊ مان جاڳي پيس. سالڪ پڇيس تہ:

پوءِ تون هيترو ڪنبين ڇو ٿو؟ وراڻي ڏنائين تہ مون ڀانيون تہ عدالت جو ڏينهن اچي ويو آهي مگر مان عدالت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهيان. گهڻو انهيءَ ڳالهہ کان ڊنس جو ملائڪ ڪيترن کي کڻي ويا ۽ مون کي اُتي ئي ڇڏي ڏنائون دوزخ جو منهن بہ انهي هنڌ ڦٽيو جنهن هنڌ مان بيٺو هوس. وري جو وويڪ وڍ وڌم ۽ ڏٺم تہ حاڪم جي نظر بہ مون ۾ آهي تہ سندس منهن مان معلوم ڪيم تہ مون تي ڏمريل آهي، سو ڪُرڙي وانگر ڦٿڪڻ لڳس.

انهيءَ تي سالڪ کي معبر چيو تہ هيءُ سڀ ڳالهيون ياد رکجہ، ڇاڪاڻ تہ جنهن راهہ ۾ توکي هلڻو آهي تنهن ۾ اهي توکي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪنديون. سالڪ پوءِ ڪمر ٻڌي هلڻ لڳو تہ معبر چيس تہ "تسلي ڏيندڙ" توسان سدائين سنگ هوندو ۽ حق جي راهہ ۾ اهو ئي تنهنجو رهبر ٿيندو. آسيس ٻڌي سالڪ سرهو ٿيو ۽ معهر کان موڪلائي هليو ويو.

✖

باب ڇهون

# اهکي راهه

اهکي راهه الله جي، اهکي آهکيءَ پَتِ.
(شاهه)

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو تہ سالک تکڙي وک کڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، پر ڪنڌ تي پريءَ هئڻ سبب ڏاڍي ڏکيائي تي تيس. انهيءَ حال سان بہ هو توريئي وقت ۾ گهڻو پنڌ ڪري ويو. پنڌ ڪندي ڪندي پنهنجي واٽ کان پاسيرو هک نڻءَ ڏنائين جنهن ۾ تي جوان ستا پيا هئا. سالک کين سجاڳ ڪرڻ لاءِ وٺن وڏي ويو، تہ ڏنائين تہ تنهي کي پيرن ۾ پيکڙا پيل هئا. منجهائن هکڙي جو نالو هو "پورڙو" ٻئي جو "آلسي" ۽ ٽئين جو "البيلو". سالک سڏ ڪري چين تہ اوهين انهن ماڻهن وانگر آهيو، جي ڪوهي جي چوٽيءَ تي تا سمهن. اُهي جي پاسو ورائيندا تہ اٽيچو پاٽيءَ ۾ وجي پوندا ۽ ٻڏي ويندا.

نڻءَ ۾ نندون ڪن، وڄ ڪوندي ويسرا،
اُتان اسارن، وڃي وَهه واڪا ڪيو.
(شاهه)

اڙي پائي، سجاڳ ٿيو، هتي مُهائين مرون بہ پيا گهمن. توهان کي پيرن ۾ پيکڙا پيا آهن، تہ هو آسانيءَ سان اوهان کي اچي جهليندا ۽ اوهان کي ڪائي پورو ڪندا. اهو ٻڌي هو ٽيئي ڏانهس نهارڻ لڳا ۽ پنهنجي پنهنجي عقل آهر ڪيس جواب ڏيڻ لڳا:

پورڙي چيس تہ "مان ڊپ جو ڪوبہ سبب ڪونہ ٿو ڏسان."

آلسيءَ چيس تہ "يَرَ، اجا توري اک لاٽي اتم."

البيلي چيس ته ”توکي اجايا پيا گمان پون سپڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي.“

ڦرَ کان رڳي ڄرَ چِڙڻ نه گهرجي، جڏهن ڪا مينهن ڏهوڪيون چڪون. آفت ايندي ته انهيءَ کي ڏسي ونبو.

ايئن چئي هو وري سمهي پيا ۽ سالڪ پنهنجي وات وني هليو ويو، پر دل ۾ اهو فکر هوس ته هيءُ ماڻهو ههڙي جوکائتي هنڌ سمهيا پيا آهن، ته به منهنجي صلاح نٿا ونن. پيرن مان پيڪڙن لاهڻ ۾ به جيڪر واهر ڪريان، پر هو منهنجي ڳالهه ٻڌن به نٿا.

هو پوءِ سندن عقل تي ارمان ڪائيندو اڳتي وڌيو، ۽ ائين سمجهڻ لڳو ته منهنجي جسم تي سونهري جامو چڙهندو پيو وڃي ۽ جئن جئن حق جي راهه ۾ هلندو پيو وڃان تئن تئن اهو وڌيڪ ڀهڪندو پيو وڃي ۽ ڪنڌ وارو بوجو به هلڪو ٿيندو پيو وڃي. اُتي سندس دل ۾ فخر جاڳيو، ۽ ڀانيائين ته مان هاڻي ڪنهن وڏي پد کي پهچندو پيو وڃان، جو مورکن واريون واٽون ڇڏي، حق جي راهه تي هلان ٿو. اُتيئي اهو عقل آيس، ته هن قسم جو ڀانور، جو دل ۾ جاڳڻ شروع ٿيو آهي، سو ڪنهن وقت مون کي آڏو ايندو، تنهنڪري اهڙي قسم جو خيال پنهنجي من منجهان، موقوف ڪرڻ مناسب ڄاتائين.

ڇنيسر سين چاءُ، متان ڪا مُنڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهنجو نه وٺي، گيرب ۽ گاءُ،
جي ٽِڙي تورڙيان، ته دوس دسائي داسڙو.
(شاهه)

سالڪ پوءِ اڳتي وڌيو ته ڏٺائين ته وات جي ٻنهي پاسن کان هڪڙي يت هئي، جنهن جو نالو ”مڪتي“ يا ”چوٽڪارو“ هو. جنهن سوڙهيءَ وات کان پاڻ ويو پئي تنهنجي ڪبي پاسي واري يت تان ٻن ماڻهن کي ٽپندو ڏٺائين. انهن مان هڪڙي جو نالو ”رسم دوست“ ۽

ٻئي جو نالو ”پاڪنٻي“ هو. جڏهن اهي سندس ويجهو آيا، تڏهن سالڪ پڇين ته:

”ادا، اوهين ڪٿان ٿا اچو ۽ ڪاڏي ٿا وڃو؟“

هنن وراڻي ڏنيس ته ”اسين“ ذات جا ”لباڙي“ آهيون، اسان جو وطن ”ظاهر پرستي“ آهي ۽ هن وقت ملڪوت جي منزل تي بندگيءَ لاءِ ٿا وڃون.

سالڪ: جيڪو سوڙهو دروازو هن واٽ جي منهن تي آهي، تنهن کان ڇو نه آيا؟ پتيون پٽي ڪنهن حد ۾ گهڙڻ چورن جو ڪم ليکيو وڃي ٿو.

رسم دوست: اسان جي ملڪ جا ماڻهو هيترو پنڌ ڪري، سوڙهي دروازي کان اچڻ اجايو ٿا سمجهن. سنڌن دستور آهي پٽ ٽپي اندر گهڙن، اسان به اهوئي رستو اختيار ڪيو آهي، ”ڏسيا چال ڪُلا ڌرم.“

سالڪ: ملڪوت جي درگاهه جو والي توهان جي اها هلت پسند نه ڪندو.

رسم دوست: تنهن ۾ تنهنجو ڪهڙو واسطو؟ اسان جيڪي ڪيو آهي سو پنهنجيءَ رسم رسمات موجب. جيڪڏهن ضرور ٿيو ته اسين انهيءَ ڳالهه جا شاهد ڏينداسين، جي ساک تي چوندا ته اها رسم ڪن جڳن کان هلندي اچي.

سالڪ: عدالت مهل توهان جي اها حجت هلي ڪين سگهندي.

رسم دوست: ڪورٽن ۾ جيڪي قاعدا جاري آهن، تن مان هڪڙا ديني ڪتابن يا ڌرمي پستڪن ۾ جاڻايل ڳالهين تي ٻڌل آهن ۽ ٻيا رواجن ۾ رسمن تي ٻڌل آهن. جڏهن اسان واري رسم ڪن ڪسابن کان هلندي آئي آهي، تڏهن مصنف اها هڪ شرعي ڳالهه سمجهي اٽيچو قبول ڪندو.

پاڪندي: اسان جو مطلب رڳو ايترو هو، ته اسين هن واٽ ۾ اچون، پوءِ ڪٿان به اچون. تون سوڙهي دروازي کان آيو آهين ته به هن واٽ ۾ آهين، ۽ اسين پٽ ٽپي آيا آهيون، ته اسين به هن واٽ ۾ آهيون، پوءِ تو ۾ ۽ اسان ۾ باقي ڪهڙو تفاوت رهيو؟

سالڪ: تفاوت هيءُ آهي ته مان پنهنجي ڌرمي پستڪ ۾ لکيل ڳالهين پٽاندر انهيءَ راهه تان هلان ٿو جا نبين ۽ اوتارن ڏسي آهي ۽ اوهين پنهنجيءَ دل تي هلو ٿا ۽ رڳي ديڪا ديکي ڪريو ٿا.

رسم دوست: تون پنهنجي ڳالهه ڳڻ ۽ اسان جي ڳڻتي ڪانه ڪر. هِنَ جي چو ڳالهه ڳڻين ٿو؟

ڳالهه ڳڻي تان پنهنجي ڳڻ،
ڪاٿان آئين، ڪاڏي وينڊين؟
هيءُ حقيقت دل سان هڻ.
(غريب)

پاڪندي: اها پڪ آهي ته جيئن تون پنهنجي ڌرمي پستڪ پٽاندر هلين ٿو، تيئن اسين پنهنجيءَ ريت رسم موجب هلون ٿا، تنهنڪري تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ ڪوبه فرق ڪونهي، ايترو آهي ته توکي هڪ سهڻو ڪرتو بُتَ تي پيل آهي جو اسان کي ڪونهي. اهو شايد ڪنهن شاهوڪار توکي ٻاجهه ڪري ڏنو ٿو ڏسجي.

سالڪ: منهنجي مالڪ جي مهر جي نظر مون تي آهي تنهنجي نشاني اهو سونهري جامو آهي، انهيءَ جواب تي هو ٻئي ڄڻا هڪٻئي ڏي نهاري مٺس کلڻ لڳا، پر ڪو جواب ڪونه ڏنائون. پوءِ ته ٽيئي ساڳي واٽ وٺي هلندا ويا. سالڪ جي پٺيءَ تي بوجو هو، ته به هو ڪائن ڪجهه اڳيرو پئي ويو ۽ هو ٻئي شاهاڻي ٽور پئي هليا.

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو تہ هو ٽيئي پنڌ ڪندا ڪندا هڪ ٽڪريءَ جي ڪورَ وٽ وڃي پهتا، انهيءَ ٽڪريءَ جو نالو هو ”مشڪلات“.

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون ٽَنَ اندرتيئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
ڪرم جوِ ڪاڍو، نا تہ پَٿرِ ڪير پنڌ ڪري؟
(شاهہ)

ٽڪريءَ جي اونچائي ۽ اُن جا آڏ ترڇا آهرا ڏاڪا ڏسي هنن بن ڄڻن جي دل ڏهلجي ويئي. ملڪوت ڏي وڃڻ جي سوڙهي واٽ انهيءَ ٽڪريءَ تان سنئين پئي ويئي، پر نهايت اٽانگي هئي، تنهن ڪري هيءَ سڄي ٽڪري مشڪلات جي ٽڪري سڏبي هئي. ٽڪريءَ وٽان ٻيون ٻہ ٻہ واٽون نڪتيون ٿي: هڪڙي سڄي پاسي ۽ ٻي کٻي پاسي، هنن ٻن ڄڻن پانيون تہ اهي واٽون وڃين ٽڪري جي پوئين پاسي انهيءَ ساڳيءَ واٽ سان گڏبيون، جنهن تان سالڪ پيو وڃي. هنن پوءِ سالڪ واري سوڙهي ۽ سنئين واٽ ڇڏي، پاسي وارين واٽن ڪان وڃڻ جو ارادو ڪيو جو اهي ڪين سوليون سهنجون ٿي لڳيون. انهن مان هڪڙيءَ واٽ جو نالو هو ”جوکي“ ۽ ٻيءَ جو ”تباهي“. منجهائن هڪڙي جوکي واري واٽ ورتي، تہ وڃي ڪنهن جُوهيل جهنگ ۾ پيو ۽ ٻئي تباهيءَ واري واٽ ورتي تہ اهڙي ڪنهن هنڌ وڃي پهتو جتي ڪڏن ڪوٻن ۾ ٿابا کائي ڪري پيو ۽ موٽي نہ اُٿيو، سالڪ هيڪلوئي هلندو ويو.

هيڪليائي هاڻ، پورينديس پنهونءَ ڏي،
ڪنديس ڪوهيارل سين، رچي روح رهاڻ،
رلي چلي چيرين ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ.
آهيان گهٽو اجاڻ، پر سوُر پريان جا ساڻ مون.
(شاهہ)

منهنجو سمورو ڌيان هاڻ سالڪ ۾ هو. سپني ۾ ڏٺم ته ٽڪريءَ جي وَٽِ سان هڪ پاڻيءَ جو چشمو هو. انهيءَ مان پاڻي پي، پاڻ کي تازو ڪري، ٽڪريءَ تي چڙهيو، پر واٽ اهڙي اٽانگي، جو هر ڪنهن جي جاءِ نه هئي جو اتان هلي سگهي. هو پوءِ پير پير ۾ پئي ويو، پر ڪٿي ته پير ڪوڙڻ به ڏکيو پئي لڳس. جڏهن پيرن سان پنڌ ڪرڻ مشڪل ٿيس تڏهن هٿن ۽ گوڏن تي هلڻ لڳو.

هٿين، پيرين مونڙين، پُري ڪج پرڪ،
قدم ڪيچ ڏٽين ڏي، پاءِ وڏندي وڪ،
جي هُونئي هوتن لڪ، ته به پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.
(شاهه)

ائين هٿ پير هلائيندو ريڙهيون پائيندو ۽ گيسيون ڳهندو، ٽڪري جي اڌ واٽ کي پهتو. اتي هڪ لانڍي ڏٺائين جا جبل جي ڌڻيءَ واٽهڙن جي ويسرام لاءِ ٺهرائي هئي. سالڪ به هتي ساهي پٽڻ ۽ ڏينهن ٺارڻ لاءِ لانڍي ۾ لنگهي ويو. سنديس واندڪائيءَ جي وندر اهو ڌرمي پستڪ هو جو ساڻ هوس. هيءُ اهو پستڪ ڪڍي پڙهڻ ويٺو. سندس جسم تي جيڪو سونهري جامو هو سو جيئن پوءِ تيئن ويو وڌيڪ ڀهڪندو، پر ڊپ لڳس ته اهو ڏسي متان اندر ۾ ايمان جاڳي، سو سمورو ڌيان، پستڪ پڙهڻ ۾ لڳايائين پڙهندي پڙهندي جهوٽا کائڻ لڳو ۽ اتيئي اک لڳي ويس. هٿن ۾ جيڪو پستڪ هوس سو پٽ تي ڪري پيس، ته پتو ڪونه پيس، وراند ٿائين گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو: هو اجا ننڊ ۾ ئي هو ته ڪنهن شخص اچي اٿاريس ۽ چيائينس، ته ”اي آلسي، تون ماڪوڙي وٽ وڃي، سنديس هلت ڏسي، سياڻو ٿيءُ.

ستا، اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نه ٿئي.
(شاهه)

هيءُ هڪل ٻڌي سالڪ سجاڳ ٿيو ۽ ايتري ننڊ ڪرڻ تان ارمان ٿيس. چي هيءُ مانجهاندي جو ماڳ، سو مون ساڻيھ سمجهي هيتري ننڊ ڪئي ۽ ائين ڪرڻ مون کي مناسب نہ هو، هو پوءِ تڪڙو تڪڙو پنڌ ڪندو، ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي وڃي چڙهيو

هاڻ هيئنُ ٿيو جو ٻہ ڄڻا سندس سامهون ڊوڙندا آيا ۽ ساڻس اچي گڏيا منجهائن هڪڙي جو نالو هو "ڊڄڻو" ۽ ٻئي جو "ڪوسياهو" سالڪ پڇين تہ توهين پٺ تي ڇوتا موٽو؟ ڊڄڻي چيس تہ اسين ملڪوت ڏي وڃڻا هواسين، پر هتان جيئن اڳتي وڌياسين، تيئن ڏکيائي ويئي وڌندي، هھڙو اٽانگو سفر پاڻ کان نہ پڄندو، ڪوسياهي چيس، اسان واٽ تي ٻہ شينهن ٻہ ڏٺا، خبر نہ آهي تہ جاڳيا پئي يا ننڊ ۾ هئا. اها پڪ آهي تہ جيڪڏهن سندن ويجهو وڃون ها، تہ اسان کي ڪائي پورو ڪن ها، هيءُ حقيقت ٻڌي سالڪ جي همت هارجي ويئي ۽ منجهي لولا لولا تي پيو. چي هاڻ هيءُ مڪتيءَ جو مارگ ڇڏي ڪيڏانهن وڃان؟ جيڪڏهن موٽي ناسونت دنيا ڏي ويندس، تہ اٽيچو ناس ٿيندس ۽ دوزخ جا در ڏسڻا پوندم. جيڪڏهن اڳتي وڌندس، تہ سفر جون سختيون سهڻيون پوندم ۽ شايد شينهن جو شڪار ٿيندس، ڪا گهڙي هيڄڻ هوڄڻ لڳو، پر پوءِ اڳتي وڌڻ جو پڪو ارادو ڪيائين.

پرڻ پنهونءَ پٺ ۾، اي سعادت سنديام.

(شاهہ)

اڳتي وڌڻ ۾ جيتوڻيڪ سِرَ جي سٽ ڏيڻي پوندي تہ بہ پس پيش هميشہ جو جياپو ملندو، تنهنڪري پوئتي پير ڪڍڻ بدران اڳيري وک وڌائڻ واجب آهي. ڊڄڻو ۽ ڪُويساهو ٻئي پوءِ مشڪلات جي تڪري تان لهي، پنهنجن ماڳن ڏي موٽيا، پر هيءُ سالڪ ساڳي سوڙهي واٽ وٺي، پهڻن تان پنڌ ڪندو ويو.

ڪرڙا ڏونگر، ڪهہ گهٽي، جت ماتر متاهين،
سُجن تا سيد چئي، مُرن مَهائين،
آرياڻي آهين، مَنَهن معذورنِ جي.
(شاهہ)

واٽ جي خوفن ۽ خطرن بابت خيال ڪندي، دل ۾ آيس، تہ پنهنجي بغل مان ڪتاب ڪڍي پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ پڙهان. پنهنجي بغل ۾ هٿ وڌائين تہ ڪتاب هئوئي ڪونہ اُتي سالڪ جي هٿن مان ڪي ڪري پيو. چاڪاڻ تہ سندس هٿان اها شيءِ هلي ويئي جنهن ڪيس واٽ ۾ تسلي ٿي ڏني ۽ جا جيڪر ملائڪن جي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سنديس سَندَ ٿئي ها. انهيءَ سبب سندس وايون وليون ٿي ويون. پوءِ چيتو جاءِ ڪري ويچارڻ لڳو تہ اهو ڪتاب ويو ڪيڏانهن؟ نيٺ ياد آيس تہ جنهن لانڍيءَ ۾ ڏينهن ٺاريو هوم ۽ ننڊ ڪئي هيم، اتي شايد اهو ڪتاب ڇڏيو اٿم. پوءِ ڪتاب ڳولڻ لاءِ اُهيئي پير ورني موٽيو. واٽ تي نهاريندو پئي ويو تہ متان واٽ تي ڪٿي ڪيرايو هجيم. واٽ تي ڪتاب هئو ئي ڪونہ، تنهنڪري موٽي لانڍيءَ تائين وڃڻو پيس. انهيءَ تان پنهنجيءَ ننڊ جي ڳالهہ ياد آيس تہ دل ۾ گهڻو ڏک ٿيس. دل ۾ چوڻ لڳو تہ جيڪا جاءِ جبل جي ڏٺي مسافرن جي روحاني فائدن لاءِ جوڙائي آهي سا مون جسماني سک لاءِ ڪم آٽي، منجهس ننڊ ڪئي، مون کي روح کان وڌيڪ جسم پيارو لڳو، تنهنڪري ڏکار آهي مون کي جو مون اتي اک لاتي ۽ هينئر پري کان موٽي هيڏانهن پنڌ ڪرڻو پيو اٿم. اهڙي ساڳي حالت بني اسرائيلن سان بہ ٿي هئي، جن کي سندن گناهن جي ڪري قلزم سمنڊ کان موٽي پٺ تي وڃڻو پيو هو. مان جيڪڏهن ننڊ نہ ڪريان ها، ۽ پنهنجو پستڪ نہ وڃايان ها، تہ هيج مان اڳتي

هلندو وڃان ها، ۽ هيستائين ڪيترو ئي پنڌ ڪري وڃان ها. هاڻ مون ڪي اها واٽ ٿي گهمرا هلڻي پيئي آهي، جا جيڪر پهرين ئي گهمري پوري ڪريان ها. هاڻ اهو بہ ڊپ آهي تہ شايد رات اتيئي پئجي ويندي جو هينئر سج لهڻ تي آهي. اهڙا ويچار ڪندو هو لانڍيءَ وٽ اچي پهتو ۽ امالڪ اندر گهڙي ويو. پريائين پنهنجي ڪتاب تي نظر پيس تہ خوش ٿي وڃي ڪنيائين ۽ آسمان ۾ اکيون اٽڪائي پروردگار جا شڪرانا مڃيائين جو وڃايل شيءِ موٽي مليس. پوءِ ڪتاب بغل ۾ وجهي، تڪڙو تڪڙو، هلڻ لڳو اجا ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تائين پهتو ئي ڪين تہ سج لهي ويس.

وينجي مون ويو، لڙي سج لڪن تان،
آءٌ ڏوريندي ڪيترو، پهڻن پير پيو،
سُورن ساڻ سِهو، اچي ٿيم جيڏيون.
(شاهہ)

سج لاڙائو ٿيو، تہ ڏينهن جو جيڪا ننڊ مورڪائي ڪري ڪئي هوائين، سا ياد ڪري پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو تہ ”اي همياري ننڊ، تنهنجي ڪري هاڻ مون کي واٽ ۾ رات ٿي پوي، هاڻ اوندهہ وچان پيچري جو پتو ڪونہ پوندم ۽ ڦاڙيندڙ مرن جو ڀيانڪ آواز ٻڌڻو پوندم.“

آهي ننڊ ندوري ۽ آرسي اياڳ،
سمهڻ سور ساڙو اُٺي يار جاڳ!
(گل)

سالڪ کي هينئر ڊڄڻي ۽ ڪوسياهي جي ڳالهہ ياد آئي، تہ ڪئن هو شينهن ڏسي ڊنا هئا. اتي دل ۾ چوڻ لڳو تہ مرون رات جي وقت شڪار لاءِ گهمندا آهن. جيڪڏهن اهي مون کي اونداهيءَ ۾ گڏيا تہ انهن کان ڪيئن بچي سگهندس. اُهي

اٽيچو چيري قاڙي ڪائي ويندم. مون پاڻ سان پاٽيهي ڪئي آهي، پوءِ قسمت ڪي ۽ مالڪ کي ڪهڙو ڏوهه ڏيئي سگهندس؟

ستينءَ سنجهيئي، منهن ويڙهي مئن جيان،
اوجاڳو اکين کي جاتي نہ ڏيئي،
هتان تو پيئي، تي ڪچو ڪيچين کي ڪرين؟
(شاهہ)

اهڙا ويچار ڪندو ۽ پنهنجيءَ غفلت تي ارمان ڪائيندو اڳتي وڌيو. ڪنهن وقت ڪنڌ مٿي ڪنيائين تہ پري ڪان رستي جي پر ۾ هڪ عاليشان عمارت ڏٺائين، جنهن جو نالو ”سهٽي“ هو.

✦

باب ستون

# بچاءُ جو بندوبست

سمر جني نہ ساڻ، هوت حماتي تن جو.
(شاهہ)

سالڪ پوءِ ٽڪرو ٽڪرو پنڌ ڪندو پي ويو، تہ من انهيءَ عمارت ۾ رات رهڻ جي موڪل مليم. اجا ٿوروئي پنڌ ڪيائين، تہ هڪ بنهہ سوڙهيءَ سڄر ۾ گهڙيو، جتان اها عمارت سڏپنڌ تي هئي. انهيءَ سوڙهي سڄر مان جئن سنيالي سنيالي پئي هليو، تئين بن شينهن تي نظر پيس. اهي شينهن زنجيرن سان ٻڌل هئا، پر اونداهيءَ سببان زنجيرون نظر نہ آيس، هاڻ سمجهي ويو تہ هتي برابر خوف آهي ۽ انهيءَ خوف جي ڪري ئي ڊچٽو ۽ ڪويساهو هتان موٽي آيا هئا. هينئر پاڻ بہ ڊجڻ لڳو ۽ دل ۾ آيس تہ مان بہ هنن جي پنيان موٽي وڃان، نہ تہ جيئن اڳيرو وڌندس تئين موت کي ويجهو پوندس. انهيءَ عمارت اڳيان "بيدار" نالي هڪ چوڪيدار بيٺو هو، هن ڏٺو تہ سالڪ بيهي رهيو آهي ۽ شايد موٽي ويندو، سو هڪل ڪري چيائينس تہ تو ۾ همت بہ اها آهي، جو هنن شينهن کان ڊڄين ٿو؟ ڊپ نہ ڪر اهي شينهن زنجيرن سان ٻڌل آهن. اهي رڳو پريکيا لاءِ هتي بيهاريا ويا آهن تہ پتو پوي تہ ڪهڙن ماڻهن کي پڪو نسچو آهي ۽ ڪهڙن کي ڪونهي. تون واٽ جو وچ ئي وچ وٺي هليو اچُ تہ پوءِ توکي ڪوبہ جوکو ڪونہ رسندو.

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو تہ هو چوڪيدار جو چوڻ مڃي، اڳتي وڌيو شينهن گجگوڙ ڪئي تہ هن کي اچي ڏڪڻي پيئي، پر

چوڪيدار جي چوڻ موجب وچ ئي وچ مان ويو، ته شينهن ڪو به ايذاءُ ڪونه رسايس، پوءِ ته خوش ٿيندو، تاڙيون وڄائيندو، چوڪيدار تائين وڃي پهتو ۽ ڪانئس پڇائين ته هيءَ عمارت ڪنهنجي آهي؟ هتي رات رهڻ جي اجازت ملي سگهنديم؟

چوڪيدار: جبل جي ڏٽيءَ هي عمدي عمارت مسافرن جي آرام ۽ پناهه لاءِ جوڙائي آهي. پر خ ، ڏي ته تون ڪٿان تو اچين ۽ ڪيڏانهن وڃڻو اٿيئي؟

سالڪ: مان ناسوت کان اچان ٿو ۽ ملڪوت ڏي وڃڻو اٿم. پنڌ ڪندي سج لهي ويو اٿم، تنهنڪري هتي رات رهڻ جي خواهش اٿم.

چوڪيدار: تنهنجو نالو ڇا آهي؟

سالڪ: اڳي منهنجو نالو ”بي فضل“ هو، هاڻ جڏهانڪر مون تي ڏٽيءَ جو هيءُ فضل ٿيو آهي تڏهانڪر ڪي مون کي ”سالڪ“ ته ڪي ”حق جو طالب“ ته ڪي ”پرينءَ جو پانڌيئڙو“ سڏين ٿا.

چوڪيدار: هھڙو چرڪو ڇو آيو آهين؟ هاڻ ته سج به لهي ويو آهي.

سالڪ: جبل جي وچ ۾ هڪ لانڍيءَ وٽان لانگهائو ٿيس ته اتي ٻيهرو ڪرڻ لاءِ اندر لنگهي ويس، اتي ننڊ اچي ويم، نه ته جيڪر هن کان اڳي اچان ها. انهيءَ لانڍيءَ ۾ پنهنجو هي ڪتاب به ڪيرائي آيس. انهيءَ ڳالهه جو پوءِ پتو پيم ته وري پنتي موٽڻو پيم. ائين دير ۾ دير ٿي.

چوڪيدار: هيءُ ستين جو آستان آهي. هتي فقط ڪامل ڪمايون رهن ٿيون. مان انهن منجهان هڪڙي کي سڏيان ٿو. جيڪڏهن ڪيس تنهنجو ڳالهائڻ ٻولهائڻ وڻندو ته پوءِ هتي جي دستور موجب توکي پنهنجي آڪهه وارين جي وچ ۾ وڃي وهاريندي.

چوڪيدار پوءِ گهنڊ وڄايو تہ ”سمجهہ“ نالي هڪ ڪنيز ۽ سوپياوان سندري ٻاهر نڪري آئي ۽ چوڪيدار کان پڇيائين تہ مون کي ڇو ٿو سڏين؟ چوڪيدار چيس تہ هي مسافر ملڪوت ڏي وڃڻو آهي، پر هتي رات پئجي ويئي اٿس. تنهنڪري هيءُ رات رهڻ جي اجازت گهري ٿو.

هن ڪماريءَ پوءِ سالڪ کان پڇيو تہ تون ڪٿان ٿو اچين ۽ ڪيڏانهن وڃڻو اٿيئي؟

سالڪ کيس پنهنجي ڳالهہ پيرائتي ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس تہ مون کي معلوم ٿيو آهي تہ هن جبل جي مالڪ مسافرن جي سک سهنج لاءِ هيءَ جاءِ جوڙائي آهي. جيڪڏهن موڪل ملي تہ اجوڪي رات هتي ٽڪي پوان. انهيءَ تي هن ڪماريءَ مرڪيو، پر اٿيئي اکين ۾ پاڻي آيس. ڪجهہ وقت ماٺ ۾ رهي ۽ پوءِ چيائين تہ مان پنهنجي گهر جي ٻن ٽن ياتين کي سڏي ٿي اچان.

هوءَ پوءِ جاءِ ۾ اندر گهڙي ويئي ۽ ڏاهپ، دينداري ۽ محبت نالي ڪمارين کي سڏي آئي. هنن سالڪ سان ڪجهہ وڌيڪ گفتگو ڪئي ۽ پوءِ کيس اندر وٺي ويئون. هو اجا اندر گهڙيو تہ ٻنيي وٽ ٻيون ڪيتريون ڪماريون گڏيس، جن چيس تہ ”اي ڌڻي جا سڳورا، تون ڀلي اندر آءُ. جبل جي ڌڻيءَ هيءَ جاءِ جوڙائي ئي تو جهڙن سالڪن جي سک لاءِ آهي. انهيءَ تي هو ڪنڌ نمائي سندن ڀنيان ويو. اندر وڃي وينو تہ چيائونس تہ جيستائين رات جي ماني تيار ٿئي تيستائين ڪجهہ ڇپو چورو ڪر. هن پاڻيءَ جهلو ڪيو تہ ڏاهپ، دينداري ۽ محبت ساڻس ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳيون.

دينداري: اي نيڪ سالڪ، تون اڄ رات هتي ٽڪيو آهين، تہ انهي ڪري اسان کي گهڻي خوشي ٿي آهي، هاڻ

پنهنجي خبر چار ڏي ۽ سفر جو سماچار ٻڌاءِ. اول اهو ٻڌاءِ تہ تون حق جو طالب ڪيئن ٿئين جو هن سفر تي نڪتو آهين؟

سالڪ: پنهنجي ملڪ ۾ فنا جو هوڪو ٻڌم ۽ اهو آواز بہ ٻڌڻ ۾ آيم، تہ اچڻ واري غضب کان ڀڄ. مون کي يقين ٿيو تہ جنهن دنيا ۾ مان رهان ٿو سا ڇئن ڏينهن جو چٽڪو آهي ۽ آخر اوس فنا ٿيندي، تنهنڪري اهڙي ناسونت دنيا مان نڪرڻ مناسب ڄاتم. اهوئي سبب آهي جنهنڪري دنيا جو ميلو متل ئي ڇڏي هليو آيس.

ديناري: هن وات ڪان ڪيئن آئين؟

سالڪ: اهو ڪم سچي مالڪ جي مرضيءَ موجب ٿيو، مون کي جڏهن يقين ٿيو تہ هن فاني دنيا ۾ اٽڪيو فنا تي ويندس تڏهن ڊپ وچان ڀڳس، پر پتو ڪونہ ٿي پيم تہ هميشہ جي جياپي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪهڙيءَ وات کان وڃبو. پنهنجن گناهن جون ڳالهيون ڳٽي پئي ڏکيس ۽ ڏٽيءَ کي پئي ٻاڏايم تہ مون موڙهل جي ڪا وات ڪر.

والي! رسِج وهلو، اَرک ٿيا انسان،
سڻ سڀاجها سپرين! نعرو نگهبان،
مديون پسي منهنجون شرمايا شيطان،
هن منهنجي حال تي هيَ هيَ ڪن حيوان.
(شاهہ)

مون سچيءَ دل سان پڪاريو، تہ سائينءَ منهنجو عرض اونايو. هڪ نوراني شخص اوچتو اچي مون لاءِ پرگهٽ ٿيو، هن مون کي هڪ سوڙهي دروازي جو ڏس ڏنو، انهيءَ ڏس تي مان هتي آيو آهيان. جيڪڏهن اهو نوراني شخص مون کي اها وات نہ ڏيکاري ها، تہ

پوءِ جيڪو مان هتي هرگز ڪين اچي سگهان ها.

دينداري: تون معبر جي گهر وٽان ڪين آئين ڇا؟

سالڪ: هائو، مان ساڻس مليس، وٽس اهڙيون شيون ڏٺم ۽ اتي اهڙيون ڳالهيون ٻڌيم جو اهي مون کي مرڻ گهڙيءَ تائين وسرڻ جون نہ آهن. انهن مان ٽن ڳالهين منهنجو خاص طرح ڌيان ڇڪيو. اتي هڪ ماڻهو ڏٺم، جنهن ايترا گناهہ ڪيا هئا، جو ڏٽيءَ جي ٻاجهہ کان بنهہ نااميد ٿيو پيو هو، ٻيو هڪ ماڻهو ڏٺم، جنهن سپني ۾ قيامت جو ڏينهن ڏٺو هو، هن جو هيبت جهڙو احوال ٻڌي منهنجي ڌرڻ ڌڪي ويئي. جيڪا ڳالهہ مون کي سيني کان وڌيڪ وڻي سا هيءَ هئي تہ جن ڪي مالڪ جي محبت جي اندر ۾ آگ هئي، تن جي انهيءَ آگ اجهائڻ جي شيطان گهڻي ڪوشش پئي ڪئي، پر مرشد مهربان پنهنجي فضل جو اڻ ميوتيل محبتين جي من ۾ ائين پئي اوتيو جو خود ڪين پتو ڪونہ ٿي پيو تہ هيتري پاڻيءَ پوندي بہ ڪيئن اها آگ زور وٺندي پئي وڃي.

دينداري: رڳي اهو ئي مصب جو گهر ڏٺئي؟

سالڪ: هن نہ رڳو مون کي پنهنجي گهر تي اهي اسرار ڏيکاريا، پر هڪ محلات بہ ڏيکاريئيم، جنهن ۾ ڪيترا ماڻهو سونهري ويس وڳا ڍڪي پئي گهميا ڦريا، اتي هڪ ماڻهو آيو، جنهن اندرگهڙڻ جي خواهش ڏيکاري، پر هٿياربند سپاهي ويڙهي ويس، هن پوءِ پنهنجي ترار سان سيني جون سسيون لڻي، پنهنجي لاءِ رستو صاف ڪيو تہ اندران آواز آيس تہ اچي هميشہ جي وڏائي وٺ. انهيءَ تي منهنجو وات پاڻي ٿيڻ لڳو، جيڪڏهن مونکي اڳيرو وڌڻو نہ هجي ها، تہ اتي جيڪر سال ڪن ٽڪي پوان ها.

دينداري: وات تي ٻيو بہ ڪي ڏٺئي، ڪين بس؟

سالڪ: واٽ تي ٻيون ٻه گهٽيئي ڳالهيون ڏٺيم. جن مان رڳو ڪن مکيه ڳالهين جو مختصر طرح ذڪر ڪريان ٿو، منهنجي لاءِ مکيه ۾ مکيه ڳالهه هيءَ هئي ته جيئن هن راهه ۾ پنڌ پئي ڪيم، تيئن پنهنجي وارو بوجو ويم هلڪو ٿيندو ۽ منهنجي جسم تي پوءِ سونهري جامو چڙهندو ويو، جيئن جيئن وڪ پئي وڌايم تيئن اهو وڌيڪ ڀهڪندو ويو، مون سمجهيو ته حق جي راهه ۾ هلڻ ڪري سچي مالڪ جي مهر مون تي ٿيندي پئي وڃي، پر انهيءَ سبب متان منهنجو من ڦوڻ ۾ پرجي وڃي، تنهن ڪري من تي ضابطو رکندو آيس، واٽ تي ڪي سبق به پرايم، مثلاً پورڙي، آلسيءَ ۽ البيلي ڪي هڪ نڻ ۾ ننڊ ڪندو ڏٺم. دل ۾ چيم ته جيڪڏهن برسات جو پاڻي جبلن تان لهي هيٺ ايندو ته نڻ ڦوڪجي وهندي ۽ هيءُ ٿيئي اٽيچو لڙهي ويندا. پيرن ۾ بيڙيون پيل هئن تنهنڪري ائين سمجهيم ته جيڪڏهن جهنگلي مرون اچي جهليندن ته هيءُ پڃي ڪين سگهندا ۽ مرون آسانيءَ سان ماري کائي ڇڏيندن. مون ڪين سجاڳ ڪيو ۽ اتان نڪرڻ جي صلاح ڏني مان، پر هو ٻڌو اٽبڌو ڪري وري سمهي پيا. ههڙي گيشوارائيءَ جو اٽيچو حساب ڏيڻو پوندن.

واٽ تي رسم دوست ۽ پاڪنديءَ نالي ٻه ڄڻا گڏيم، جن ملڪوت ڏي وڃڻ لاءِ چوٽڪاري واري پٽ تان ٽپو ٽي ڏنو. مون چيو ته چيومان ته سوڙهي دروازي کان اڇو جو ملڪوت ڏانهن وڃڻ لاءِ اهائي واٽ مقرر ٿيل آهي، هنن چيو ته اهڙيون تڪليفون پاڻ ڪندائي ڪين آهيون، اسان جي رسم ئي اها آهي ته پٽ ٽپي وڃجي، هو پوءِ اهڙي ڪا واٽ وٺي ويا جتان

وري نہ موٽيا. سڄيءَ وات ۾ مون کي ٻئي ڪنهن بہ هنڌ اهڙي ڏکيائي نہ ٿي جهڙي مشڪلات جي ٽڪريءَ تي چڙهڻ مهل ٿي. پهڻ اهڙا ڇهنبدار جو ڦڻ ڦٽيو ڇڏين ۽ پير پٿون ڪيو ڇڏين. ٻيا هئا وراڪا ۽ ور ۽ لڪن آڏو لڪ. هڪڙي لڪ تان لهہ تہ ٻئي تان چڙهہ، پوءِ هلندي هئا حال! ويتر هيڏانهن اڇڻ لاءِ شينهن وٽان لنگهڻو پيم، تہ ساهہ اڇي مٺ ۾ ٿيم. جيڪڏهن اوهان جو چوڪيدار مون کي نہ همٿائي ها، تہ شايد مون کي پوئتي موٽڻو پوي ها. پر لک ٿورا مهرباني مالڪ جي جو هيستائين سلامت اچي پهتو آهيان. اوهان جو شڪر گذار آهيان جو مون مسڪين کي هن عاليشان عمارت ۾ رهڻ جي اجازت ڏني اٿوَ.

ڏاهپ: ادا، اهو تہ ٻڌاءِ تہ جنهن ملڪ مان ايو آهين، تنهن ڏي تنهنجو من ٻوڙيئي ڪونہ ٿو ڇا؟

سالڪ: هائو، منهنجو من اوڏهين ٻوڙي ٿو، پر پنهنجي وَطن واريون ڳالهيون ياد ڪيو مان لڄ ۾ ٻڏي ٿو مران. هينئر بہ موٽي پنهنجي ماڳ وڃي سگهان ٿو، پر مون ان کي ٿو ڪٽا ڪري ڇڏيو آهي، هينئر پنهنجو هنئون حقيقت سان گڏي، ملڪوت ڏي منهن رکيو اٿم، تہ پنهنجي مقصد تي وڃي پهچان.

ڏاهپ: جن ڳالهين تي اڳي هريل مريل هئين سي هينئر ياد نٿيون پونئي ڇا؟

سالڪ: ياد پون ٿيون، پر چوان تہ ياد نہ پونم تہ چڱو. مان ۽ منهنجا ڳوٺائي پاڻ کي نفساني ۽ جسماني خيالن سان خوش ڪندا هواسين، پر هاڻ انهن ڳالهين تان اٿلندو ڏک پيو ٿئي، منهنجو جي وس هلي تہ مان جيڪر انهن بابت ڪڏهن بہ خيال ڪين ڪريان، پر منهنجو من وٽي

پٽڪندو. مان پنهنجي من ۾ نيڪ خيال ڏارڻ جي ڪوشش ڪريان، تہ بہ هو بدخيالن جي پڇر اجا نٽو ڇڏي.

ڪرهي ڪي ڪيئن، وڏم پئہ پليءَ جا،
ليڙو لاٽيءَ ڪي چري، نير ساڻ نئين،
چانگي سندي چت ۾، صاحب اوجهہ نئين،
اويا هيوس ايئن، لطف ساڻ لطيف چئي.
(شاهہ)

جنهن ڏينهن مون ڪي پنهنجو وطن ۽ ان جون ڳالهيون ياد نہ پونديون آهن، تنهن ڏينهن مان ائين سمجهندو آهيان تہ اڄ مون لاءِ سونو سج ايريو آهي.

ڏاهپ: ملڪوت ڏي وڃڻ جي تون هيتري سڌ ڇو ٿو ڪرين؟

سالڪ: جن ڳالهين ڪري مان هتي پاڻ کي دکي ٿو سمجهان تن ڳالهين کان مان اتي ڇٽل رهندس، اهو بہ ٻڌو اٿم تہ اتي موت آهيئي ڪونہ ۽ اُتي دل وٽندڙ سنگتي بہ ملندم مان پنهنجي دل جي درد ڪري ماندو آهيان، ۽ ڇهيان ٿو تہ امر ٿيان ۽ انهيءَ جماعت جو سنگي ٿيان جا سدائين "پاڪ پاڪ، پاڪ" پيئي پڪاري.

محبت: تون سگهڙو آهين يا ڇڙهو؟

سالڪ: مون کي زال آهي ۽ چار ٻار بہ اٿم.

محبت: ڪين پاڻ سان ڇو ڪين وٺي آئين؟

سالڪ: ڪين پاڻ سان آڻڻ ۾ مان اشهد راضي هوس، پر اهي سڀيئي منهنجي هن سٺاٽي سفر تي نڪرڻ ۾ ناراض هئا.

محبت: تون ڪين پريائي پاڻ سان آڻين ها ۽ ڪين ٻڌائين ها تہ پٺيان رهڻ ۾ ڪيترو خطرو آهي.

سالڪ: ائين بہ ڪيم، اهو بہ ٻڌايو مان تہ ساري دنيا ناسونت آهي، جنهن مان ڪجهہ بہ سنگ هلڻو ڪينهي، پر پاڻ ايئن

پانيائون تہ مان ڪيترين ڳالهيون پيو ڪريان، جنهنڪري منهنجي ڳالهہ تي ويساهہ نہ آين.

محبت: سچي سائينءَ کي سوال ڪرين ها، تہ ڪين سنئين سُمت اچي جو تنهنجي صلاح وٺن.

سالڪ: سندن لاءِ مون سچيءَ دل سان ايشور کي آراڌنا بہ ڪئي، منهنجي من جي مراد ئي اها هئي تہ : رکو مان تران پر منهنجو سڄو ڪل تري، جو زال ۽ ٻارن تي مهنجو ارواح تمام گهڻو هو.

محبت: تو ڦهريائين پنهنجي عمر اڪيارتي وڃائي هئي. تنهن ڳالهہ جو پوءِ جيڪو توکي ڏک هو ۽ پرلوڪ جو جيڪو توکي ڊپ هو، تنهن مان تو ڪين ڇو ڪين واقف ڪيو؟

سالڪ: مون ڪين ور ور ڏيئي اهي ڳالهيون ٻڌايون: پاپن لاءِ پڇتاءَ ڪندي مون زار زار پئي. رنو ۽ مون کي ڳوڙها ڳاڙيندو ڏٺائون اهو بہ ڏٺائون تہ پرلوڪ جي ڳالهين ڳٽيندي منهنجا لڱ ڪاندارجي تي ويا، پر منهنجي اهڙيءَ حالت جو مٿن ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو.

محبت: هنن پنهنجي نہ اچڻ جو ڪهڙو سبب ڏنو؟

سالڪ: منهنجي گهرواريءَ کي دنيوي پدارٿ ڇڏڻ ڏکيا ٿي لڳا، منهنجن ٻارن کي بہ حرص هوس گهڻو هو، سو هڪ نہ ٻئي سبب ڪري هنن مون کي هن سفر ۾ هيڪلو اچڻ ڏنو.

محبت: توبہ ڦهريائين پنهنجي جيوت هنن وانگر اڪيارتي پئي وڃائي ۽ پوءِ جو تو ڪين پنهنجي جيوت سڪيار تي ڪرڻ جي صلاح ڏني تہ تنهنجي اها صلاح هو اول ٻڌن ڇو ٿا؟

سالڪ: سچ آهي تہ مان پنهنجيءَ جيوت جي ساراهہ ڪري نہ ٿو سگهان، ڇاڪاڻ تہ مان پاڻ ڄاڻان ٿو تہ مون ۾ گهڻا عيب آهن، ڪهڙيءَ ڪان وڌيڪ اثر رهڻيءَ جو ٿئي ٿو. انهيءَ هوندي بہ جڏهن مون کي سنئين سُمت آئي ۽ هيڏانهن اچڻ

جو ارادو ڪيم ۽ ڪين بہ هلڻ لاءِ چيم. تڏهن اهڙو ڪو اڪر وات مان ڪونہ ڪييم جو سندين دل سفر کان ٿهي وڃي. جي ڳالهيون منهنجي نظر ۾ خراب هونديون هيون، پر ڪين ڪا خرابي ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي، تن کان مان پاسو ڪندو هوس تہ من منهنجيءَ انهيءَ هلت جو مٿن ڪو اثر ٿئي.

محبت: هڪوار ئي ماٺهو بديءَ تي هري ٿو تہ پوءِ نيڪي ڏي نظر ئي نٿو ڪري، ڪيس چڱيءَ ڳالهہ تان بہ منيان پئي لڳي، قابيل پنهنجي پاءُ کي ڏڪاريو ٿي جو سندس ڪم بڇڙا هئا ۽ پاٽس جا چڱا. جيڪڏهن تنهنجي زال ۽ تنهنجا ٻار ٻچا تنهنجيءَ نيڪ صلاح تي اٿلندو ناراض ٿيا تہ اها ڪا عجب جي ڳالهہ ڪانهي.

مون سپني ۾ ڏٺو تہ جيستائين رات جي ماني تيار ٿي تيستائين "هنن اهڙي طرح پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون پئي ڪيون، جڏهن کانو تيار ٿيو، تڏهن سڀ مڙي سري هڪ هنڌ گڏجي کائڻ لڳا. ماني کاڌي کان پوءِ بہ ڪجھ وقت ڳالهيون پئي ڪيائون. ۽ پوءِ پاڻ ڏٺيءَ کي سونپي سمهي پيا سالڪ کي "سانت" نالي ماڙيءَ ۾ سمهاريائون، جنهنجي هڪ دري ايرندي طرف هئي، جنهنڪري سج ايرڻ سان اندر اُس ايندي هئي. هتي سالڪ ساري رات سک جي گذاري. صبح جو سجاڳ ٿيو تہ اُٿڻ سان مالڪ جا ٿورا مڃيائين، جو سرڳ ۾ پهچڻ کان اڳيئي هتي هيترو آنند ٿيس.

صبح جو سيني گڏجي نيرن ڪئي ۽ پوءِ هيءُ ڪامل ڪماريون سالڪ کي سڄي عمارت گهمائڻ لاءِ وٺي ويون، عمارت جي هر هڪ ڪمري ۾ ڪيئن عجيب غريب شيون هيون، سي ڏيکاريائونس. سالڪ پوءِ پنڌ پوڻ جي تياري ڪئي، تہ چيائونس تہ اڄ بہ ٽڪي پو سڀاڻي جيڪڏهن

آسمان صاف هوندو تہ توڪي فرحتي جبل ڏيکارينديون سين ان جي ڏسڻ ڪري توڪي گهڻي تسلي ٿيندي، ڇو جو جنهن جڳهہ ڏانهن توڪي وڃڻو آهي، سا اتان ويجهي آهي. هو پوءِ سندن چوڻ مجي، اهو ڏينهن اتي ٽڪيو. ٻئي ڏينهن سج اڀري سنئون ٿيو، تہ ڪيس ماڙيءَ جي ڪڏ تي وٺي ويون، ۽ چيائونس تہ هاڻ ڏکڻ ڏي نهاري. اوڏهين نهاريائين تہ هڪ جابلو ۽ خوشنما ملڪ ڏوران ڏسڻ ۾ آيس جنهن ۾ گلڪاري گلزار لڳي پيئي هئي، قسمين قسمين ميوا ۽ گل ڦل هئا ۽ ڪيترا جهرڻا ۽ چشما هئا.

هيءُ نرمل نظارو ڏسي سالڪ جو تن من ٺري پيو. هنن ڪامل ڪمارين چيس تہ "ملڪوت" جو ملڪ اهو اٿيئي، جو هتان پريان ئي پڌرو آهي. انهيءَ ڪان اڳيرو لاهوت لامڪان آهي، جو جسماني اکين سان ڪوبہ ڏسي نٿو سگهي، پر ملڪوت جي منزل لنگهڻ ڪان پوءِ تنهنجي اندر جي اک پاڻمرادو کلي پوندي ۽ پوءِ آسانيءَ سان اهو مشاهدو ماڻي سگهندين. اتي سالڪ جي دل بهار بهار ٿي. دل ۾ آيس تہ هينئر ئي پکيءَ وانگر پَرَ ڪري اوڏهين اُڏامي وڃان. ڪمارين ڪي چيائين تہ مون کي هاڻ موڪل ڏيو، تہ مان پنڌ پوان. ڏاهپ چيس تہ تون يلي وڃ؛ پر ايڏهين وڃڻ ڪو سترو ڪونهي. انهيءَ راهہ ۾ خوف خطرا آهن، تنهنڪري توکي پنهنجي جان جي بچاءُ جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ گهرجي، محبت چيس تہ مون سان صلاح خاني ۾ هل تہ توکي ڪي هٿيار پنوهار ڏيئي ڇڏيان. هو پوءِ سيبئي سالڪ کي صلاح خاني ۾ وٺي ويون ۽ کيس چوٽيءَ کان وٺي پيرن تائين هٿيار ٻڌائون تہ متان واٽ تي متس ڪاهہ ڪري ڪيس ڪو ايذاءُ رسائي. سالڪ جي بچاءُ جو هيءُ جوڳو بندوبست ٿي رهيو تہ هو هلڻ لاءِ تيار ٿيو.

⌘

باب انون

# جهاد اڪبر

پهريون ويري پانهنجو آهه نفس نجس نادان.
(شاهه)

سالڪ سهي سنبهي، ڪامل ڪمارين سان گڏجي ٻاهرين دروازي وٽ آيو، ته چوڪيدارن کان پڇيائين ته هتان ڪو مسافر لنگهندو ڏٺئي؟

چوڪيدار: هائو.

سالڪ: تون ڪيس سڃاڻين؟

چوڪيدار: نالو پڇومانس ته چيائين ته نالو "ايماندار" اٿم.

سالڪ: مان ڪيس سڃاڻان. هو منهنجو ڳوٺائي آهي ۽ رهندو به منهنجي پاڙي ۾ آهي، پاڻئين تو ته ڪيترو پنڌ ڪري ويو هوندو.

چوڪيدار: هن وقت تاءِ هو ٽڪريءَ تان مس لٿو هوندو.

سالڪ: نيڪ چوڪيدار، تو مون سان جيڪي ڀلايون ڪيون آهن، تن جو ڏٽي اُجورو ڏيندءِ ۽ تنهنجو راڪو تي وڏيڪ برڪت بخشيندو.

سالڪ پوءِ اڳتي وڌيو ته سياڻپ، ديناداري، ڏاهپ ۽ محبت به ساڻس گڏجي ٽڪريءَ جي چيڙي تائين ڪيس اُماڻڻ لاءِ وييون.

سالڪ چين ته هن ٽڪريءَ تي چڙهڻ اوکو هو ته هاڻ هيٺ لهڻ به سئوکو ڪونهي. ڏاهپ چين ته "اهو ته نهيو پيو آهي، نئڙت جي ماتريءَ ۾ ٿابي کائڻ کانسواءِ لهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اسين توسان آيون ئي انهي ڪري آهيون، ته متان تون ٿابو کائين. هو پوءِ سنيالي سنيالي پٻ کڻڻ لڳو، ايتري سُچيتي ڪندي به به تي گهمرا پير

ڪسڪي ويس، جڏهن سپيئي سک سان هيٺ لهي آيا تڏهن ڪمارين ڪيس ماني، شربت جو شيشو ۽ ڪشمش ڏيئي ڪانئس موڪلايو، سالڪ سندين مهرباني مڃي، ڪائن موڪلائي پنڌ پيو.

مهند محتاجي ڪري، پُنيءَ پير ڪٽيج،
ڪُبيلياٽي ڪيچ ڏي، حُجَ مَ هلائج،
پاڻ ڏار پريتڙو، سسي ساڻ ڪٽيج،
اوڏي عزازيل ڪي، ويجهي تان مَ وجيج،
نا اميدي نيج، تہ اوڏي تئين اميد ڪي.
(شاهہ)

نئڙت جي ماٿريءَ ۾ هلڻ سپ ڪنهن لاءِ سولو ڪونهي، ويچاري سالڪ ڏاڍيون سختيون ڏٺيون، پر ڏکن ڪان ڏريو ڪونہ تي. هو سمجهي رهيو هو تہ هيءُ منت جو ماڳ آهي ۽ زاريءَ ڏاران زور حبيبن سان هلڻ ڪين سگهندو، تنهنڪري ڳچيءَ ۾ پاند پائي، ”توبهہ توبهہ“ ڪندو، پرينءَ جو پيچرو وٺي پُرندو رهيو.

پنڌ ڪندي ڪندي پريان هڪ ناپاڪ روح پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺائين، جنهن جو نالو هو ”ڪيَ“ يا ”ناس ڪندڙ“. سندس ڀوائتي شڪل ڏسي، سالڪ جي دل دهلجي ويئي، هو انهيءَ ويچار ۾ پيو تہ اتي ئي بس ڪري ويهي رهان يا موٽي پوئتي وڃان. اتيئي اهو ويچار آيس تہ اڳيان ويندس تہ هيءُ پليد منهن ۾ تير هڻندم ۽ پٺتي موٽندس تہ پٺيءَ ۾ تير هڻندم. منهن ۾ ڌڪ جهلڻ وريامن جو ڪم آهي ۽ پٺي ۾ ڌڪ جهلڪڻ ڪانئرن جو ڪم آهي. اڳي پوءِ مرڻو اوس آهي، تنهن ڪري موٽڻ مناسب نہ آهي.

”مَرُ تہ مران ماءِ، موٽڻ ڪان اڳي مران،
لڇي لالڻ لاءِ شال پُونديس پير تي پئي.“
(شاهہ)

هو پوءِ مرداني دل ڪري دشمن ڪي سامهون ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ مارگ ۾ مرڻ ۾ پنهنجو مهت سمجهڻ لڳو.

ديت آهي دوس، مارگ ۾ مئن جي.
(شاهه)

سالڪ کي پنهنجي سامهون ٿيڻ لاءِ تيار ڏسي، هن پليد هيڪاري ڀيانڪ روپ ڌاريو، سندس سڄي بت تي مڇيءَ جهڙا چلر هئا، جن جو فخر هوس. پرَ اجگر جهڙا، پير رڇ جهڙا ۽ وات شينهن جهڙو هوس ۽ پيٽ مان باهه ۽ دونهون پئي نڪتس. جڏهن سالڪ تائين پهتو تڏهن ڏانهس نفرت جي نگاهه سان نهاري پڇيائين ته "تون ڪٿان ٿو اچين ۽ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

سالڪ: مان ناسوت ڪان آيو آهيان ۽ ملڪوت ڏي وڃان ٿو، جو لاهوت لامڪان جي وات اُتان آهي.

ڪيَ: انهيءَ مان سمجهان ٿو ته تون منهنجي رعيت منجهان آهين، ڇو جو سڄو ناسوت منهنجو آهي ۽ اُتي جو حاڪم توڙي ديوتا مان آهيان. پنهنجي حاڪم وٽان ڇو ٿو ڀڄين؟ مون کي جيڪڏهن اهو آسرو نه هوندو ته تون منهنجي وڌيڪ تابعداري ڪين ڪندين ته مان هڪڙيئي ڌڪ سان توکي هينئر ئي ماري پورو ڪندس.

سالڪ: تحقيق مان تنهنجي ملڪ ۾ ڄائو هوس، پر تنهنجي نوڪري سخت هئي، تون جيڪو پگهار ڏيندو آهين، تنهن تي ڪوبه ماڻهو جيئرو رهي ڪين سگهندو، جو گناهه جو اُجورو موت آهي. مان جڏهن وڏو ٿيس ته آڳو پيڇو ڳڻي سگهيس، تڏهن بين سياڻن وانگر چڱيءَ نوڪريءَ جي ڳولا ۾ نڪتس ته من سکيو گذاريان.

ڪيَ: اهڙو ڪوبه حاڪم ڪونه هوندو، جو ماٺ ميٺ ۾ ائين پنهنجيءَ رعيت کي ڇڏي ڏيندو، تنهنڪري مان به توکي

ڪين ڇڏيندس، پر جنهن صورت ۾ تون پنهنجيءَ نوڪريءَ ۾ پگهار بابت شڪايت ٿو ڪرين تنهن صورت ۾ منهنجي صلاح مڃيءَ موٽي هل. جيڪي چڱيون شيون منهنجي ملڪ ۾ ٿينديون آهن، تن جي ڏيڻ جو مان هتي ئي توسان انجام ڪريان ٿو.

سالڪ: هاڻ مون پاڻ کي ٻئي ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو آهي، جو شاهن جو شاهه آهي، تنهنڪري اهو مناسب نه آهي، ته مان توسان موٽي هلان.

ڪيَ: اهو ڪم تو اهڙو ڪيو آهي جهڙو ڪو ٽتل ٽئيءَ مان پاڻ کڏي، ٻرندي مچ ۾ وڃي پوي. اها به رواجي ڳالهه آهي ته جن سندس خدمت ۾ رهڻ جو اقرار ڪيو آهي، سي ڪجهه وقت کان پوءِ وٺائنس ٽڳي، موٽي مون وٽ آيا آهن. تون به ائين ڪندين ته انهيءَ ۾ تنهنجو ڀلو آهي.

سالڪ: منهنجو نسچو هاڻ منجهس آهي ۽ قسم کائي سنديس آڻ ۾ رهڻ جو اقرار ڪيو اٿم. هينئر جيڪڏهن مان ڪانئس ڦرندس، ته مون کي نمڪ حرام ڄاڻي ڦاهي تي ڪين چاڙهيندو ڇا؟

ڪيَ: مون سان به تو ساڳي ويساهه گهاتي ڪئي آهي، انهيءَ هوندي به جيڪڏهن تون مون سان موٽي هلندين ته مان معافي ڏيندو سانءِ.

سالڪ: مون جيڪو وعدو توسان ڪيو هو، سو اڻ ساڃهه ۾، تنهن ڪان سواءِ مان ڄاڻان ٿو، ته هينئر جنهن بادشاهه جي جهنڊي هيٺ بيٺو آهيان، سو مون کي ڏوهه اُسراڻ ڏيندو ۽ جيڪي تنهنجي تات مڃي ڪيو هوم، تنهنجي پڻ معافي ڏيندو، اي ناس ڪندڙ“ جي سچ ڪري پڇين ته مان سنديس نوڪري، سندس پگهار، سندس ڪامورن، سندس سرڪار ۽ سندس

حضوريءَ ڪي تنهنجن سيني ڳالهين ڪان بهتر سمجهان ٿو، تنهنڪري تون مونکي وڏيڪ ڪجهه به نه چئو. مان سندس ٻٽو ٻانهون آهيان ۽ سندس پوئلڳ ٿي رهندس.

ڪي: تون ٿڌي سيني هن ڳالهه تي وري ويچار ڪر، ته هن واٽ ۾ توکي ڪيترين نه تڪليفون سهٽيون پونديون، جن منهنجي ۽ منهنجن واٽن جي اُبتڙ هلي، سندس چاڪري قبولي تن مان ڪيترن جي پڇاڙي سرهي ڪانه ٿي. ڪي سوريءَ تي سوار ٿي ويا، ڪن جي جيئري ئي کل اتاري ويئي، ڪي مڇيءَ جي پيٽ ۾ ڳيهي ويا، ته ڪن جا ڪنڌ ڪرٽ سان چيرجي ويا، انهيءَ هوندي به منهنجيءَ خدمت ڪان تون سنديس خدمت ڪرڻ وڏيڪ ٿو سمجهين! توکي اها خبر ڪانهي چا ته هو پنهنجن خدمتگارن کي سندن دشمن ڪان نٿو بچائي؟ منهنجي ته جڳ جهان کي سڏ آهي ته مون ڪيترا پيرا پنهنجن ايماندار خدمتگارن کي سندس ۽ سندس ماڻهن جي هٿان زور هلائي يا حرفت بازي ڪري ڇڏايو آهي، سو، تنهنجو اُڌار به آءٌ ڪندس.

سالڪ: اهو سچ آهي ته ڏٺي پنهنجن پيارن کي ڪڏهن ڪڏهن سختيون ڏيڪاريندو آهي ۽ سندس پريم جي پريکيا لهڻ لاءِ سندن واهر ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڍر وجهندو آهي، پر اهو هڪ اونهو اسرار آهي، جو سيڪنهنجي سمجهه ڪان ٻاهر آهي.

دوست کهائي دادلا، محب مارائي،<br>
پنهنجن پيارن کي تو سختيون سهائي،<br>
انهيءَ ۾ آهي، ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي.<br>
(شاهه)

تون چوين ٿو ته جيڪي ڏٺيءَ جي ٻانهپ تا ڪمائين تن جي پڇاڙي سرهي ڪانه ٿي ٿئي، پر سندن نظر ۾ سُرهي پڇاڙي

آهي ئي اها. هو هاڻو ڪي جلال جا اميدوار نہ آهن، پر جا وڏائي سندن ڏٺي پنهنجن ملائڪن سان گڏ اچي ڪين ڏيندو تنهن لاءِ ئي ترسن ٿا ۽ هن جهان ۾ سندين مِٽي بہ پئي مان لهي.

ڪيَ: تو سندس خدمت ۾ اڳيئي بي ايماني ڏيکاري آهي، تہ پوءِ وٺائنس انعام ملڻ جي آس ڪيئن ٿو رکين؟

سالڪ: ٻڌائينم تہ سهي، تہ ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ مون بي ايماني ڪئي آهي.

ڪيَ: جڏهن تون شروع ۾ وجي نااميديءَ جي ڍٻڻ ۾ ڳتو هئين تڏهن اتي ماندو ڪونہ ٿيو هئين؟ پنهنجي بوجي کان ڇٽڻ لاءِ تو اُبتا رستا بہ ورتا، نہ تہ توکي ڪپندو هو تہ اُتي ترسين ها، تہ تنهنجو حاڪم اچي تنهنجو بار لاهي ها. هي ڳالهيون ڄاڻائين ٿيون تہ پنهنجي ڏٺيءَ ۾ تنهنجو ايمان ڪونهي. ساڻس ملڻ جي توکي سِڪ بہ اها هئي، جو رستي ۾ لانديءَ ۾ لت ڪوڙي سمهين پئين ۽ جنهن درسي پستڪ کي پيارو ٿو سمجهين سو بہ وڃائي ڇڏيئي! واٽ تي شينهن ڏِٺئي تہ ڍِڍر ڍِرا ٿي ويئي ۽ پنتي مونڻ جا پهہ پچائڻ لڳين پاڻ کي سالڪ سڏائي پنهنجي سفر جون ڳالهيون مرڪي ڪرين ٿو ۽ جيڪي ڏٺو ۽ ٻڌو اتيئي تنهن تي پڏين پيو، تہ چئبو تہ ٿانءَ ۽ ايمان تنهنجي اندر ۾ آهن، تہ پوءِ پنهنجي مالڪ جو ايماندار ۽ وفادار خدمتگار پاڻ کي ڪهڙي حساب ٿو ڪوٺائين؟

سالڪ: جيڪي چوين ٿو سو سڀ سچ آهي، بلڪ مون ٻيا بہ گهڻا ڏُوهہ ڪيا آهن، جن جو تو ڪوبہ ذڪر ڪونہ ڪيو آهي، پر جنهن حاڪم جي چاڪريءَ ۾ ڀيان ۽ جنهن لاءِ عزت اتم سو ٻاجهارو آهي ۽ مون کي معافي ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

”وڏي سڳهہ سندياءِ، ٻاجهن ڀريو آهين،
مون تان مهرمَ لاهِہ، آءٌ تنهنجي آهيان.“
(شاهہ)

ايترو چوندس تہ منهنجن جن مداين ۾ ڪوتاهين جو تو ذڪر ڪيو سي سڀ تنهنجي ئي ملڪ ۾ پرايم. مون ڪي پنهنجن انهن اُوڻاين جو گهڻو ڏک آهي، پر منهنجي ڏک ڏکڻ وارو اهو ئي پاڪ پروردگار آهي.

ستر ڪر ستار، آءٌ اُگهاڙي آهيان،
ڏَڪين ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهہ جو!
(شاهہ)

سالڪ سنديس نوڪري ڪرڻ کان نابري واري ۽ پنهنجي پروردگار جي وڏائي ۽ واکاڻ ڪرڻ لڳو، تہ هيءُ ناس ڪندڙ اچي ڪاتو، ۽ چيائينس تہ مان تنهنجي حاڪم جو دشمن آهيان، مان ڪيس ۽ سندس پوئلڳن کي ڏڪاريان ٿو. مان ارادتون توکي روڪڻ لاءِ آيو آهيان. هاڻ خبردار رهہ.

سالڪ چيس تہ "سمجهہ ڏار مان پنهنجي حاڪم جي شاهي رستي يعني پاڪائي جي واٽ ۾ آهيان تنهن ڪري توکي پاڻ مون کان خبردار ٿيڻ گهرجي". ناس ڪندڙ چيس تہ "تون آهين ڪهڙي باغ جي موري؟ اجهو ٿو تنهنجي سيج پڇايان". هو پوءِ پنهنجون ٻئي جنگهون ڦاڙي سجو رستو روڪي بيٺو ۽ چيائينس تہ ههڙئي ڳالهين ۾ مان لڪي ڇپي ڪريائين ڪانہ. هاڻ پنهنجي جيئڻ جو آسرو پل. مونکي دوزخ جو سنهن آهي تہ توکي اڳتي وڌڻ نہ ڏيندس ۽ هتي ئي تنهنجو ساهہ ڪيندس، ائين چئي هن هڪ اگني ٻاڻ سندس سيني ۾ ٽي هنيون، پر سالڪ کي جيڪي هٿيار پنهوار عاليشان عمارت وارين ڪامل ڪمارين وٽان مليا هئا، تن مان ڍال ڪڍي پنهنجي اڳيان جهليائين، تہ اگني ٻاڻ انهي کي وجي لڳو ۽ ڪيس ذرو بہ ايذاءُ ڪونہ آيو. سالڪ پوءِ پنهنجي ترار ڪپ مان ڪڍي، مڙس ٽي ساڻس لڙڻ لڳو تہ هن بہ مٿس تيرن جو وسڪارو ڪيو. ٻنهي هڪٻئي کي زخميو، پر ڪنهن وقت سالڪ سندس پيچ ۾ اچي ويو، تہ ڀاڪر وجهي، پُونءِ

سان پيري هنيائين. سالڪ جيئن پٽ تي ڪريو تيئن ترار هٿ مان ڇڏائجي ويس. اهو وجهہ ونئي هو مٿان چڙهي آيس ۽ اهڙو پيڙيائينس جو سالڪ پنهنجي ساهہ تان آسرو لاهي وينو.



سالڪ پٽ تي پيو آهي ۽ ناس ڪندڙ مٿان چڙهي بيٺو اٿس

منا لاتو مون، سَندو جيئڻ آسرو.
(شاهہ)

سگھو ئي ڏٺيءَ جي فضل سان هين ٿيو، تہ جنهن ٽاٽي ناس ڪندڙ پانيون تہ ڪيس ڏڪ هٽي ماري پورو ڪريان تنهن ٽاٽي سالڪ سياٽپ ڪري پنهنجو هٿ ڏگھيري، پنهنجي ترار ڪٽي وڙهي ۽ پوءِ اُيري اچي ورتائينس ۽ اهڙا ڪاري زخم رسايائينس جو راڪاس ريهون ڪندو آڪاس ڏي اڏامندو ويو ۽ وري نظر ڪونہ آيو.

هن پوءِ پروردگار جا ٿورا مڃيا جنهن هن جهاد ۾ ڪيس سوڀاريو ڪيو.

سورهيہ مرين سوپ ڪي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالو، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال م ڍار،
متان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين.
(شاهہ)

مالڪ جي مهرباني سان انهيءَ وير هڪڙو هٿ ظاهر ٿيو، جنهن ۾ جياپي جي وڻ جا پن هئا، سالڪ اهي پن پنهنجن زخمن تي ٻڌا تہ سڀ زخم انهيءَ ساعت منجي ويس.

تون حبيب، تون طبيب، تون دارون ڪي دردن،
تون ڏيئن تون لاهئين، ڏاتر ڪي ڏکندن،
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪريو اُن ڪي.
(شاهہ)

سالڪ سگھو ئي نو بنو ٿيو، تہ سائينءَ جا سهسين ٿورا مڃڻ لڳو، هو پوءِ اتي ئي ويهي روٽيءَ مان ٻنڊي موڙي کائڻ لڳو ۽ شربت جو چڪو چاڙهي پاڻ کي تازو ڪيائين پوءِ اگھاڙي ترار هٿ ۾ ڪٽي هليو تہ متان هن ماتريءَ ۾ ٻي ڪا حرڪت نہ ٿئي.

✕

باب نائون

# موت جي پاڇي جي ماتري

ڪَرُ ڪاريندو سي، مانو جن پرتيٺو.
(شاھ)

سالڪ جنهن ماتريءَ مان ويو پئي، تنهنجي ويجهو ٻي هڪ ماتري هئي، جا موت جي پاڇي جي ماتري سڏبي هئي. هيءُ سڄي ماتر سُيي ۽ ڪڏن ڪوبہ سان پريل هئي ۽ موت جو پاڇو اُتي هو، تنهنڪري انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ تي آئي، انهيءَ طرف ڪان بہ ڇٽا ڊوڙندا پئي آيا، ڪين نڪا سڏ هئي شريعت جي نڪا طريقت جي، تہ بہ معرفت جي ميدان ڏي ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ هو سالڪن جي جاسوسي ڪندا هئا ۽ انهيءَ راھ جون رڳيون بد خبرون ڪين ٻڌائيندا هئا. سندن ابن ڏاڏن جي بہ اها ئي ڪرت هوندي هئي تنهنڪري سندن آڪھ وارا ”شادي بدخبر“ سڏبا هئا. هو ڊوڙندا اچي سالڪ سان گڏيا ۽ چيائونس تہ جيڪڏهن توکي پنهنجي جان پياري هجي، تہ اڳتي نہ وڌ، پر اسان سان گڏ موٽي هل.

سالڪ: اڳتي وڌڻ ۾ ڪهڙي مشڪلات آهي؟

بدخبر: اسين ملڪوت ڏي تي وياسين، پر جنهن مهل موت جي ماتريءَ جي ويجهو پهتاسين، تنهن مهل اڳتي نهاري جوکي کي ڏسي ورتوسين، جيڪڏهن تورو اڳيرو وڏون ها تہ موت جي چنبي ۾ اچي وجون ها پر توکي جوکي جي خبر ڪير اچي ٻڌائي ها؟

سالڪ: توهان ڪهڙو جوکو ڏٺو؟

بدخبر: هڪڙو تہ هيءُ ماتر خود اونداهي آهي، ٻيو تہ ان ۾ جن پوت ۽ اجگر ڏٺاسين، اتي جيڪي آڪڙجي ۽ آتڙجي ڪڍن ڪوہن ۾ ڪريا هئا، ۽ اڪٿ ڏکن ۽ مصيبتن ۾ ورتل هئا، تن جي رئڻ پٽڻ جا آواز ٻڌاسين. سڄي ماتريءَ مٿان مونجهہ جا ڪڪر پکڙيل هئا، يقين ٿيوسين، تہ هن هيبتناڪ هنڌ اهو ويندو جنهن کي ڪُٺيءَ ڪنيون هوندو.

سالڪ: توهين جيڪي چئو ٿا تنهن مان پڌرو آهي تہ اها ڪا بهشت جي واٽ ڪانهي.

بدخبر: جيڪا حقيقت هئي سا توکي ٻڌائي سين. هاڻ تنهنجي مرضي، توکي وڻو هجي تہ ڀلي اوڏهين وڃ، پر پاڻ موٽي ٿا وڃون.

ٻئي شادي بدخبر پوءِ موٽي ويا، پر سالڪ پنهنجي واٽ پئي سڪ ۽ صدق سان وني، اڳتي وڌندو رهيو، اگهاڙي ترار اجا هٿ ۾ هيس، تہ متان ڪو دشمن واٽ تي گڏجي وڃي.

سالڪ هينئر جنهن واٽ ڪان پئي ويو، سا هيڪاري سوڙهي هئي، اُن جي سڄي پاسي هڪڙي اونهي ڪڏ هئي، جنهن ۾ انڌا انڌن کي واٽ ڏيکاريندا، پاڻ وڃي تي منجهس پيا ۽ وري نڪرڻ جي اميد ڪانہ تي رهين. انهيءَ راهہ جي کٻي پاسي کان ڪيترن ڪوهن ۾ ڏٻڻ هئي، جنهن ۾ جيڪڏهن ڪو ڪري تہ پير ڪوڙڻ لاءِ ترو بہ ڪونہ مليس. سالڪ کي هتان هلڻ ۾ گهٽي ڏکيائي ٿي. هن پاسي ڪاري ٻاٽ اڳيئي لڳي پيئي هئي، ويتر رات اُهڙي اونداهي هئي جو جڏهن وِک تي کنيائين، تيئن پتو ڪونہ ٿي پيس، تہ ڪٿي ٿو پير رکان. هڪ پاسي ڪڏ ۾ ڪرڻ جو ڏپ، تہ ٻئي پاسي گدڻ ۾ گپڻ جو ڊپ، پر هيءُ سائينءَ کي سنڀاليندو، سوچي سوچي قدم کڻندو ويو.

پينرِ، هن پنيور ۾ دوزخ جو دونهون.

(شاهہ)

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو ته ماتريءَ جي وچ ۾ دوزخ جو منهن هو، جو سالڪ جي واٽ جي بلڪل ويجهو هو، رکي رکي باهه جهيي پي ڪڍي، ٽانڊن جا خوفناڪ تڙڪات ٻڌڻ ۾ پئي آيا، ۽ دونهون ايترو هو جنهن گهُٽي تي چڙهيو. سالڪ سمجهي ويو، ته هتي ترار جو ڪم ڪونهي، سا امالڪ ڪم ۾ وڌائين ۽ ٻيو هڪ هٿيار ڪڍيائين جنهن جو نالو هو "نِسُوري دعا" يا "نج آراڌنا". اهو هٿيار هٿ ۾ جهلي، آسمان ۾ اکيون اٽڪائي، قادر مطلق ڌڻيءَ کي ڪرنشون ڪري چيائين ته "تون ئي منهنجو تارڻ وارو آهين!"

"تن کي ڪڍي تار مان صلح ساهڙ جو،
اُتِ آ ڏو اچي، ڪينڪي ٻيليپو ٻئي جو،
ميهار ڪج منهنجو، ڪو اوکر انهيَ آرَ مان."
(شاهه)

سالڪ پوءِ سائينءَ کي سيناريندو، هوريان هوريان وک کڻندو، ڪيترو پنڌ ڪري ويو. سجي واٽ دوزخ ۾ پيل گنهگارن جو رڙيون ۽ ريهون پئي ٻڌائين، پر سنديس مُهڙ پنهنجي مارگ ۾ هئي. ڪيترا ڪوهه پنڌ ڪري ويو ته هڪڙيءَ اهڙيءَ جاءِ تي وڃي پهتو، جتي ڪيس جنن جي ٽولي ڏسڻ ۾ آئي. اول ته هيبت ويڙهي ويس، تنهنڪري اتي ئي گهڙي کن ترسي ويچار ڪرڻ لڳو ته هاڻ ڇا ڪجي؟ ايترو سمجهائين ته ماتريءَ جو اڌ جيترو پنڌ ته ضرور ڪري آيو هوندس ۽ ڪيترين ڀيانڪ حالتن مان بچي به آيو آهيان. هاڻ جيڪڏهن اڳتي وڌڻ ۾ ڊپ آهي ته پٺ تي موٽڻ به سٺرو ڪونهي. اڳي پوءِ مرڻو اوس آهي ته پوءِ ڊڄڻ وري ڇا جو؟

"اڳي پوءِ مران، مَرُ مران مارگ ۾
متي پوءِ پريان، خون منهنجو جيڏيون."
(شاهه)

هينئر يقين ڄاتائين ته اڳتي وڌڻ ۾ ئي فائدو آهي، سو اڳتي وڌڻ جو پڪو پهه ڪيئائين ته جن به اچي وٺس سهڙيا.

سالڪ اوڏي مهل جهجهي زور شور سان چيو ته ”ڏٽيءَ پاڪ جي واهر سان اڳتي وڌندس.“ ڏٽيءَ پاڪ جو نالو ٻڌي، هو پليد پڇي ويا ۽ وري ويجهو نه آيس، هو پوءِ به ڏٽيءَ جو نالو جنپيدو ويو.

م ڪر ڊول ڊلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪميڻيءَ جو بگر تو بلو،
تنهنجو نانءُ نلو، وڃيو ويني آهيان.
(شاهه)

هتي هڪ ڳالهه تي، جا ڇڏي ڏيڻ نه گهرجي، سپني ۾ ڏنم ته انهيءَ وقت سالڪ اهڙو منجهي پيو جو پنهنجو آواز به سڃاڻي نٿي سگهيو. دوزخ وري غار جي منهن وٽ هڪ ناپاڪ روح سندس پنيان اچي سندس ڪن ۾ ڪيترين ڪفر جون ڳالهيون اهڙيءَ ريت ٻڪيون جو سالڪ ڀانيون ته اهو ڪفر منهنجيءَ دل مان ٿو نڪري، انهيءَ سبب ڪيس گهڻو دک ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته مان کهڙو نه ڳتور آهيان، جو پنهنجي پياري ڏٽيءَ بنسبت ههڙو ڪفر ٿو ٻڪان. جيڪڏهن وس هليس ته ائين هرگز ڪين ڪري ها.

اهو به عقل ڪونه آيس جو پنهنجا ڪن ڪٽي پوري يا پتو ڪدي ته اهي ڪفر جا آواز ڪٿان ٿا اچن. هو پوءِ وماسي ۾ ويڙهجي وک وڌائيندو رهيو. ڪنهن وقت ڏنائين ته ڪو شخص اڳيان پيو وڃي ۽ ائين چوندو پيو وڃي ته ”جيتوڻيڪ مان موت جي ڇاڇي جي ماتريءَ مان لنگهان ٿو، ته به مون کي نڪو ڀءُ نڪو ڀولو، نڪا لهر نڪو لوڏو، جو اي ڏٽي، تون مون سان هر ويل همراهه آهين.“ واتهڙوءَ جي انهن لفظن سالڪ ۾ نئون ساهه ڦوڪيو. سندس دل کي وڏو آٿت اچي ويو ۽ گهڻي خوشي ٿيس هن لاءِ ٽي سبب هئا:

هڪڙو ته سمجهائين ته مون کان سواءِ ٻيا به ڪي خدا ترس هن ماتر ۾ آهن. ٻيو ته جڏهن هن اونده ۽ دک جهڙي حالت ۾ ڏٽي ٻين سان همراهه آهي، تڏهن مون سان به اهوئي همراهه ٿيندو، ٽيون ته

جيڪڏهن ڳڙي ڪٽي، انهيءَ اڳيان ويندڙ شخص تائين پهچندس ته سني سنگت ٿيندير، هو پوءِ وڪ وڌائي ڪيس سڏ ڪرڻ لڳو، هن سڏ ٻڌا، پر سمجهي نٽي سگهيو ته ڪهڙي وراٽي ڏيانس، جو هن پاڻ به ائين ٿي ڀانيون، ته هن ماٿر ۾ اڳي آءٌ اڪيلو آهيان.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ رات ڪَٽُ چڏيو ۽ صاف صفائي ٿي، ته سالڪ خوش ٿي چيو ته ڏٽيءَ موت جي ڀاڇي مان هاڻ ڦيرائي صبح ڪيو آهي، هو پوءِ ڦري پنتي نهارڻ لڳو. موٽڻ جو ارادو ڪونه هوس، پر رڳي ڏسڻو هوس، ته جنهن واٽ ڪان آيو آهيان، سا ڪيتري قدر ڀوائتي آهي، ۽ ڪهڙن ڪهڙن جوکن ڪان بچي آيو آهيان، پنتي نهاري ڏٺائين ته مار! هڪڙي پاسي الاهي کڏ ته ٻئي پاسي ڏٻڻ، ۽ انهن جي وچان جيڪا واٽ وني آيو آهيان، سا نهايت سوڙهي آهي. جن ڀوت ۽ اجگر به ڏسڻ ۾ آيس، پر اهي سيئي پري هئا، ڇو جو صبح ٿيڻ ڪان پوءِ هو ويجهو نٽا اچن. جن جوکن ڪان هو رڳي ڊنو ٿي، سي ڏينهن جي سوجهري ڪري صفا ڏسڻ ۾ آيس ته گهڻو خوش ٿيو، جو انهن جوکن ۽ خوفن خطرن ڪان بچي آيو هو.

سگهو ئي سج ڪني ڪَدي، اها جڻ ته ڏٽيءَ متس ٻي ٻاجهه ڪئي، چاڪاڻ ته جيتوڻيڪ موت جي ڀاڇي جي ماٿريءَ جو پهريون ڀاڱو خوفناڪ هو، ته به باقي رهيل ڀاڱو هيڪاري وڌيڪ خوفناڪ هو، ماٿر جي ڇيڙي تائين، سڄي واٽ ڦندن، ڄارين ۽ سرڪيٽڻ سان ڀريل هئي. منجهس ڪڏون ڪوبا به ايترا هئا جو جيڪڏهن هينئر به اهڙي اونده هجي ها جهڙي پهرين ڀاڱي ۾ هئي، ته ڪيس ڪٽي هزار جانيون هجن ها ته به سلامت نه رهي ها. پر هاڻ سج ويو ٿي چڙهندو تنهنڪري چيائين ته ڏٽيءَ جو ڏئو منهنجي مٿان سوجهرو ڪري ٿو ۽ سوجهري ڪري مان هن مشڪلات مان لنگهي ويندس.

”جن جي ساهڙ سان صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهن.“

(شاهه)

باب ڏهون

# سُهائيندي ۽ اڻ سهائيندي سنگت

جو ڪُهَندِ سُهندِ سامهون، پرتِ تنهين سين پارِ،
نينهن نہ نِبهي جنهنجو، تنهين سين م تنوارِ،
هَڏِ مَ واٽ وسارِ، ٿُي نِرالو نِبري.
(شاھ)

سالڪ پنڌ ڪندو ڪندو نيٺ ماٿريءَ جي ڇيڙي وٽ وڃي پهتو. اتي هڪ ننڍي ٽڪري هئي، سا هن لاءِ تہ مسافر انهيءَ تي چڙهي، پنهنجي اڳتي جي واٽ ڏسن. هيءُ انهيءَ ٽڪريءَ تي چڙهيو، تہ پريان پنهنجو هڪ ڳوٺائي "ايماندار" نالي ويندو ڏٺائين. سالڪ سڏ ڪري چيس تہ "ترس، تہ مان بہ توسان گڏجي هلان." هن چيس تہ ترسڻ جو وقت نہ آهي، مان پنهنجي جان بچائڻ لاءِ تو پڄان جو ويري منهنجي پنيان لڳو پيو اچي- هيءَ وراڻي ٻڌي سالڪ کي بہ هر ڪر ٿي، سو وچان رستو ڪپي ويو ۽ ويو بہ اهڙو تکڙو جو ايماندار کان بہ اڳيرو نڪري ويو، ائين جيڪو پويون هو، سو پهريون ٿيو. انهيءَ تي سالڪ ٿورو سرخرو ٿي کلڻ لڳو، تہ اتي ئي ٿابو کائي اهڙو ڪري پيو جو جيستائين ايماندار کيس اٿارڻ لاءِ نہ آيو تيستائين اُٿي ڪين ٿي سگهيو.

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو تہ هو ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي کي پيلي پت ڪيڪاري، جهجهي پريم سان پنڌ ڪندا ويا ۽ پنهنجي سفر جو هڪ ٻئي کي احوال ڏنائون.

سالڪ: ادا ايماندار، توکي ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، پرديس ۾ پنهنجي وطن جي ڪا پهر ڏسبي آهي تہ گهڻي خوشي

ٿيندي آهي، پر وڏيڪ خوشي هن ڪري ٿي اتم جو سهائيندي سنگت ملي اتم.

ايماندار: ادا، مون ڪي اڳي ئي دل ۾ هو، تہ ڳوٺ ڪان ئي توسان گڏجي اچان، پر تون مون ڪان اڳي نڪري آئين تنهنڪري مان هيستائين اڪيلو آيس.

سالڪ: منهنجي نڪرڻ ڪان پوءِ تون ڪيترا ڏينهن ڳوٺ هئين؟

ايماندار: ٿورائي ڏينهن، جو تہ هنڌين ماڳين اها پچار پي پيئي، تہ سڀ جيڪي ڏسجي ٿو سو آخر فنا ٿيندو، اها ڳالهہ ٻڌي مون ترسڻ واجب نہ سمجهيو.

سالڪ: توڪان سواءِ ٻيو بہ ڪو پاڻ ڪي بچائڻ لاءِ نڪتو؟

ايماندار: ادا، سَتون تہ سيني پئي ڪيون، پر وطن ڇڏڻ تي ڪنهنجي بہ دل ڪانہ ٿي وري. ڪو سفر لاءِ سنبهيو ٿي، تہ ٻين پاڻ ڪِٺ ڪري ٿي ورتس. ڪن ايئن پئي چيو تہ پاٽيءَ ڪان اڳي ڪپڙا نہ لاهجن. جڏهن فنا جو هوڪو ڦرندو، تڏهن انهي ڳالهہ کي ڏسي وٺبو. پر مون ڪي پڪ هئي تہ اجل ڪين ڇڏيندو، تنهنڪري ميڙو متوئي ڇڏي هليو آيس.

سالڪ: منهنجي پاڙيسري بہ دلئي بابت ڪي ٻڌءِ؟

ايماندار: هائو، ٻڌم تہ هو توسان نااميدي جي ڏٻڻ تائين گڏجي آيو، پر پوءِ اتان موٽي ويو ڪن ائين بہ چيو تہ گدڻ ۾ ڪپي پيو هو، پاڻ جيتوڻيڪ اها ڳالهہ الي ويو، پر مونڻ ڏٺو تہ اُتي جي ڳپ برابر لڳل هئس.

سالڪ: موٽي اچڻ ڪري سرهو هو يا پشيمان؟

ايماندار: هو پاڻ ڪان پاٽيهي شرمندو پئي ٿيو،

نہ خدائی ملی نہ وصال صنم،
نہ ادھر کے ہوئے نہ اُدھر کے ہوئے.

سالڪ: هينئر ڪهڙي حال ۾ هو؟

ايماندار: چوندا آهن تہ ”ستي لڪڙن ڪان موٽي نہ ڪتن هاب ٿئي“. سندس بہ اهڙو ئي حال آهي. ڌوٻيءَ جي ڪتي وانگر نہ ٽيو آهي گهر جو نہ گهاٽ جو. هينئر تہ بيروزگار وينو آهي، جنهن ڪري سندس حال اڳي ڪان بہ خراب آهي.

سالڪ: اهڙو ڪوبہ ڪونہ هو، جو ڪنهن ڪرت ڪار ۾ لڳائيس؟

ايماندار: سيڪو چوي تہ هو دل جو سچو نہ آهي: ڪڏهن تيريءَ ۾ تہ ڪڏهن ميريءَ ۾. اقرار ڪيو ڦريو وڃي، تنهنڪري اهڙو ماڻهو پاڻ کي نہ ڪپي. هڪ لڳا مونکي رستي پنڌ گڏيو، پر شرم وچان منهن موڙي هليو ويو، تنهنڪري منهنجي ساڻس ڪابہ گفتگو ڪانہ ٿي.

سالڪ: جنهن مهل مون سان گڏ وطن ڇڏي نڪتو، تنهن مهل مونکي منجهس جهجهي اميد هئي، پر پوءِ پنهنجي پَسُورائي پٽري ڪيائين. هاڻ تون پنهنجي خبر چار ٻڌاءِ.

ايماندار: ادا، پنهنجي وطن ڇڏڻ ڪان پوءِ مان نااميديءَ جي ڏٻڻ وٽ پهتس، ڏٻڻ جي وچ ۾ پوڙيون ٻڌل هيون، تن تان لنگهي، سوڙهي دروازي وٽ سلامت وڃي پهتس، پر واٽ تي هڪ عورت ”اَلبيلي“ نالي گڏيم. مون کي گهڻو ئي پنيلايائين ۽ هرڪايائين ۽ پنهنجي دام ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر مون آڪيس بہ ڪونہ ۽ پنهنجي واٽ ونئي هليو آيس.

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
جي چورِين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.
(شاهہ)

سالڪ: هوءَ مُنهن جي مٺي ۽ موهيندڙ ۽ نهايت چتر ۽ چالاڪ آهي، وڏا وڏا وِير ڀلايا اٿس، تنهنڪري شڪر ڪر جو سندس ڦندي ۾ نہ ڦاٿين.

ايماندار: ڪيس ڏسي مونکي هڪ جهوني ڪتاب جي ڳالھ دل تي تري آئي. سمجهيم تہ هيءُ مون کي اٽپچي دوزخ جا در ڏيکاريندي، تنهنڪري اکيون انڌيون ۽ ڪن ٻوڙا ڪري هليو آيس.

سالڪ: آفرين! ٻي بہ ڪا پھر گڏيئي؟

ايماندار: هائو، هڪ ڪُرارو گڏيم، پڇيائينم تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ چيومانس تہ هميشگيءَ جي ملڪ ڏانهن. تنهن تي چيائين تہ تون ڏسڻ ۾ سپتيو ۽ سچيار پيو اچين. مان جيڪو پگھار ڏيانءِ تنهن تي راضي ٿي مون وٽ نوڪري ڪندين؟ پڇومانس تہ توهان جو نالو؟ چي منهنجو نالو آهي "پراڻو ماڻهپو" ۽ جنهن ڳوٺ ۾ رهان ٿو تنهن جو نالو آهي "ڪپت"، جو "دولاب" بہ سڏجي ٿو. منهنجيً نوڪري اٿيئي قدم قدم جون موجون ماڻن ۽ اُجورو اهو ملندءِ جو نيٺ منهنجو وارث ٿيندين. انهيءَ تي پڇيومانس تہ ورثي ۾ ڇا ملندم ۽ گھر ۾ ٻيا بہ ڪي نوڪر چاڪر اٿو يا نہ؟ چيائين منهنجو گھر جهان جي نعمتن سان ڀريل آهي، ۽ منهنجا نوڪر اُهي آهن جي مون ڄڻيا آهن، انهن مان ٽي منهنجون نياڻيون آهن: هڪڙيءَ جو نالو آهي "شهوت"، ٻيءُ جو نالو آهي "موھ جي نظر" ۽ ٽينءَ جو نالو آهي "حياتيءَ جو فخر". مون وٽ جي نوڪري ڪندين تہ پنهنجون اهي ٽيئي ڏيئون توسان پرڻائيندس ۽ جيستائين جيئرو رهندس تيستائين توکي پاڻ کان پاسي ٿيڻ نہ ڏيندس.

سالڪ: تو نيٺ ڪهڙو نهراءُ ڪيو؟

ايماندار: منهنجي دل هرڪي، جو مون کي سنديس ڳالهيون بلڪل چڱيون نظر ۾ آيون، پر پوءِ سنديس پيشاني ڏسي، دل ۾ آيم، تہ پراڻو ماڻهپو ۽ سندس ڪم ڪڌهن بہ قبول ڪرڻ نہ

گهرجن. جيڪڏهن شهوت، موهه جي نظر ۽ حياتيءَ جي فخر سان پرٽبس تہ پوءِ سڄي عمر انهن جوين جو مريد ٿي رهڻو پوندم. اهي ڳالهيون ٻڌي مون سنديس نوڪريءَ ڪرڻ کان نابري واري تہ هو مون کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ ڪيترا حرف پٽي ڪڍيائين. ائين بہ چيائينم تہ مان تنهنجي پنيان اهڙو ماڻهو بڇيندس جو انهيءَ وات ۾ تنهنجي حياتي زهر ڪندو. مان پوءِ ڪانئس منهن موڙي ٻئي پاسي ڦريس تہ مون کي اهڙي زور سان جهليائين جو مون کي اڌ جيترو پاڻ ڏي گهلي ويو. پوءِ تہ جيئن تيئن پاڻ ڇڏائي، ٽڪريءَ تي چڙهيس. اجا اڌ جيترو پنڌ ڪيم ئي ڪين تہ هڪ شخص پاڻ ڏي واچوڙي وانگر تڪو ايندو ڏٺم، جو لانديءَ وٽ مون سان اچي گڏيو. ڪيس ڏسڻ شرط مان ٻؤرت ۾ پئجي ويس، هن اچڻ سان مون کي اهڙو ڌڪ هنيون جو مان ڦان ٿي ڪري پيس ۽ اوسان خطا ٿي ويم. جڏهن سامت ۾ آيس تڏهن پڇومانس تہ مون کي هئن ماريءَ چو؟ چيائينم تہ تنهنجي دل ڳجهي قدم پراڻي ماڻهپي ڏي لاڙو رکيو تنهنڪري تون سيکت جو لائق آهين. پوءِ وري مون کي گهگهيتون ۽ نؤنشا هڻڻ لڳو ۽ هڪ ڌڪ ڇاتيءَ ڏارو اهڙو هنيائينم، جو مان بيهوش ٿي سندس پيرن وٽ ڪري پيس. جڏهن سُرت ۾ آيس تڏهن معافي گهري مانس، پر پاڻ چيائين تہ مان معافيءَ مان ڄاڻائين ڪونہ. پوءِ تہ منهنجا ڪي گر پير زور هئا، جو وٺائنس ڇٽس ۽ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهيس.

سالڪ: جنهن لانديءَ وٽ اهو شخص توکي گڏيو سا ساڳي اها لاندي آهي جنهن ۾ مان ٻيهرو ڪرڻ لاءِ اندر لنگهي ويس ۽ اهڙي گهري ننڊ اچي ويم جو پنهنجو ڏرمي پستڪ اتي ڪري پيم تہ پتو ڪونہ پيم. پلا، جڏهن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي

چڙهئين تڏهن اُتي ڪا جاءِ جڙيل ڏٺءِ؟

ايماندار: هائو، اها جاءِ تہ ڏٺيم، پر اتي شينهن بينل هئا سي بہ ڏٺم. شايد ان وقت شينهن ننڊ ۾ هئا. جو اهو منجهند جو وقت هو. اجا ڏينهن گهڻو پيو هو، تنهنڪري اُتي دابو ڪونہ ڪيم. چوڪيدار بينل هو تنهن وٽان لنگهي، ٽڪريءَ تان لهڻ لڳس.

سالڪ: هائو، چوڪيدار برابر مون سان ڳالهہ ڪئي تہ توکي اتان لنگهندو ڏٺو هوائين، پر چڱو ايئن ٿئي ها، جي تون بہ انهي عاليشان عمارت اندر وڃين ها، اتي توکي اهڙيون عجيب غريب شيون ڏيکارين ها، جي توکي مرڻ گهڙيءَ تائين ڪين وسرن ها. پلا جڏهن ٽڪريءَ تان ڍري هيٺ ٿئين تہ تڏهن نئڙت جي ماتريءَ ۾ ڪي نظر آييءِ؟

ايماندار: هائو "ناراضپو" نالي هڪ شخص گڏيم، جنهن مون کي پاڻ سان گڏ موٽڻ لاءِ گهڻو زور ڪيو، چوڻ لڳو تہ نئڙت جي ماتريءَ ۾ هلبو تہ عزت ڪانہ رهندي، تنهن کان سواءِ تنهنجا سنگتي فخر، غرُور، خود پسندي ۽ دنيوي وڏائي سڀ تو مان ناراض ٿيندا ۽ بيا بہ توکي مورک سمجهندا.

سالڪ: تو ڪهڙي وراڻي ڏنيس؟

ايماندار: چيومانس تہ جن جا نالا تو ورتا سي سڀ برابر رڳي سڄڻ ڪري ٿي سمجهيم، پر جنهن وقت حق جي راهہ ورتيم تنهن وقت انهن سيني سان ٽڳا ٽوڙيم جو انهيءَ راهہ ۾ نئڙت، منت ۽ محتاجيءَ سان مائٽي ڳنڍڻي پوي ٿي.

مُنيءَ ٿيءُ مسڪين، حجت هوت وڃايو.

(شاهہ)

سالڪ: تحقيق، هن راهہ ۾ اٺ ئي پهر توبهہ ۽ زاري ڪرڻي آهي.

زاريءَ ڏاران زور، هلي ڪونہ حبيب سين.

(شاهہ)

ايماندار: مون ايئن ٻه ٻڌو آهي ته تون جيڪي ٻه
چوين ٿو، سو سراسر غلط آهي. سچي پچي آبرو آهيئي
نئڙت ۾. ساهميءَ جو جيڪو پڙ نمہ. ٿو، اهوئي ڳوُرو
ليکيو وڃي ٿو. هٺ نيٺ مارائيندڙ آهي، تنهنڪري سنديس
سنگت کان پاڻ کي اڳيئي آزاد ڪيو اٿم. هينئر مون کي
هن ماتريءَ مان وڃڻو آهي.

سالڪ: وات تي ٻي ٻه ڪا پهر گڏيئيءَ؟

ايماندار: ”شرم“ نالي هڪ شخص گڏيم، پر نهايت ننر ۽ نرڄو هو.
ٻيا دليل ۽ بحث ٻڌي هليا ويا، پر هيءُ اهڙو اڻاسو، جو
هٽيوئي ڪين.

سالڪ: توکي ڇا چيائين؟

ايماندار: هو چوڻ لڳو ته ڌرم ڏي ڌيان ڏيڻ ۽ ڌرمشت يا ديندار ٿيڻ
جهڙو بيفائدو، ٻچڙو ۽ نيچ ڪم ٻيو آهيئي ڪونه. ديندار
چون ته نرم دل ڌارجي! نرم دل ٿيڻ آهي پنهنجو ڪانئر پڻو
ڏيکارڻ. اهو ڪو مڙسن جو ڪم ليکبو ڪئن؟
ٻي ڳالهه ته ديندار چون ته پنهنجي وويڪ يا ضمير موجب
هلجي! جيڪڏهن اسين پنهجن سخنن ۽ اعمالن تي پهرو
رکنداسين ته پوءِ جنهن آزاديءَ تي هريل آهيون، سا اٽيچو
هٽان وڃائينداسون ۽ لوڪ اڳيان پاڻ کي کلڻ هاب
ڪنداسون، هئن ٻه چوڻ لڳو ته وڏن وڏن ٿينگن، دولتمندن ۽
عاقلن مان ڪو ورلو تنهنجي راءِ پٺاندر هلندو. جيڪڏهن ٻه
ڪو تنهنجي راءِ تي هلندو، ته ڪيس پهريائين نادان ٿيڻو
پوندو، ۽ جن ڳالهين جي خبر ئي ڪانهي ته اُنهن مان ڇا
ٿيندو، تن لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائڻو پوندس. هُو ايئن ٻه
چئي چڪو ته سڀ ڪنهن زماني ۾ حق جي راهه تي هلندڙ
جو حال تمام ٻچڙو ٿيندو پئي آيو آهي. هو بيوقوف آهن ۽

سيکنهن علم ۾ گهٽ آهن. اهڙيون ٻيون به گهٽيون ڳالهيون ڪيائين. مثلاً ”چيائين ته ڪا گيان وارتا يا ڪو وعظ دل سان هندائي، پنهنجن پاپن لاءِ پڇتائڻ ۽ گهر اچي رئڻ ۽ شيڪارا ڀرڻ، يا ڪو تورو گهٽو قصور ڪجي ته ان لاءِ اڳلي کان معافي گهرڻ، يا ڪنهنجو ڪجهه نقصان ڪجي ته ان لاءِ عيوضو ڀري ڏيڻ بنهه بيشرميءَ جهڙي ڳالهه آهي، اهڙن ڪمن ڪرڻ ڪري ماڻهوءَ جي عزت آبرو ڪهڙي رهندي جو عجب وچان هُن به چيائين ته جيڪي ديندار آهن سي ڪن وڏن ماڻهن جا ڪي قيس گناهه ڏسن ٿا، ته ڪائن پاسو ڪري، ڀري ڀڄن ٿا، پر گهٽ درجي وارن سان گڏجن مسجدن ۾ رلمل ڪن ٿا، ڇو جو اهي سندن دين ڀائي يا ساڳئي طريقي جا آهن! هيءُ نهايت شرم جي ڳالهه آهي.

سالڪ: تو ڪيس ڪهڙو جواب ڏنو؟

ايماندار: سنديس اهي ڳالهيون اهڙيون هيون، جو هڪواريءَ جيڪر هر ڪو ڀانئين ته سچ ٿو چوي، پر ڪو پوريءَ ريت انهن تي ويچار ڪندو ته سمجهندو ته جيڪڏهن اهڙو شرم ڏاربو ته پوءِ ڌرم ڏوئي وهٽو پوندو ۽ ماڻهوءَ دين توڙي دنيا کان ويندو. انهيءَ سبب منهن تي ڪوڙي چيومانس ته توکي خود خبر ڪانه تي ڏسجي ته ڌرم يا دين ڇئبو ڇا کي آهي. ڌرم تي هلڻ سو آهي ڌڻيءَ جي حڪمن پٽاندر هلڻ. جيڪي ڌڻيءَ جا حڪم آهن، تن جي برخلاف جيڪڏهن دنيا جا ٻيا سڀ ماڻهو هجن، ته به اسان کي اهي اوس مڃڻ گهرجن. تون جنهن قسم جي شرم جي ڳالهه ڪرين ٿو، سو دل کي ڪنور ڪندو، پر ڌڻي تعاليٰ نرم دل پسند ڪري ٿو. نرم دل ڏاري، جو اهنسا جو متو اختيار ڪري ٿو سو

ئي سچو پچو ڌرمشٽ ۽ ديندار سڏجي ٿو. ”اهنسا“ آهي ڪنهن کي ڪنهن به طرح نه ڏکوئڻ يا ايذاءُ رسائڻ.“ ان جو ضد آهي ”هنسا“. ڪنهن کي خون ڪرڻ يا ڪنهن جي جسم يا دل کي ڪنهن به قسم جو ڏک يا ايذاءُ رسائڻ هنسا آهي. ڪوڙي رستي ڌن حاصل ڪرڻ يا وڃائڻ (جھڙوڪ جوا ۾)، امانت ۾ خيانت ڪرڻ ۽ پرائي زال سان محبت رکڻ هنس آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ، لڳندي گفتگو يا گلا ڪرڻ يا ڪنهن سان شوخ ٿيئي ڪنهن کي رنجائڻ، هنسا آهي. ڏٺيءَ ۾ ايمان نه ڏارڻ، پرائي مال يا پرائي زال تڪڻ، ٻئي کي نقصان پهچائڻ لاءِ دل ۾ ڪي گهات گهڙڻ ۽ اُبتا ويچار ڪرڻ هنسا آهي. جيڪڏهن اسين پنهنجن سخنن ۽ اعمالن تي پهرو ۽ من تي ضابطو نه رکنداسين ته گهڻيئي هنسائون ڪنداسين ۽ پاڻ کي نرڪ گامي ڪنداسين.

تون چوين ٿو ته سڀ ڪنهن زماني ۾ حق جي راهه تي هلندڙن جو حال بڇڙو ٿيندو آيو آهي ۽ سڀ ڪنهن علم ۾ گهٽ آهن. مان ڏسان ٿو ته تون جيڪي چوين ٿو سو تون پاڻ نٿو سمجهي سگهين. سالڪن جا گهڻيئي امتحان ٿين ٿا ۽ طرح طرح جون تڪليفون متن نازل ٿين ٿيون، پر اهي ڏک ۽ سور حق جي راهه ۾ سندين رهبري ڪن ٿا.

سکن ڪان شاباس، ڏهه ڏهه پيرا ڏکن کي،
منزل ۾ محمود ٿئي، هئم هميشه پاس،
مُنجهي هوندمياس، جي سُورن سونهي نه ڪئي.

اهو يقين ڄاڻ ته ڏک کان سواءِ سک ملڻو نه آهي، تنهنڪري ڏک سکن جي سونهن آهن. جيڪڏهن سالڪ هر طرح رضا

تي راضي رهي ٿو تہ پوءِ خود اهي ڏکہ ڪيس منائيءَ ڪان بہ منا لڳن ٿا.

پريان سندي پار جي مڙيئي منائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.
(شاهہ)

هن مان تون سمجهي سگهندين تہ جيڪو علم انهن پرايو آهي تنهنجي توکي سڏ ئي ڪانهي.

ڏٽيءَ جا پيارا جيتوڻيڪ سندس ڪوبہ امر اورانگهڻ نٿا چاهين، تہ بہ نيٺ انسان آهن. انسان خطا جو گهر آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجن خطائن ۾ پاپن لاءِ پڇتاءُ ڪندو، تہ انهيءَ ۾ شرم جي ڳالهہ اول آهي ڪهڙي؟ سچي پچي پڇتاءَ ڪرڻ مهل جيڪي ڳوڙها اکين مان ڳاڙجن ٿا سي ردي ڪي صاف ڪن ٿا ۽ اهي قادر مطلق ڏٽيءَ وٽ قبول پون ٿا جنهنڪري گناهن کان معافي ملي ٿي. انهيءَ سبب چئبو تہ جيڪا ڳالهہ تنهنجي نظر ۾ بيشرميءَ جي ۽ بي مانائتي آهي، سا ڏٽيءَ وٽ مانائتي آهي. عدالت جي ڏينهن اسان جو انصاف تو جهڙن دنيوي ماڻهن جي منطع پٽاندر نہ ٿيندو، پر سچي سائينءَ جي سياڻپ ۽ قاعدن پٽاندر ٿيندو، پنهنجي قصور لاءِ اڳلن کان معافي وٺڻ شريف ماڻهن جو ڪم آهي، سچو پچو ديندار آهي ئي اهو جو پنهنجون خطائون بخشائي ۽ ڪنهنجو ڪجهہ نقصان ڪري وهي، تہ ڪيس ڀري ڏئي. اهو آهي ”اهنسا“ جي اصول تي هلڻ ۽ اهنسا جهڙو ڌرم ٻيو آهي ئي ڪونہ. تون چوين ٿو تہ جيڪو منهنجي اهڙيءَ راهِ تي هلندو تنهن کي پهريائين نادان ٿيڻو پوندو. تنهن تان هڪڙي

ڳالهہ تي ياد اچيم. اها ڳالهہ هيءَ آهي تہ هڪ لڳا حضرت عيسيٰ پنهنجن ششن سان گڏ ڪٿي وينو هو، تہ ڪي ٻار اندر گهڙي تي آيا. ششن سمجهو تہ ٻار اچي گوڙ ڪندا تنهن ڪان ڪين هڪالي تي ڪڍيائون، انهيءَ تي حضرت عيسيٰ پنهنجن ششن کي چيو تہ ”انهن ٻچڙن کي ڇڏيو تہ ٻلي تہ مون وٽ اچن، جو ڏٽيءَ جي بادشاهت آهي ئي اهڙن لاءِ مان توهان کي سچ ٿو چوان تہ جيستائين توهين بہ ٻار نہ ٿيندا يعني ٻارن جهڙي نرمل ٻڌي نہ ڌاريندا تيستائين ڏٽيءَ جي بادشاهت ۾ گهڙڻ جوڳا نہ ٿيندا.“

”تيءَ ٻاراٽي ٻوجهہ تہ سپيريان جي ساٿ مڙين.“
(شاهہ)

انهيءَ سبب چيومانس تہ تون جنهن ڪوڙي ۽ بيهودي شرم کي ڪڙهي، ههڙيءَ ڳالهہ کي ناداني ٿو سمجهين سا ناداني تنهنجيءَ سياڻپ کان سهسين گهمران وڌيڪ آهي. ڏٽيءَ جي اڳيان اسان دنيوي ماڻهن جي ڪابہ سياڻپ هلي ڪانہ سگهندي ۽ هو ٻلارو اسان سان پورائيءَ ۾ پنهنجا ڀال ڪندو، تنهنڪري تنهنجي عقل جي ابتڙ آءٌ جيڪر سائينءَ کي اهو ئي سوال ڪريان تہ ٻارن جهڙي نرمل ٻڌي ڏيئم.

”الله ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ئي ڏکہ ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ ڀال ڪيا.“
(شاهہ)

ڪو ماڻهو ڪنگال هوندو پر پرهيزگار ۽ ديندار هوندو تہ اهو انهيءَ شاهوڪار کان هزار دفعا بهتر ليکبو جو پنهنجن پاپن لاءِ نہ پڇتائيندو هوندو ۽ پنهنجي ڌوهہ ٻاسڻ ۾ لڄہ ايندي هونديس.

سالڪ: شاباس! مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو تون اهڙي همت ڏاري سندس سامهون ٿئين ۽ ههڙو ڪُتو جواب ڏنئس.
ڏٺي آهيئي ڏڏن جو ڏاتار.

جيڪي ڏڏن ڏئي، ڳجهيائين ڳجهه ۾،
سوجي سٽن ڪڍهن، ڪيرت وارا ڪي،
تہ ساز مڙيئي سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.
(شاهہ)

ڪيترا ماڻهو ساز سُرندا ڪٽي، ڪٽا ڪيرتن ۽ پڄن پاءُ ڪن ٿا، پر ڏٺي ڪائن وڏيڪ انهن سان پنهنجا پال تو پلائي جي نڪو ڪو ساز وڄائي ڄاڻن نڪو ڪو ڏٺيءَ جي ڪيرتي ڪرڻ جو ڍنگ اٿن. هو نلو ڏٺيءَ جو نالو پنهنجي اندر ۾ اُڪري ڇڏين ٿا. اهڙن ابوجهن سان والي جيڪي وڙ ڪري تو تن جي سڏ جيڪڏهن ڪيرتي ڪندڙن ڪي پوي، تہ هو پنهنجا سڀ ساز سرندا پٽ تي هٽي پٽون پرزا ڪري ڇڏين، ۽ ڏڏن وانگر پاڻ بہ ڏڏ تي وهن، تہ ساڻن بہ ڏڏن جهڙا وڙ ٿين.

ايماندار: منهنجيءَ سمجهہ ۾ ايئن ٿو اچي تہ اسان کي ڏٺيءَ کان دعا گهرڻ گهرجي تہ هو اسان کي هن شرم سان وڙهڻ واسطي توفيق بخشي، تہ دنيا ۾ ڌرم تي هلون ۽ سچائيءَ جي پاسي ڪمر ٻڌيو بيٺا هجون.

سالڪ: تون سچ ٿو چوين. آءٌ بہ داور جي درگاهہ مان اهائي دعا گهران ٿو. ڀلا، انهيءَ ماتر ۾ توکي ٻيو بہ ڪو گڏيو؟

ايماندار: ٻي ڪابہ پهر ڪانہ گڏيم، ڇاڪاڻ تہ هن ماتريءَ جي باقي رهيل پنڌ ۾، ۽ موت جي پاڇي واري ماتريءَ ۾، مون کي سج جو سوجهرو هو. جهڙي طرح چمڙا رڳو اوندهہ ۾ گهمندا ڦرندا آهن ۽ سوجهري ۾ انڌا ٿي

پوندا آهن، تهڙي طرح شرم جهڙن شخصن جي به سوجهري سان پويئي ڪانه.

سالڪ: توسان ته والي ڪو وڙ ڪيو جو سولو سهنجو هليو آئين. منهنجو حال توکان بئي قدم تيو. جيئن مان ماتريءَ ۾ گهڙيس تيئن بچڙي ”ناس ڪندڙ“ سان خوفناڪ جنگ جوٽڻي پيم. ڪنهن وقت مونکي پاڪر ۾ پري، پونءَ سان پيري هنيائين ۽ اهڙو زور سان پيڙيائيم جو پانيم ته اجهو ٿو مران. پَٽ تي ڪِرڻ مهل ترار هٿ مان ڇڏائي ويم، ته پنهنجي جيئڻ جو آسرو پليم. اتي سچي سائينءَ ڪي سوال ڪيم جنهن منهنجو عرض اگهايو ۽ مونکي مصيبت کان ڇڏايو. پوءِ مان موت جي پاڇي جي ماتريءَ ۾ گهڙيس. اڌ پنڌ تائين اونده ڏسي، پلپل ايئن چئي پانيم، ته اجهو تا منهنجا پساهه پورا تين. سگهو ئي پرهه باکون ڪڍيون، ته سوجهري ۾ سولائيءَ سان باقي رهيل پنڌ ڪري آيس.

✦

باب يارهون

# جيب ۾ برڪت

”رهڻيءَ رهيا نہ سپرين، تہ ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهہ
چوڻي

سالڪ ۽ ايماندار ڳالهيون ڪندا پئي ويا، تہ ڪنهن وقت ايماندار هڪ قداور ۽ شڪيل شخص ڀر واريءَ واٽ کان ويندو ڏٺو. اها واٽ ڪشادي هئي ۽ ڪهڙيءَ بہ منزل تي پهتل ماڻهو اتان لنگهي سگهيو ٿي. انهيءَ شخص جو نالو ”گهڻ ڳالهايو“ هو. ايماندار سڏ ڪري پڇيس تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تون بہ هميشگيءَ جي شهر ڏي هلڻو آهين ڇا؟ هن چيو ”هائو“. تنهن تي ايماندار چيس تہ اتي ترس تہ گڏجي هلون.

گهڻ ڳالهايو: آءٌ خوشيءَ سان اوهان جو سنگتي ٿيندس.

ايماندار: واٽ تي گيان چرچا ڪندا هلنداسين، تہ وقت بہ سجايو ٿيندو ۽ ڳالهين ۾ پنڌ بہ ڪو نہ لڪائيندو.

گهڻ ڳالهايو: مون کي وڻنديون ئي گيان وارتائون آهن، توهين ڪهڙي بہ ڳالهہ چوريو: ڇا آسمان جي ڇا زمين جي، ڇا ڌرمي، ڇا اخلاقي، ڇا آڳاٽي سمي جي ڇا هاڻوڪي سمي جي، ڇا ضروري ڇا اتفاقي، جيڪا توهان کي وڻي سا چوريو. انهيءَ مان اڻپڇو لاڀ پرائبو.

انهيءَ تي ايماندار سالڪ کي چيو تہ سنگتي سو ملوڪ مليو اٿئون. هي ڪنهن وڏيءَ منزل تي پهتل ڏسجي ٿو.

سالڪ: فقط جيڀ ۾ برڪت اٿس. ڳالهائڻ ۾ پوي تہ پوءِ ڪنهن کي وارو ڪو نہ ڏئي.

سون پرکجي ڪسوٽيءَ رپو پرکجي باھ،
ماڻھو تڏھن پرکجي، جڏھن ٻه اکر ڳالھاءِ.

ھن سان ٿوريئي گفتگو ڪندين ته پاڻيھي سندس ٽپڙن جي سڌ پوندييءَ.

ايماندار: تون ڪيس سڃاڻين ٿو؟

سالڪ: مان سندس پتو به سڃاڻان، ھو اسان جي ڳوٺ جو وينل آھي، پر اسان جو ڳوٺ وڏو آھي تنھنڪري تون ڪيس نه به سڃاڻندو ھجين.

ايماندار: ڪنھنجو پٽ آھي ۽ ڪٿي رھندو آھي؟

سالڪ: پڻس جو نالو "چتر" آھي ۽ ھو "بڪبڪ واري گھٽيءَ تي رھي ٿو، تنھنڪري جيڪي سندس واقف آھن سي عام طرح ڪيس "بڪ بڪ واري گھٽيءَ جو گھڻ ڳالھايو" سڏيندا آھن. مون کان سنديس ٻڌيون پڇ ته مان توکي ٻڌايان. شڪل جو سھڻو آھي، زبان ۾ زيب به اٿس، پر قلب جو ڪارو آھي.

منھن ته آھيم يا نئي اُجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻھران زيب زبان سين، دل ۾ ھچارو،
اِتپرِ ويچارو، ويجھو ناھ وصال سين.
(شاھ)

ايماندار: ڏسڻي ته چڱو ماڻھو پيو اچي.

سالڪ: ائين وقتي ڪا تصوير به پريان سھڻي ڏسڻ ۾ ايندي آھي، پر جڏھن ويجھي ڪري ڏسبي آھي تڏھن اھڙي چڱي نه لڳندي آھي. ھيءُ به ايئن رڳو ڏسڻ جو ٺوھ آھي. "ڏوران ڏاڙھي، اوريان ڪک."

ايماندار: مون ڀانيو ته ھن راھ ۾ اسان جو چڱو ساٿي ٿيندو.

سالڪ: ھو سڀ ڪنھن جي سنگت ڪري ڄاڻي. سيڪنھن طرح جون ڳالھيون به ڪري سگھي ٿو. جئن ھيئنر توسان ڳالھيون

پئي ڪيائين. تيئن گُتي تي بہ ويھي ڪندو آھي. جڏھن نشو وڌيس ٿو، تڏھن تہ اھڙيون ڳالھيون پاڻ وڌيڪ ڪري ٿو، پر ديندار نہ آھي. سندس پاڙيوارن جي ڪيس چڱيءَ ريت سڃاڻندا آھن. سي خود ايئن چوندا آھن تہ ھن ڪي ”ھٿ ۾ مالھا ۽ اندر ۾ پالا.“

منھن تہ موسيٰ جھڙو، عادت ۾ ابليس.

(شاھ)

ڪيس ڪوڏي حرام بجڪو حلال، ٻين ڪي چوي تہ ٻئيھن ڏندن مان جيڪي ٻولجي سو سُپُ ٻولجي، پر پاڻ سچو ڏينھن ڪچ پيو مئي، جيڪي ڳالھائي سو ڪوڙ، جيڪي نہ ڳالھائي سو سچ. جن جو ساٿس ڏيتي ليتيءَ جو رستو آھي سي چون تہ پڌري لچ ڪان پاڪندي لچ بچڙو. ھو ماٿھن ڪي داٻا ڏيو، ٺرڪان اڳي ٻرُ ڪايو وجي ۽ ٻي طرح بہ وھنوار تہ سوڌو نہ آھي. وڏي ارمان جي ڳالھ تہ اھا آھي جو خود پنھنجي اولاد ڪي پاڻ وارا ڪُڏا رستا سيڪاري ٿو. پنھنجيءَ بچڙي چال ڪري گھٽن ڪي گمراھ ڪيو اٿس. سائين ڪا سُمت ڏيئس نہ تہ ھيءُ اجا گھٽن جا خانا خراب ڪندو. جيڪي سندس سھي ڳھي آھن سي تہ ايئن بہ چون تہ ھھڙو ماٿھو نہ اوري چڱو نہ پاڙي چڱو. آبو ڊڪيائين يا ڪفن پھريائين تہ درويش ڪونہ ٿي پيو. دل درويش ھجي پوءِ پلي تہ ڪو اطلس پھري.

گولا جي گراھ جا، جوناسي جوڳي،
قتل سي قوڳي، جن شِڪم سانديا.

(شاھ)

منھنجو مطلب نہ ھو تہ مان پرائي پچار ڪريان، پر جڏھن تو سندس سنگ ڪرڻ جي خواھش ڪئي تڏھن توکي خبردار

ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهم ههڙن ماڻهن ۾ دينداريءَ جي اميد رکڻ سو آهي ٻٻرن کان ٻير گهرڻ. سنديس دينداري رُڳي بڪبڪ آهي.

ايماندار: مونکي تنهنجي ڳالهہ تي ويساهہ آهي، جو تون ڪيس پليءَ پت سڃاڻين. تون هميشہ نيڪ نيت آهين، تنهنڪري مان سمجهان ٿو تہ تنهنجو ساڻس ڪو ساڙ وير ڪونهي، پر هو تحقيق اهڙو آهي جهڙو تون چوين ٿو. مون اهڙا ماڻهو ڏٺا آهن جي ٻين کي گهڻو ئي اپديش ڪن، پر پاڻ انهيءَ تي ڪونہ هلن. چوڻي بہ آهي تہ:

"چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو ڦير آهي."

سالڪ: جئن روح جسم کان علحدو آهي، تيئن چوڻ ۽ ڪرڻ بہ ٻہ علحديون ڳالهيون آهن. جهڙي طرح روح کان سواءِ بت رڳو لاشو آهي، تهڙي طرح ڪرڻ کان سواءِ چوڻ مردي مثل آهي دينداري جي جان آهن چڱا ڪم. عمل کانسواءِ علم جو قدر ڪونہ ٿيندو. عدالت جي ڏينهن ماڻهن جو انصاف سندن ڪيل ڪمن پٽاندر ٿيندو، ۽ نہ سندن ڪيل ڳالهين پٽاندر.

ايماندار: تنهنجي انهيءَ ڳالهہ تان حضرت موسيٰ جو هڪ قول ٿو ياد اچيم. حضرت موسيٰ جو چوڻ هو تہ حلال جانور اهو آهي جنهن جا کر چيريل هجن ۽ جو اوڳاريندو هجي. جنهن ۾ انهن ٻنهي صفتن مان رڳي هڪڙي هوندي، سو حلال نہ آهي. مثلاً سهو رڳو اوڳاري ٿو، پر کر چيريل نہ اٿس تنهنڪري حرام آهي، جيڪو ماڻهو گهڻ ڳالهايو هوندو تنهن بابت بہ ائين چئبو تہ هو رڳي اوڳاري ٿو يعني وادو واد يا بحث مباحثو ڪري ٿو، پر کر چيريل نہ اٿس يعني من ماريل نہ اٿس جو سوڌي هلت هلي، پاپن کان پاسو ڪري،

تنهنڪري چئبو تہ سهي، ڪتي يا رڇ جهڙا پير اتس ۽ انهيءَ سبب هو حرام آهي.

سالڪ: تنهنجي اها تشبيهہ پوري آهي، پر اهڙن ماڻهن ڪي جهنجهٽي ۽ جهانجهہ سان بہ ڪي پيٽيندا آهن، جو اهي شيون رڳو وڃن تيون پر ساهہ ڪونہ اٿن. ”ٺلهو چٽو وڃي گهٽو.“ ههڙن ماڻهن جي رڳو جيءَ ۾ برڪت آهي جنهنڪري وادو واد ڪن ٿا. پر ايمان جو منجهن قطرو بہ ڪونهي.

ايماندار: چوند آهن تہ ”جت خيالن ۾ خلل پوي، تن لُنڊن وٿان لڏ.“ مون کي هاڻ دل ۾ ايئن ٿو اچي تہ سنديس سنگت نہ ڪريان، پر هيترو وقت جو ترسايو ٿي مانس، سو ڪهڙو بلو ڪريان جو هو هليو وڃي.

سالڪ: هن کي پڇائي ڪيڻ سولو آهي. تون وٽس وڃي دينداريءَ جي اثر بابت ساڻس گفتگو ڪر ۽ پوءِ ذوجهہ وٺي پڇجانس تہ تنهنجيءَ دل تي، ۽ تنهنجي گهر ۾ تنهنجن ٻارن ٻچن تي، دينداريءَ جو ڪهڙو اثر ٿيو آهي.

هيءُ ٻئي جڻا پوءِ وڏي گهڻ ڳالهائي وٽ ويا. هڪبئي کي ڪيڪارڻ کان پوءِ ايماندار ساڻس ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ شروع ڪئي.

ايماندار: ادا، پاڻ ڪي حق جي راهہ تي هلڻو آهي تنهنڪري ضرور آهي تہ ڳالهيون بہ اهڙيون ڪريون. هاڻ مون کي ٻڌايو جڏهن ڏٽيءَ جو فضل انسان جي دل تي ٿئي ٿو تڏهن اهو ڪئن ظاهر ٿئي ٿو؟

گهڻ ڳالهايو: هيءُ تمام سولو سوال آهي. ان جو جواب هيءُ آهي تہ جڏهن ڏٽيءَ جو فضل دل ۾ داخل ٿئي ٿو، تڏهن پهريائين گناهہ جي برخلاف اندر مان آهون نڪرن ٿيون.

ايماندار: توهان جي وات ۾ گلاب، مون کي ايئن سمجهڻ ۾ ٿو اچي ته جنهن جي دل ۾ فضل جو ڦيرو ٿئي ٿو، سو جڻ ته گناهه کي ڌڪاري ٿو.

وڏ ڳالهايو: ڳالهه مڙيائي ساڳي جهڙي سنٽ ٿهڙيون ٿي ويهون. گناهه جي برخلاف دانهن ڪرڻ ۽ گناهه کي ڌڪارڻ ان ۾ فرق ڪهڙو آهي؟

ايماندار: وڏو ئي فرق آهي، ڪو ماڻهو درويشن جهڙي ڏيکاري ڏيئي گناهن کان پاسي ٿيڻ لاءِ زور شور سان وعظ ڪندو ۽ ٻين کي پربوڌ ڏيندو، ته اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي جيستائين سنديس دل ۾ گناهه لاءِ سچي پچي نفرت نٿي جاڳي، تيستائين جو گناهه کي ڌڪاري نٿو سگهي. حضرت يوسف جي ڳالهه ٻڌي هونديءَ، ته جڏهن سندس ڌڻيءَ جي زال ڪيس پاڻ ڏي، ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو .............. اکر واري بينو تڏهن اهڙيءَ ريت دانهون ڪرڻ لڳي جو جڻ ته سنديس جهڙي پاڪدامن ٻي ٿي ڪين سگهندي. سنديس دل صاف نه هئي پوءِ جي ٻاهران دانهون ڪري ڏيکاريائين ته اها ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟ ڪي اهڙا به ماڻهو پيا آهن جي انهيءَ ماءُ جي مثل آهن، جا پنهنجي ننڍڙي ٻار کي هنج ۾ کڻي لوڏيندي ڪوڏيندي چويس ته ”تون ڪنو آهين، ڪارو آهين“، پر اتيئي ڪيس چاهه مان چمي ٿي ۽ پنهنجيءَ جان سان جڙي ٿي. جيڪي ماڻهو گناهن جي برخلاف پنهنجو آواز بلند ڪندا، پر دل ڪري اهي ساڳيون گناهن جون ڳالهيون ڪين پياريون لڳنديون ته پوءِ سندين دانهون ڪهڙي ڪم جون؟

وڏ ڳالهايو: مان سمجهان ٿو ته تون ڪٿان ٿو اچين.

ايماندار: منهنجي مرضي آهي ته توهان جهڙي سالڪ سان گيان گوشت ڪري ههڙيون ڳالهيون نِرنءِ ڪجن. هاڻ ٻڌايو ته ٻي

ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي ڪري توهين فضل جو دل تي اثر سهي ڪري سگهو ٿا؟

وڏ ڳالهايو: مان انهيءَ جو جواب ڪونہ ڏيندس، جو اسين هڪ راءِ جا تي ڪين سگهنداسين.

ايماندار:- جيڪڏهن توهين جواب نٿا ڏيو، تہ مون کي موڪل ڏيو تہ مان پنهنجا خيال ظاهر ڪريان.

وڏ ڳالهايو: توهان کي جيڪي چوڻو هجي سو بيشڪ چئو.

ايماندار: جنهن جي دل ۾ فضل جو ڪم شروع ٿئي ٿو، تنهن کي پنهنجن گناهن جي ڄاڻ پوي ٿي ۽ يقين ڄاڻي ٿو تہ پنهنجو ڪيتو لوڙيندس. انهيءَ سبب هو گناهن کان شرمندو ٿئي ٿو ۽ سندس دل ۾ درد پيدا ٿئي ٿو، هو پوءِ دينداريءَ سان ٻين سان ورتي ٿو. سندس هلت جو سندس گهر جي ڀاتين ۽ ٻين تي اثر ٿئي ٿو ۽ هو بہ پنهنجن دلين صاف رکڻ ۽ سچائيءَ جي وات ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙو اثر رڳو ڄڃي هلائڻ سان پيدا ٿي نٿو سگهي. مان اميد ٿو ڪريان تہ توهان جي دينداريءَ جو پرتوو توهان جي سڄي گهر ۽ اوڙي پاڙي تي جهُرَ جيان جهالا ڪندو هوندو.

وڏ ڳالهايو: مون اڳئي سمجهيو هو تہ توهان شخصي حملن ڪرڻ تي ڪمر ڪشي آهي، تنهنڪري توهان سان ڳالهائڻ بہ جوڳ ڪونهي.

هو پوءِ ڏمرجي ڪائن منهن موڙي هليو ويو. انهيءَ تي ايماندار کي سالڪ چيو تہ هاڻي تہ ڏِٺُءِ تہ جئن مون توکي چيو تئن ئي ٿيو. پنهنجيءَ چال سڌارڻ کان تنهنجي سنگت ڇڏڻ وڌيڪ پسند ڪيائين، تنهنڪري منهن ۾ گهنڊ وجهي هليو ويو. هاڻ ويو تہ وڃڻ ڏينس. اهو چڱو ٿيو جو هو پاڻيهي اسان کي ڇڏي ويو، نہ تہ اسان کي ڏکيو لڳي ها جو

چئنس ها تہ تون اسان سان گڏ نہ هل. ايماندار چيو تہ مون جيڪا توري گفتگو ساڻس ڪئي، تنهن مان شل ڪا غيرت جاڳيس جو آئيندي سنيالي هلي. سالڪ چيو تہ مونکي اهڙو آسرو ڪونهي، هيءُ ماڻهو رڳو فقه جا ڪتاب پڙهي وادو واد ڪن ٿا ۽ ائين سمجهن ٿا تہ اسان جهڙو گيان وان ۽ ڏرمشٽ ٻيو هوندو ئي ڪونہ ۽ روحاني راز اسان وانگر ٻيو ڪو پروڙي ڪونہ سگهندو، پر سندين چال چلت اها ئي هلي اچي.

ڪنز، قدوري، قافيہ جي پڙهي پروڙين سڀ،
تہ ڪر منڊي ماڪوڙي ڪوهہ ۾ پيئي ڪچي اُپ.
(شاهہ ڪريم)

ايماندار چيو تہ ڏٺيءَ جي جوڙ عجيب چئي جو سڀ ڪو پنهنجي حال ۾ مست رهي ٿو. جيڪڏهن ڪو ڪنهن گپڻ ۾ ڪپي ٿو تہ اتي بہ ائين هري ٿو وڃي جئن ڪنئون گپ ۽ گند ۾ رهڻ تي هريل آهي. شل سائين سمت ڏئي!

سيئي پرتا، رهن پانهنجي حال تي،
ڪي تياڳي وينا ڪُل ڪي، ڪي گپڻ منجهہ گتا،
ڪي پنڊت پربين ٿيا، ڪي مورک چت خطا،
ڪي ڪُچيل ڪلڇٽا، ڪي اپَرس اَڇُتا،
ڪي ڪوڙ ڪپٽ پرنچ ۾، ڪي آتم رنگ رتا،
سامي چئي سَتا، مڙيائي مهراج جي.
(سامي)

هو ٻئي ڄڻا باقي پندَ ڪندي، اهڙيون ڳالهيون ڪندا ويا، جنهنڪري اهو اوکو پند سوکو لڳن.

⌘

باب ٻارهون

# سچ تان صدقي

قلب قرباني ڪريان متان دل دوسن،
هنئين ۾ اکين، ڦاهي ڪاڏي پرينءَ لاءِ.
(شاهه)

سالڪ ۽ ايماندار کي هاڻ هڪ برپٽ مان لنگهڻو پيو، جنهن ۾ چوطرف هيبت جهڙي سچ هئي ۽ رائي رڳي رڃ هئي.

سرتيون سُڃي سُڃ، متان ڪامون سين هلي،
پاٽي ناهه، پنڌ گهڻو، اڳيان رائو. رڳي رڃ،
متان مري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پنهونءَ کي.
(شاهه)

هيءُ حق جا طالب برپٽ بيابان جي ڪابه پرواهه نه ڪري هلندا ويا، ته اوچتو نوراني شخص لُتي اچي پرگهٽ ٿيو. ڪيس ڏسي هيءُ ٻئي ڄڻا نهال ٿيا ۽ پرڻام ڪيائونس. هن به ٻنهي کي آشيرواد ڏنئي، ڪائن حال احوال پڇو. سالڪ چيس ته توهان کي ڏسي، مون کي توهان جون اڳيون مهربانيون ياد ٿيون پون. توهان مون کي هن واٽ ۾ لاتو، ته مان پنڌ ڪندو هيستائين اچي پهتو آهيان، واٽ تي جيڪي سک دک ڏٺا هوائين سي به بيان ڪري ٻڌايائين. پوءِ ايماندار چيس ته سوڙهي دروازي جو ڏس مون کي به توهان ڏنو هو. اوهان جي هدايت پٽاندر هلي، هيستائين پنڌ ڪيو اٿم. آئيندي به اوهان جي مهر جي نظر ٿيندي، ته اٽيچو پنهنجي مراد حاصل ڪندس. هن به پوءِ پنهنجي سفر جو سربستو احوال ٻڌايو.

هن نوراني شخص چين ته جس اٿو! مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، جو اوهان ايترين مشڪلاتون ڏسي به دل نه لوڙهي آهي. البت اوهان ۾ ڪي اوڻايون آهن، پر همت جهلي هن وات ۾ هلندا ايندؤ ته ڊولڻ اوهان جون سڀ ڊلايون ڍڪيندو. مان اوهان کي اهو به اڳوات ٻڌايان ٿو ته توهين جنهن منزل تي هينئر آهيو، تنهن منزل تي به شيطان توهان کي پنهنجي تيرن جو نشان بنائي سگهي ٿو، بلڪ جئن اڳتي وڪ وڌائيندا تئن هو هر وجهه اوهان کي پنتي هٽائڻ جي ڪوشس ڪندو. انهيءَ سبب منهنجو اوهان کي هيءُ چوڻ آهي ته ڪنهن به دنيوي خواهش کي پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ نه ڏجو ۽ نفس ۽ نفساني وسوسن کان خبردار رهجو "همت مردان مدد خدا". جيڪڏهن اوهين پنهنجي پانهين ترڻ جي ڪوشش نه ڪندا، ته پوءِ آسماني واهر جي اوهان کي ڪابه سڌ ڪانه پوندي، توهين پنهنجا به هڏ هلايو ۽ ڏٽيءَ کان به واهر گهرو ته پوءِ اٽپچو توهان جا بيڙا بني لڳندا.

ڪي تورن ڪي تار مون ڪني سگهان ڪي سگهه.

(شاهه)

نوراني شخص جي هن نصيحت ڏيڻ ڪري ٻنهي جڻن سندس ٿورا مڃيا. سالڪ چيس ته اسان جي مرضي آهي ته توهين اسان کي بيون به ڪي ڳالهيون ٻڌايو، جي اسان کي هن سفر ۾ ڪمائتيون ٿين. اسين دل ڪري ايئن تا ڄاڻون، ته توهين اسان لاءِ نبي آهيو جيڪي هن کان پوءِ ٿيڻو آهي تنهن جي به اوهان کي ڄاڻ آهي، تنهنڪري توهين اسان کي ٻڌائي ڇڏيو ته هن کان پوءِ اسان کي ڪهڙيون مشڪلاتون درپيش اينديون ۽ اسين انهن کي ڪهڙيءَ ريت منهن ڏيون جو سوپارا ٿيون. ايماندار چيس ته اهو اسان تي وڏو احسان ڪندؤ جي اسان کي اڳوات اهڙيون ڳالهيون ٻڌاءِ ڇڏيندؤ،

هن نوراني شخص چين ته اوهين اول هيءَ ڳالهه يقين ڄاڻو ته دڪه ڪانسواءِ سک ڪونهي. جنهن مارگ ۾ اوهين گهڙيا آهيو، تنهن

۾ رواجي ڏکن کان نرالا ڏک ڏسڻا پوندؤ. هن بريت مان نڪري ٻاهر ٿيندؤ تہ اوهان کي هڪ وڏو شهر ڏسڻ ۾ ايندو، دنيا ۾ جيڪي بہ اَست آهي، سو سڀ اُتي هڪ هنڌ هيڪاندو ڏسندؤ. اُتي جو وڻ وڻ توهان جو ويري ٿي بيهندو، پر توهين ست تي ثابت قدم رهجو، اوڙڪ ست جي جيءُ ٿيندي ۽ اَست ڪين ڪتي سگهندو تنهنڪري سچ تان صدقي ٿيڻ ۾ بہ ڪين ڪيٻائجو. توهان مان جيڪو صدقي ٿيندو سو ٻئي کان اڳرو ليکبو جو سرڳ ۾ اڳ ۾ اهو پهچندو ۽ ٻئي کي سفر جون سختيون سهڻيون پونديون ۽ گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندس، پر اوڙڪ اهو بہ سرڳ جا سک ماڻيندو. ايترو چئي هو ڪاٺ موڪلائي هليو ويو.

هيءُ ٻئي ڄڻا پوءِ پنڌ ڪري، بريت جهاڳي، ٻاهر ٿيا تہ هڪ وڏو شهر ڏٺائون جنهنجو نالو ”اسَتَ“ هو، دنيا ۾ رواجي ماڻهو جيڪي بہ شيون ڪاڻين ٿا، سي سڀ اتي موجود هيون. اهو شهر وڏيءَ پکيڙ ۾ هو. چوڌاري باغ بستان ۽ گلڪاري گلزار هيس. منجهيس ڪئين عاليشان عمارتون هيون جن ۾ سڀ طرح جا سک هئا. بازارين ۾ دڪانن تان هر ڪنهن قسم جون شيون ملي سگهيون ٿي. طرح طرح جا ميوا ۽ مٺايون ۽ قسمين قسمين طعام ڪيترن هنڌ تيار هئا. شراب ۽ ڪباب جا شوقين دڪانن وٽ ميڙا لايو بيٺا هئا. ڪيترن هنڌ پرستاريون گل عذاريون عياشن جي هر طرح خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر هيون ۽ ناچ ۽ گانو بہ پئي ٿيو. هڪ پاسي ستار ۽ چوتار تہ ٻي پاسي سرود جي للڪار هئي. پکون جي آواز ۽ سارنگيءَ جي سازغلغلو پئي مچايو ۽ راڳ جي لاڳ خوب رسي پئي رسايو. تان، مرڪ ۽ ٽپي تي ڪيترن جوانن ٽپ پئي ڇڏيا ۽ گهورون پئي گهوريائون. ڪن هنڌ ملاکڙو پئي لڳو ۽ ماڻهو ڪُنر ڪيو وينا هئا. ماڻهن جي گوڙ گهمسان جو فائدو وٺي ڪن چوريون پئي ڪيون تہ ڪن ڳنڍيون پئي ڪتريون. ڪن نشي ۾ الوٽ ٿي

ڪجھ پئي ميا تہ وقتي ڪن ڏاڙهيءَ پٽ پئي ڪئي. انهيءَ شهر ۾ ٻارنهن ئي مهينا ميلو متو پيو هوندو هو ۽ سڀ وقت واپار جي بازار گرم هوندي هئي.

سالڪ ۽ ايماندار ڪي جنهن منزل تي پهچڻو هو، تنهنجي وات انهيءَ شهر جي وچان هئي، جنهنڪري ڪين ميلي وارن ماڻهن جي وچ مان لنگهڻو پيو. اتي جيتوڻيڪ ڪلهي گس لڳي پيئي هئي، تہ بہ ڪيترن جو ڌيان هنن حق جي طالبن ڏي ڇڪيو ۽ پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا. ان لاءِ گهڻا سبب هئا: هڪڙو سبب هيءُ هو، تہ ميلي وارن ماڻهن ۽ هنن ٻن ڄڻن جي پوشاڪ ۾ گهڻو فرق هو، جنهن ڳالھ ميلي وارن ماڻهن جو ڌيان ڏانهن يڪدم ڇڪيو. ڪن چيو تہ هيءُ ڏارئي ديس جا رهاڪو ڏسجن ٿا تہ ڪن چيو تہ شايد ڌاڪو لٽل اٿن جو ههڙي پوشاڪ پهري اٿن.

ٻيون سبب هيءُ هو تہ هنن ٻن ڄڻن جي ٻولي ٻي هئي. هڪٻئي کي جيڪي چيائون تي سو انهيءَ شهر جي ڪيترن ماڻهن کي سمجهڻ ۾ نتي آيو.

ٽيون سبب هيءُ هو تہ اتي جيڪو مال وڪري لاءِ موجود هو ۽ جيڪي نعمتون هڪيون حاضر هيون تن ڏي هنن اک کڻي بہ نتي نهاريو.

ڪيترا ماڻهو چوڻ لڳا تہ هيءُ تہ ڪي عجيب انسان ٿا ڏسجن. منجهائن هڪڙي وڏي هنن سالڪن کان پڇيو تہ توهين ڪا خريداري ڪندؤ؟ هنن چيو تہ اسان کي سچ جو سؤدو ڪرڻو آهي ۽ هتي جيڪي ڏسون ٿا سو سڀ ڪوڙ ۽ ڪچ آهي. سندن انهيءَ جواب تي ٻين کي منيان لڳي. ڪي مٺن ٺٺوليون ڪرڻ لڳا تہ ڪي ڪين طعنا ٽنڪا هڻڻ لڳا. ڪن چيو تہ هنن کي جهڙپڻ گهرجي، تہ ڪن چيو تہ هنن کي اهڙي مار ڪيڻ گهرجي جو وري اسان جن شين لاءِ ڏڪا ظاهر نہ ڪن.

ڪيتري خلق هنن ٻن واٺهڙن وٽ اچي مڙي، ته ٻين هنڌان ميلو ٽٽي ويو. ڪن ڀانيون ته ميلي ۾ ڪو وڳوڙ پيو آهي، سو هر ڪو ڀڄندو هيڏانهن آيو. سٽت ئي هيءَ سڌ شهر جي حاڪم کي پيئي تنهن ڪن پروسي جهڙن عملدارن کي دريافت ڪرڻ لاءِ موڪليو. هنن ٻن واٺهڙن کان پڇيو ته توهين ڪير آهيو؟ ڪٿان آيا آهيو ۽ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ ههڙا ڪپڙا پائي هتي ڇو آيا آهيو؟ هنن وراڻي ڏنين ته اسين هن دنيا مسافرخاني ۾ مهمان ٿي اچي رهيا هواسون ۽ هاڻ پنهنجي اباڻي وطن ڏي وڃون ٿا. اسان هتي جي رهاڪن کي ڪو سبب ڏنو ئي ڪونهي جو اسان کي هئن گاريون ٿا ڏين. ڳالهه فقط هيتري آهي ته هنن مان هڪ جٽي اسان کان پڇو ته ڇا خريد ڪندؤ؟ اسان چيس ته اسان کي رڳي سچ جو سؤدو ڪرڻو آهي. جيڪي عملدار دريافت ڪرڻ آيا هئا تن ڀانيون ته هيءُ يا ته ڪي مستانا آهن يا ميلي ۾ وڳوڙ وجهڻ آيا آهن. هنن پوءِ ٻنهي واٺهڙن کي مار ڪيائي هڪ پڃري ۾ بند ڪرايو ۽ اهو پڃرو وچ بازار ۾ رکايائون ته پلي ته ميلي وارا ماڻهو ڏسن.

ڪجهه وقت هيءُ حق جا طالب پڃري ۾ بند هئا. ڪن مٿن ٺٺوليون پئي ڪيون ته ڪن ڌوڙ جا ٻڪ پئي پيئي هين، هنن صبر ڪري سڀ ڪجهه پئي سنو ته انهيءَ ڳالهه جو ڪن سمجهو ماڻهن تي اثر ٿيو. هو ٻين کي روڪڻ لڳا ته هنن ويچارن کي نه ستايو. انهيءَ کي اڳلا مٿن مٿيا ۽ چوڻ لڳا ته توهين به ساڻن ملت ۾ ٿا ڏسجو. هنن وراڻي ڏنين ته هي ويچارا مانيٽا ۽ ڏير جوان آهن ۽ ڪنهن کي به ايذاءَ رسائڻ جو ارادو ڪونه اٿن. جيڪي ماڻهو هن ميلي ۾ حاضر آهن، تن مان گهڻا هنن کان خراب آهن، ۽ اهي ئي پڃري ۾ بند ٿيڻ ۽ ڪاٺ پوڻ جا لائق آهن. اهڙي طرح گفتگو ڪندي، هو هڪٻئي سان هٿين پين پيا. هو ٻئي جٽا پڃري ۾ ماٺ ڪيو ويٺا هئا، ته به مٿن هيءُ تهمت ڌريائون ته هن جهيڙي جو بنياد

اهي ئي شخص آهن. ڪين پوءِ خوب طرح مار ڏيئي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ بيڙيون وجهي، سڄي ميلي ۾ گهمايائون، ته جيڪي فتنه انگيز هجن، سي عبرت وٺن، ۽ جيڪي هنن سان مِلتي هجن سي نڪي هنجي سفارش ڪن نڪي ساڻن گڏجن سجن.

هنن ٻنهي سالڪن سڀ سختيون صبر ڪري سنيون، ته ڪن ماڻهن ڪي سندين ههڙيءَ نيڪ روش تان پترس لڳو ۽ سندن پاسي ٿيا. ٻيا چوڻ لڳا ته هيءَ ٻئي ڄڻا هيتري ڦيٽاڙي جو ڪارڻ آهن، تنهنڪري انهن ڪي يڪدم ماري ڇڏجي ته معاملو ئي نهي پوي، هنن لاءِ جيستائين ڪو ٻيو حڪم جاري نه ٿيو، تيستائين ڪين پڃري ۾ بند رکيائون.

هٿوڙيون هٿن، ڄنگهون ٻانهون ڪاٺ ۾.
(شاهه)

هنن حق جي طالبن ڪي نوراني شخص جون ڳالهيون ياد آيون ته ڏک سهڻ لاءِ هيڪاري وڌيڪ تيار ٿيا. هڪٻئي ڪي ائين پئي چيائون ته اسان مان وڏ ڀاڳي اهو ليکبو جو هيءَ ڏک سهي مرندو. انهيءَ سبب ٻنهي ڄڻن پنهنجيءَ پنهنجيءَ دل ۾ ايئن پئي چاهيو ته جيڪر اول مان مران. هيءَ هاڻ هر طرح ڌڻيءَ جي رضا تي راضي رهڻ لاءِ تيار هئا، تنهنڪري اها ڳڻتي ڪانه هين ته آخر سندن حق ۾ ڪهڙو فيصلو ٿيندو. سگهو ئي مٿن مقدمي هلائڻ لاءِ ڏينهن ۽ وقت مقرر ڪيائون. جڏهن اهو ڏينهن ٿيو تڏهن ڪين ڪورٽ ۾ حاضر ڪيائون. جنهن جج ڪي هيءُ مقدمو فيصل ڪرڻو هو تنهنجو نالو هو "نيڪي ڌڪاريندڙ صاحب" هنن ٻن ڄڻن تي تهمت گهڻو ڪري ساڳي هئي. تهمت جو مختصر مطلب هيءُ هو ته هيءُ ماڻهو هن شهر جو ڌنڌو ڦٽائيندڙ آهن ۽ شهر ۾ وڳوڙ وجهي ڌنو اٿن ۽ هتي جي حاڪم جي برخلاف نه رڳو پاڻ آهن، پر ٻين ڪيترن ڪي بڇڙي مت ڏيئي، پنهنجي پاسي ڪيو اٿن، جنهن ڪري صلح ۾ وڳوڙ پوڻ جو

هيڪاري وڏيڪ خطرو آهي، انهيءَ تي اول ايماندار کان پڇا ٿي ته توکي پنهنجي بچاءَ ۾ ڇا چوڻو آهي.

ايماندار نهايت گنڀيرائيءَ سان چيو ته خاڪمن جو وڏو حاڪم هڪڙو ئي پاڪ پروردگار آهي، جيڪي به انهيءَ وڏي حاڪم جي حڪمن جي برخلاف آهي. تنهنجي مان به برخلاف آهيان. مون وڳوڙ وڌو ئي ڪونهي جو مان پاڻ صلح پسند ۽ سک سانت جو ڪوڏيو آهيان. هن شهر جا ڪي ماڻهو اسان جي طرف ٿيا آهن، سو رڳو هن ڪري جو هو ڏسن ٿا ته اسين بنهه بيڏوهي آهيون ۽ جيڪي به چيو اٿئون سو سڀ سچ چيو اٿئون. هتي جو حاڪم جنهنجو اوهين ذڪر ڪريو ٿا، سو ڌڻيءَ جي حڪمن جي برخلاف هلت ٿو ڪري، ته مان اٽيچو ليکي توڙي سندس عملدارن کي ڪين ليکيندس. پوءِ حڪم ٿيو ته جن کي سرڪار جي پاران، ۽ تهمتين جي بُرخلاف، شاهدي ڏيڻي هجي، سي اچي حاضر ٿين. انهيءَ تي ٽي شاهد حاضر ٿيا. هڪڙو "حسد" ٻيو "پرم" ۽ ٽيون "چاپلوس". هنن کان پڇيائون ته جيڪو قيدي پڃري ۾ آهي تنهن کي سڃاڻو ٿا؟ سندس برخلاف ۽ شهر جي حاڪم جي پاران توهان کي جيڪي چوڻو هجي سو چئو. هيءُ حڪم ٻڌي "حسد" اٿي کڙو ٿيو. ڪيس اول قسم کڻايائون. هن قسم کڻي چيو ته مان جوابدار کي گهڻن ڏينهن کان سڃاڻندو آهيان. نالو "ايماندار" اٿس. پر وڏو بي ايمان ۽ شهر جي جوٺ آهي، ڪيس نڪا پرواهه آهي حاڪم جي نڪا سندس عملدارن جي. هتي جي قاعدن ۽ ريتين رسمن کي به ڪين ليکيندو آهي. هو اها ئي ڪوشش ڪندو آهي ته سڀ ماڻهو سندس جهڙا نمڪ حراميءَ جا خيال ڌاري، راجب وٺي ڪن. هڪ لڳان مون هن کي هئن به چوندو ٻڌو ته هتي جون رسمون ۽ قاعدا قانون سڀ سندس مَتَ جي اُبتڙ آهن، تنهن ڪري هو اسان جن نيڪ ڪمن کي ڌڪاري ٿو ۽ انهن ڪمن ڪرڻ ڪري اسان کي ڏوهي ۽ گنهگار سمجهي ٿو.

هيءُ بيان ٻڌي جج صاحب پڇيس ته توکي ٻيو به ڪي وڏيڪ چوڻو آهي؟ حسد وراڻي ڏني ته اجا ته گهڻو ئي چوڻو اٿم. پر حضور جن کي هلاڪ ڪرڻ جي مرضي نه اٿم. پلي ته ٻيا شاهد پنهنجي شاهدي ڏين. انهيءَ کان پوءِ به جيڪڏهن حضور جن کي ڪيس ڦاسيءَ تي چاڙهڻ لاءِ وڌيڪ ثابتيءَ جو ضرور ٿيو، ته مان هن جي برخلاف وڌيڪ شاهدي به ڏيندس. ڪيس حڪم ٿيو ته تون پجري مان لهي پاسي تي بيهه. پوءِ ٻئي شاهد "پرم" کي سڏ ٿيو جنهن کان اول قسم کڻايائون. پوءِ هن ساک تي هئن چيو:

هن جوابدار سان منهنجي ڄاڻ پڇاڻ گهٽي ڪانهي، ۽ نڪي ڪيس وڌيڪ ڄاڻڻ جي خواهش اٿم. ايتري سڌ اٿم ته هيءُ هڪ وڏو فسادي آهي. هڪڙي ڏينهن بازار ۾ ساڻس گفتگو ڪيم ته معلوم ٿيم ته جئن ڪوڙهيو ڪتو لُنهڻ کان نه رهندو آهي تئن هيءُ بغاوت ڦهلائڻ کان نه رهندو آهي. هو صفا چئي چڪو ته توهان جو مذهب اهڙو خراب آهي جو توهان مان ڪوبه ڏٺي تعاليٰ کي راضي ڪري ڪين سگهندو. سائين جن ڀاڻ ويچار ڪري ڏسن ته اهڙيءَ ڳالهه مان ڪهڙا نه خراب نتيجا نڪرندا. سندس چوڻ جو صفا ئي صفا مطلب هيءُ آهي ته اسين جيڪا پوڄا ۽ عبادت ڪريون ٿا سا سڀ اجائي ٿيندي ۽ پوءِ به اسين پاپين جي دفعي ۾ ليکباسين ۽ ڏٺي اسان کي ڌڪاري، دوزخ جا دَرَ ڏيکاريندو. هيءُ وڏي وڳوڙ پيدا ڪرڻ جون ڳالهيون آهن جي ڪيس سوريءَ جو سزاوار ڪن ٿيون تنهنڪري هن بابت مون کي ڪجهه به وڌيڪ چوڻو ڪونهي.

هن کان پوءِ چاپلوس کي پجري ۾ چاڙهيائونْ جنهن خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي هن ريت شاهدي ڏني:

مان جوابدار کي گهڻن ڏينهن کان سڃاڻان، سندس واتان اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون اٿم جن جو ذڪر ڪرڻ به مون لاءِ مناسب نه آهي. هن اسان جي شهر جي حاڪم جون گهٽيئي گلائون ڪيون

آهن. اسان جي حاڪم جا جيڪي مقرب وڏن وڏن عهدن تي آهن تن لاءِ بہ گهڻي نفرت ظاهر ڪئي اٿس. سردار ”جسماني خوشي“، سردار ”عيش عشرت صاحب“، سردار ”ڪوڙي وڏائيءَ جو خواهشمند، اسان جو جهونو سردار ”شهوت پرست“، سردار ”طمع صاحب“ ۽ ٻيا معزز جن کي اسين مٿي جو موڙ ڪري ٿا سمجهون، تن سيني بابت ڪي جو ڪي پئي بڪيو اٿس. هئن بہ چيو اٿس، تہ جيڪڏهن سڀ ماڻهو منهنجيءَ مت تي هلندا تہ پوءِ هنن سردارن مان هڪڙو بہ هن شهر ۾ رهي نہ سگهندو. وڏي ڳالهہ تہ خود حضور جن مان بہ ڪين ڱتو آهي. حضور جن کي ”بي دين“ ۽ ٻيا ٻچڙا لقب ڏنا اٿس. جئن ٻين سردارن بنسبت بڪيو اٿس تئن حضور جن. بابت ڳالهائيندي بہ ڏند هينان ڪکرو ڪونہ آيو اٿس.

چاپلوس پنهنجو بيان ڏيئي پورو ڪيو تہ جج صاحب تهمتيءَ ڏي نهاري چيو تہ قرمساق، بدعتي، نمڪ حرام، جيڪي هنن اشرافن چيو سو ٻڌءِ؟

ايماندار: مون کي اجازت ملي تہ مان پنهنجي بچاءَ ۾ بہ اکر چوان.

جج: تون وڏيڪ جيئڻ جو لائق ئي نہ آهين. توکي نهہ نب اُڦٽ ماري ڇڏڻ گهرجي. انهيءَ هوندي بہ اسين تو انوري لچہ کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏيون ٿا، تہ لوڪ ڏسي، تہ اسين ڪهڙي نہ نرميءَ جي هلت توسان ڪريون ٿا.

ايماندار: پهرين شاهد ”حسد“ بنسبت مون کي رڳو هيءُ چوڻو آهي تہ مون رڳو ايترو چيو هو تہ جيڪي قاعدا، قانون ۽ ريتيون رسمون ڌٽيءَ جي ڪيل حڪمن جي اُبتڙ آهن، سي منهنجي مذهب جي اُبتڙ آهن. جيڪڏهن انهيءَ ڳالهہ ۾ مان ڀُلو آهيان، تہ ڀلي تہ ڪو منهنجي ڀُل مون کي ثابت ڪري ڏيکاري، تہ پوءِ مان اوهان جي اڳيان پنهنجي رائي ڦيرائڻ لاءِ حاضر ٿيندس.

بئي شاهد پرم جيڪي الزام مون تي مڙهيا آهن، تن بنسبت منهنجو چوڻ آهي تہ مون رڳي ايترو چيو هو تہ ڏٽيءَ جي بندگيءَ ۾ اول ڪپي پورو پورو يقينو يا ايمان. جيستائين ڏٽي الهام جي وسيلي پنهنجي اڇا يا خواهش ظاهر نہ ڪندو، تيستائين اِلاهي ايمان يا ايشوري سچو تي ڪين سگهندو، تنهنڪري ڏٽيءَ جي پوڄا يا بندگيءَ بنسبت جيڪي ريتيون رسمون ڏٽيءَ جي الهام پٽاندر نہ آهن، سي فقط انسان جي انڌي سرڌا پٽاندر چئبيون ۽ اهڙي سرڌا هميشہ جي جياپي لاءِ فائديمند تي ڪين سگهندي.

ٽين شاهد چاپلوس جيڪي چيو آهي تنهن بنسبت منهنجو ايترو چوڻ آهي تہ هن شهر جو حاڪم ۽ سندس مقرب جن جا نالا ڳڌا اٿس سي هن ملڪ ۾ رهڻ ڪان دوزخ ۾ رهڻ جا وڌيڪ لائق آهن.

هن مقدمي هلڻ مهل ڪي جورر (مشير) مقرر ٿيا هئا، جي سڀ وقت حاضر هئا ۽ منڌ ڪان وٺي سيني جا بيان ٻڌا هئائون. جج صاحب انهن ڏي مُهڙ ڪري چيو تہ ”صاحبو، توهين هيءُ ماڻهو ڏسو ٿا جنهنجي ڪري شهر ۾ هيترو وڳوڙ پيو آهي. جيڪا شاهدي هنن معتبر شاهدن سندس برخلاف ڏني سا بہ ٻڌي اٿوَ. جوابدار پنهنجي بچاءَ ۾ جيڪي چيو آهي، تنهن ۾ خود پنهنجو ڏوهہ قبول ڪري چڪو آهي. هاڻ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ سوريءَ تي چاڙهجيس يا ڇڏي ڏجيس؟ توهين پنهنجي راءِ ڏيو تنهن ڪان اڳ مون ڪي هن ملڪ جا قانون اوهان ڪي ٻڌائڻ گهرجن.

اوهان ڪي خبر هوندي تہ اسين سڀ ابليس سڳوري ڪي پنهنجو ديوتا ڪري مڃون ٿا. وقت بوقت هن ملڪ جا جيڪي حاڪم ٿي گذريا آهن تن مان هڪ حاڪم هيءُ حڪم

جاري ڪيو هو ته ابليس سڳوري جي جيڪي برخلاف هجن تن کي ته ماري پورو ڪجي پر سندن پٽن کي به درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏجي. اهو قاعدو رڳو دوراندیشيءَ ڪري جوڙيو هوائون ته بچڙائيءَ کي بنهه روڪي ڇڏجي. ابليس سڳوري جي پوئلڳن مان بئي هڪ حاڪم هيءُ قاعدو جاري ڪيو هو، ته سجدي جو لائق رڳو ابليس سڳورو آهي تنهنڪري جيڪو بئي ڪنهن کي سجدو ڪندو تنهن کي شينهن جي غار ۾ وجهبو. ڪانئس پوءِ هڪ گادي نشين پنهنجي فراخدلي ڏيکاري هيءُ حڪم جاري ڪيو ته جنهن کي ڪنهن ناڪر يا بت کي پوڄڻو هجي سو پلي پوڄي، پر اول پوڄا ابليس سڳوري جي ڪرڻ لاءِ بڌل رهندو. جيڪو انهيءَ قاعدي جي انحرافي ڪندو تنهن کي برندي مچ ۾ اڇلائبو. هن جوابدار انهن سيني قاعدن جي اُبتڙ هلت ڪئي آهي، نه رڳو خيال سان پر ڳالهائڻ ۽ عمل ڪرڻ سان به، تنهنڪري اهو ڏوهه تمام وڏو آهي. هاڻ توهين وڃي ڪتي نويڪلا ويهي هنن ڳالهين تي ويچار ڪريو ۽ پوءِ پنهنجو رايو اچي اسان کي ٻڌايو.

هن مقدمي ۾ جيڪي جورر هئا تن مان هڪ هو "انڌو صاحب" ٻيو "بنا نيڪي صاحب"، ٽيون "بغض صاحب"، چوٿون "نفساني محبت صاحب"، پنجون "لانگچوتو صاحب"، ڇهون مدمغز صاحب"، ستون "تڪبر صاحب"، اٺون "عداوت صاحب"، نائون "بيرحم صاحب" ۽ ڏهون "سوجهري جو ويري صاحب"، سيئي انهيءَ راءِ جا هئا، ته هن کي جيئرو ڇڏڻ بنهه نه گهرجي، باقي ڪهڙي طرح ماري پورو ڪجيس تنهن بابت سيني جا علحدا علحدا رايا هئا. گهڻن جو رايو اهو هو، ته کيس سوريءَ تي چاڙهجي. هو پوءِ موٽي جج صاحب وٽ آيا. سندن سرپنچ انڌو صاحب هو تنهن چيو ته اسين سڀ هن راءِ

جا آهيون تہ تهمتي ڏوهي آهي ۽ ڪيس هرگز جيئرو ڇڏڻ نہ گهرجي، جو هيءُ موت جي سزا جو هر طرح لائق آهي، جوررن جو اهو رايو ٻڌي جج صاحب فتويٰ ڏني تہ هن کي شهر کان ٻاهر ڪڍي، ڀهريائين ڪيس ڦٽڪا هڻجن ۽ پوءِ سندس سنڌ سنڌ ڪاتيءَ سان چيري، مٿان ترار جا ڏڪ هڻي ڪيس ڳپي ڳپي ڪري، اهي سڀ ڳپ جلائي ڀسم ڪجن. بروقت انهيءَ حڪم جي تعميل ٿي ۽ ايمانداري کي هٿڙي بيرحميءَ سان پورو ڪري ڇڏيائون. سڀني حاضر ماڻهن ايئن ڀانيون تہ ايماندار بنهہ پور ٿي ويو، پر مون سپني ۾ ڏٺو تہ ديوتائون ڪيس ومان ۾ چاڙهي تريون ۽ ناد وڄائيندا ۽ مٿس گلن جي ورڪا ڪندا وئڪنٺ ڏي وٺي ويا.

"سختي شهادت جي نسوروئي ناز".

سالڪ جو مقدمو مهمل رهيو ڪيس وري قيدخاني ۾ رکيائون. اتي ڪجهہ ڏينهن تاءِ بند هو، پر ڏٽي جو سڀني تي حڪومت تو هلائي ۽ جنهن ڪي ماڻهن جي ڪاوڙ کي پنهنجي وس ۾ رکڻ جي قدرت آهي، تنهن پنهنجو اهڙو فضل ڪيو جو سالڪ آزاد ٿيو ۽ پنهنجي واٽ وٺي هليو ويو.

✦

باب تيرهون

# لوڀ جا ليڪا

ڪوڙا ڪم نہ ڪر، مورک! من جي ڀاءِ تون،
وڏا وِيرَ ورياڻ ٿِرَ، لوڙهيا هِنَ لَهِرَ،
ليڪا ڇڏي لوڀ جا، گر گم اچين گهرِ،
تہ دوست تنهنجي دَرِ، پيهي اچي پاٽيهين.
(سامي)

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو تہ سالڪ پنهنجي سنگتيءَ ايماندار جي شهادت بابت ويچار ڪندو، ۽ پنهنجيءَ دل ۾ سنديس وڏائي ۽ واکاڻ ڪندو پئي ويو: پر سفر ۾ اڪيلو ڪونہ هو. ساڻس گڏ ٻيو بہ هڪ شخص هو، جنهنجو نالو ”آسروند“ هو. سالڪ ۽ ايماندار جيڪي سختيون صبر ڪري سنيون هيون ۽ ايماندار ڪي جن ڪِترا ڳِترا ڪيو هو، تن جي حق ۾ بہ سخن بدران دعا جا لفظ وات مان ڪڍيا هوائين، تن ڳالهين سنديس دل تي جهجهو ئي اثر ڪيو هو. ڪيس هاڻ اها آس هئي تہ مان بہ جيڪڏهن سالڪ واريءَ سوڌيءَ راهہ تي هلندس، تہ والي مون سان وڙ ڪندو ۽ سرڳ جا سک نصيب ٿيندم. اهڙي طرح هِڪُ حق جو طالب سچ تان صدقي ٿيو. تہ ٻيو سنديس رکہ مان پيدا ٿيو ۽ سالڪ سان سندس سفر ۾ همراهہ ٿيو. هن آسروند سالڪ کي چيو تہ ميلي ۾ ٻيا بہ گهڻا هيڏانهن اچڻ لاءِ سنپريل هئا، جي سگهو ئي اسان جي پنيان ايندا. سالڪ کي سپ وقت ايماندار اکين اڳيان پئي ڦريو ۽ هن جون ڳالهيون پئي ڳٽيائين تنهنڪري ٻي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿي اُجهيس.

ڪنهن وقت هنن ٻن ڄڻن ڏٺو ته ڪو ٽيون شخص پريان پيو اچي. آسروند جي مرضي ٿي ته اهو ٻه اسان پيڙو ٿئي، ته گڏجي ڳالهيون ٻولهيون ڪندا وڃون. سالڪ کي سڌ هئي ته سنگ جو پرسنگ ٿئي ٿو. ”سنگ تاري ڪُسنگ ٻوڙي“، تنهنڪري جيستائين پوري نرک پرک نه ڪئي هُوائين تيستائين هن واٽهڙوءَ جو سنگتي ٿيڻ ڪين قبوليائين. هو پوءِ وڏي اڳيرو ويا ۽ هن شخص سان مليا. سالڪ سندس نانءُ نشان پڇو. هن پاڻ بابت جيڪي حقيقتون ٻڌايون تن مان معلوم ٿيو ته سندس نالو ”مطلبي“ هو. هو ”منين ڳالهين واري ڳوٺ“ جو وينل هو. انهيءَ ڳوٺ ۾ وڏيءَ پونجيءَ وارا سيٺيون رهندا هئا، جن مان ڪيترن سان سنديس متي مائٽي هئي. سندس مائٽن مان هڪ وڏو سيٺ ”آندر ڀريو“ هو، جو اندر ۾ هڪڙي رکندو هو ۽ ٻاهران ٻي ڏيکاري ڏيندو هو ۽ انهيءَ اٽڪل سان جهجهوئي ڌن ڪمايو هوائين. سندس ٻيو عزيز ”سيٺ زماني موجب هلندڙ“ هو. هن جو متو هيءُ هو ته ”جهڙو لڳي واءُ تهڙي ڏجي پٺ“. انهيءَ متي تي هلبو ته بڪ نه مربو: پر پاڻ ساجو ٿيو. سندس ٻيو هڪ عزيز هو ”سيٺ منهن جو منو“، هو ماڻهن کي چٽون ٻڌي منجهائن پنهنجا ڪم ڪڍندو هو. سندس متو اهو ته ”دنيا ڦرجي مڪر سان، کير پيئجي شڪر سان“. سندن ڳوٺ جو مکي ”ٻه زبانو صاحب“ هو ۽ اهو سندس مامو هو. سندس ابا ڏاڏا ميربحر هئا جي ونجهه سان ٻيڙي هڪڙي پاسي هلائيندا هئا ته مُهڙ ٻئي پاسي هوندي هين. پاڻ ٻه انهيءَ ڪرت مان چڱو ٽڪو ماريو هوائين، جنهن ڪري هڪ وڏي گهر مان سَنگ مليو هوس. سنديس گهر واري ”مائي مِڪر“ هئي، جنهنکي سڌ هئي ته وڏن ماڻهن سان ڪئن ورتجي ۽ غريبن سان ڪئن هلجي. اهو مطلبي پاڻ چوڻ لڳو ته اسين وڏا دينددار آهيون، پر عام طرح جي عابدن ۽ زاهدن کان رڳو ڪن خسيس ڳالهين ۾ فرق رکندا آهيون. مثلاً جيڪي لاهوتي آهن سي

سدائين لاغرض آهن، پر اسين غرض رکون ٿا، تنهنڪري آڳي پيچو چڱي طرح ڳٽيون ٿا. جيڪڏهن ڏسون ته ديندايءَ مان ڪجهه لاڀ ٿئي ٿو، ته پوءِ اسين گهٽي سرجوشي ڪري ٻين کان وڌيڪ ديندار ٿيڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، جنهنڪري ماڻهو اسان جي گهٽي ساراهه ڪن ٿا. جيڪڏهن ڏسون ته ديندايءَ مان مرڳو گهر جو گهاٽو آهي، ته پوءِ سوچي قدم کڻون ٿا، جو مٿو ڪورائي ساک ڪيڻ احمقن جو ڪم آهي. سندس اهڙين ڳالهين مان سالڪ سمجهو، ته هي پڪو مطلبي آهي. هن جڏهن ساڻن گڏجي هلڻ جي سڏ ڪئي تڏهن سالڪ چيس ته اسان جون اکيون ٿڏيون. هلندين پنهنجن پيرن سان، باقي ايترو اٿيئي ته اسان وٽ اهي لوڀ لالچ جا ليڪا نه ڪندين. مطلبيءَ چيس ته مان پنهنجا آڳاٽا مت ۽ فائدي وارا دستور ڪين ڇڏيندس. جيڪڏهن مون کي پاڻ سان وني نه هلندؤ ته آءٌ اڪيلو ويندس. رستي ۾ شايد ٻيو ڪو اهڙو گڏجي ويندم. جنهن کي منهنجي سنگت وڻندي. هن پوءِ ڏرو قدم ڪنيون ته سالڪ ۽ آساوند ڪانئس اڳيرو لنگهي ويا.

گندي ۽ گِراهه، جن سياسين سانديو،
انهن کان الله، اجا اڳاهون ٿيو.
(شاهه)

سگهو ئي مطلبيءَ جي پنيان ٽي ڄڻا آيا. هڪڙو ”سيٺ دينادار“، ٻيو ”سيٺ پئسي جو يار“ ۽ ٽيون ”سيٺ مکيچوس“. هو اجا وٽس پهتا ئي ڪين ته مطلبيءَ ڪين پليءَ پت ڪيڪاريو. هيءُ سڀيئي هڪ سرتا هئا ۽ هڪٻئي سان اڳيئي جاڻ پڇاڻ هين، جو اتر ملڪ ۾، لوڀ ضلعي جي لالچ جي شهر ۾، شوخ منهن ماستر جي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئا. انهيءَ استاد ڪين سيکاريو هو ته، خوشامد، دغابازي، ڪوڙ بلڪ ظلم ڪري، يا درويشن وارو ويس ڪري، ڪئن روزگار حاصل ڪجي. انهيءَ علم ۾ هو اهڙا پر پڪ هئا، جو

جيڪر پاڻ ٻين کي ويھي سيکارين.

هنن هڪٻئي کي ڪيڪاري بس ڪئي، ته پئسي جي يار آگر ڪٿي مطلبيءَ کان پڇو ته هو به ڄڻا جي اڳيان پيا وڄن، سي ڪير آهن؟ اسين به ڇو نه ساڻن گڏجي هلون؟ مطلبيءَ وراڻي ڏنيس ته هو پرديسي آهن ۽ پنھنجي رسم پٽاندر هلن ٿا ۽ ٻينْ جا متا ڏڪارين ٿا. جيڪڏهن اسان جھڙو ڪو ديندار سندن رايا قبول نٿو ڪري، ته هو ڪيس پنھنجيءَ پنگت ۾ رهڻ نٿا ڏين. ڪنجوس پڇيس ته ڪھڙي سبب توکي پاڻ سان هلڻ نه ڏنائون؟ مطلبيءَ وراڻي ڏنيس ته هو پنھنجي هوڏ واري طبيعت ڪري ايئن سمجھن ٿا، ته سدائين ڪوسي توڙي ٿڌي صبر سان سھڻ گھرجي. منھنجو شخصي رايو هيءُ آهي، ته سدائين سڻائي واءَ تي هلجي ۽ اٽائي واءَ ٿارڻ لاءِ سڌا توڙي اڻ سڌا رستا اختيار ڪجن ته انھيءَ ۾ گناھ آهي ئي ڪونه. هيءُ چون ته سڀ ڪجھ ڏڻيءَ کي سونپي سنديس رضا تي راضي رهجي. اهي آهن سندن متا جن کي ڇچڙ تي چنبڙيا آهن، پر منھنجو چوڻ آهي ته ڏرم تي ايترو هلجي، جيترو پنھنجو فائدو ڏسجي. جيڪڏهن ديندار ٿيڻ ڪري پيٽائون، ارداسون ۽ نذرانا ملن ۽ هر ڪو اچي پيرين پوي ته پوءِ بلاشڪ ديندار ٿجي، باقي جيڪڏهن گھر ۾ وجي ٺڳڙيون بچن ۽ پٽ ڪٽي پٽو پوي ته پوءِ دينداري ڪھڙي ڪم جي؟

هيءُ وراڻي ٻڌي سيٺ دنيادار چيس ته تنھنجو اهو رايو مون کي بلڪل پسند آهي. تون انھيءَ ارادي تي قابو رهج. ماڻھو کي بيا به ڪي ڪم ڪاريون آهن، ڪين رڳو ڏڻيءَ جو ڌيان، ڏارڻو اٿن؟ حق جي راھ ۾ ٿڌيءَ تتيءَ هلڻ سو ته آهي جاڻي واڻي پاڻ کي تڪليف ۾ وجھڻ. اهي بيوقوف ڇئبا جو مينھواڳيءَ ۾ پنڌ ٿا ڪن. اسان کي گھرجي ته جڏهن آسمان صفا ڏسون تڏهن هلون. ڏڻيءَ اسان کي هن جھان ۾ هيتريون نعمتون ڏنيون آهن. سي هن لاءِ ته اسين اهي

ماڻيون، نہ تہ انهن نعمتن ڏيڻ جو سود ڪهڙو؟ انهيءَ سبب منهنجو هيءُ رايو آهي، تہ دين يا ڌرم اهو چڱو چئبو جنهن تي هلڻ ڪري اهي نعمتون ڇڏڻيون نتيون پون. ڪنجوس چيس تہ ڳالهہ سا لڪہ رہئي جي ڪئي اٿيئي. مطلبيءَ چيو تہ عقل جو ڪم آهي ئي اهو، پر هنن ٻن واٽهڙن مون کي چيو تہ جيڪڏهن اسان سان هلندين تہ اهي لوپ لالچہ جا ليڪا نہ ڪندين. ڏسو هنن ماڻهن جو عقل! مان توهان کان هڪڙو سولو سوال ٿو پڇان؟ جيڪڏهن ڪو هن جهان جي چڱين سين حاصل ڪرڻ جو وجهہ ڏسي، پر ظاهر ديندار ٿيڻ کان سواءِ اهي حاصل ڪري نہ سگهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڪيس ڌرم لاءِ جهجهو اتساهہ ڏيکارڻ مناسب آهي يا نہ؟ پئسي جي يار چيو تہ بيشڪ اڳي کان وڌيڪ شوق سان ڌرم جو پرچار ڪرڻ گهرجيس ۽ وڌيڪ علم پڙهي.

وڌيڪ هوشيار ۽ قابل ٿيڻ گهرجيس تہ ماڻهو بہ سمجهن تہ اڳيان ڪو ودوان آهي. ايئن ناڻو بہ ڪمائيندو ۽ ناموس بہ نڪرنديس. هيءَ وراڻي ٻي سڀيئي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ چيائون تہ هاڻ اڳيرو وڃي هنن ٻن ڄڻن جا رايا ٻڌون تہ هو ڇا ٿا چون.

هو پوءِ سٽ ڪٽي سالڪ ۽ آسروند سان وڃي گڏيا، ڪين ڪيڪاري پنهنجا خيال ٻڌايائون ۽ انهن بابت سندن رايو پڇائون. سالڪ چيو تہ مون کي سڌ آهي، تہ ڪي ماڻهو ايئن ڪن پيا، پر مڪريلين ۽ شيطانن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ انهيءَ ۾ شامل راءِ نہ ٿيندو.

قريا پسي قيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿا.
(شاهہ)

ڪي مطلبي ماڻهو عبادت يا ڀڪتي انهيءَ لاءِ ٻچندا آهن، تہ پٽ ڄمي، يا ڌن دولت ملي، يا فلاڻي ڪي فلاڻي مراد پوري ٿئي. اها ڪا عبادت يا ڀڪتي نہ چئبي. ڀڪتي تہ نسڪام ڀڪتي جنهن ۾

ڪابہ ڪامنا يا قل ملڻ جي مراد من ۾ نہ ڌارجي. ساڳيءَ ريت ڪي ماڻھو ڪنھن سگ ھٿ ڪرڻ لاءِ يا ڪنھن ملڪيت جي وارث بنجڻ لاءِ يا ٻيءَ ڪنھن دنيوي مراد سان پنھنجو ڌرم ڇڏي پرائي ڌرم اختيار ڪن ٿا ۽ ايئن ڏيکاري ڏين ٿا، تہ ڌرم يا دين مٽائڻ ڪري ھاڻ اسين وڏا ديندار ٿيا آھيون، پر اھڙا مطلبي ماڻھو ديندارن جي دفعي ۾ ھرگز نہ ليکبا. ڪي وري فقيراڻو ويس ڪري، ڪن چيرائي، مردائون ۽ مالھائون پائي ۽ انگ کي ڀڀوت مکي جوڳي بنجن ٿا، ۽ تسبيح يا مالھا ڦيرين ٿا، پر اڪيون پرائي ڌن ۾ اٽن تہ اھو آھي لوڪ کي ٺڳڻ. اھڙن پاکنڊين کي پنھنجو ڪيتو اوس لوڙڻو پوندو.

جئن ٿا پڇن ان ڪي، تئن جي پڇن الله،
تہ رڙھي لڏائون راھ، لتين لُڳَ لطيف چئي.
(شاھ)

اھا وراڻي ٻڌي ھو ٽيئي ھڪٻئي ڏي نھارڻ لڳا، پر سالڪ کي ڪوبہ جواب ڏيئي ڪونہ سگھيا، پوءِ تہ مطلبي ۽ سندس سنگتين ترسي پيا، تہ ھيءُ اڳتي وڌي اسان ڪان ڌار ٿين. ھو جڏھن ڌار ٿيا. تڏھن سالڪ پنھنجي سنگتيءَ کي چيو تہ ھيءُ ماڻھو اسان جي ماڳيان ئي ٻھي نٿا سگھن، تہ ڏٺيءَ جي اڳيان کھڙي منھن سان ٻھي سگھندا؟

سالڪ ۽ آسروند پوءِ اڳتي وڌندا، ھڪ ننڍڙي پر سھڻي ميدان ۾ اچي پھتا. انھيءَ ميدان جو نالو ھو ”قدار“. سالڪن کي پنھنجيءَ منزل ۾ قرار يا آرام بلڪل ٿوري وقت لاءِ ملي ٿو، نہ تہ سندن سودو سدائين بي قراري آھي. ھيءُ بہ ٿورو وقت ھتي چين ۾ گذاري، پوءِ پنڌ ڪري اھو ميدان لنگھي ويا تہ اڳيان ھڪ ٽڪري ڏٺائون جنھنجو نالو ھو ”لاڀ“. اتي چانديءَ جي کاڻ ھئي، جنھن جي ڏسڻ لاءِ گھڻا مسافرن پنھنجي راھ ڇڏي ھئي. اھي کاڻ جي ڪناري وٽ اچا پھچندا ئي ڪين ھئا، تہ سندن پيرن ھيٺان زمين پاسي ٿي

ويندي هئي، جنهنڪري اونڌا تي ڪاڻ ۾ اندر ڪرندا هئا،انهي سبب منجهائن گهڻا مرندا هئا. پر جيڪي ٿورا بچندا هئا سي اهڙا منڌا يا پنگلا ٿي پوندا هئا جو مرڻ گهڙي تائين چلڻ چُڪا پيا هوندا هئن.

انهيءَ وات تي شيطان جو هڪ چاڙتو بينو هوندو هو، جو واٽهڙن کي انهيءَ چانديءَ جي کاڻ کوٽڻ جي صلاح ڏيندو هو، هنن واٽهڙن کي بہ اها ئي صلاح ڏنائين تہ آسروند پنهنجي سنگتيءَ کي چيو تہ هل تہ اوڏهين هلون. سالڪ صفا نابري واري ۽ چيائين تہ اسين هن سفر تي سون يا رپي هٿ ڪرڻ لاءِ نہ نڪتا آهيون، تنهنڪري ايڏهين وڃڻ ئي واجب نہ آهي. هو پوءِ پنهنجي وات وٺي هليا ويا. سگهو ئي مطلبي ۽ سندس سنگتي اتان لانگهائو ٿيا تہ شيطان جي چاڙتي کين سڏ ڪري، چانديءَ جي ڪاڻ جي خبر ڏني. هو هرکجي اوڏاهين ويا پر انهيءَ کاڻ ۾ غرق ٿي ويا جنهنڪري وري ڏسڻ ۾ بہ ڪين آيا.

سالڪ ۽ آسروند اڳيرو وڌيا تہ هڪ ٿنيو ڏٺائون. انهيءَ ٿنيي تي ڪي اکر اڪريل هئا جن مان پتو پين تہ هڪ مائي انهيءَ چانديءَ جي کاڻ ڏي جيتوڻيڪ ويئي ڪين، پر رڳو لالچ وچان انهيءَ کان طرف نهاريائين تہ لوڻ جو ٿنيو ٿي پيئي. انهيءَ تي آسروند چيو تہ ڏٺيءَ اسان تي ڪيڏو نہ رحم ڪيو آهي جو توکي ۽ مون کي پنڌ پهڻ ٿيڻ يا کاڻ ۾ غرق ٿيڻ کان بچايو اٿس. چڱو ٿيو جو اوڏهين نہ هلياسيون.

✠

باب چوڏهون

# شڪ جو شڪار

آڌو جو اِثبات ڪي سو شڪ لاهي شڪ.
(شاهہ)

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو، تہ سالڪ ۽ آسروند پنڌ ڪندي ڪندي هڪ درياهہ جي ڪپ تي اچي پهتا. هتي امرت ڌارا پي وهي ۽ ڪين انهيءَ جي پَرِ ونئي ويٺو هو. هنن امرت چڪو پي پاڻ کي تازو ڪيو. اتي چؤطرف وڏا وڻ بينا هئا جن ۾ طرحين طرحين ميوا هئا. انهن جا پن وري اهڙا هئا جي دوائن جي طور ڪم ۾ تي آيا. هنن انهن. امرتِ قلن مان چپو چورو ڪيو ۽ ٿورا پن بہ کاڌائون، تہ پنڌ ڪندي ڪا بيماري تي پوئون تہ انهن پنن جي اثر ڪري مرض زورُ نہ وٺي. هتي هيءُ ٻئي جڻا ڪجهہ وقت ڊاہو ڪري، تڪ پچڻ لڳا جو هتي ڪنهن بہ قسم جو خوف خطرو ڪونہ هو. ڪجهہ وقت ننڊ ڪيائون، پر اندر ۾ اُٿڻ پنهنجي پنڌ جي هين.

تن تسبيح، من ميٹو، دل دنبورو جن،
تندون جي قلب جون، وحدت سِر وڄن،
وحدہٗ لاشريڪ لہٗ، اهو راڳ رڳي،
سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت اُن جي.
(شاهہ)

هيءُ بہ گهڙيون اڪ لائي اٿيا، تہ وري ٿورا ميوا کائي ۽ پاڻي پي، پنڌ پيا. ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ سندين واٽ نديءَ کان پر پري ٿيڻ لڳي، جنهنڪري کين نديءَ جي ڪناري ڇڏيندي ڏکہ پيئي ٿيو، پر پنهنجي واٽ ڇڏڻ مناسب نہ ڄاتائون.

اها وات ڏاڍي ڏکي هئي، پهڻن تان پنڌ ڪندي پير چلجي پين ۽ پيرن جون تريون تروتجڻ لڳين.

ڏونگر! ڏوراپو، پهرو ڏينديس پرينءَ ڪي،
پهڙن پير پٿون ڪيا، تريون چنم تو،
رحم نه پئيءَ روح ۾، قياس منهنجو ڪو،
ڪنديس واڪا وو، مُون سين جبل تو جاڙون ڪري.
(شاهه)

جئن پنڌ ڪندا پئي ويا تئن سڪيءَ وٽ جي سڌ پئي ڪيائون. انهيءَ وات جي ڪبي پاسي تورو اڳيرو هڪ چراگاهه هو، جنهنکي ديوار ڏنل هئي. ديوار تي چڙهڻ لاءِ هڪ ڏکي نهيل هئي. اهو هنڌ .پيچري وارو چراگاهه“ سڏبو هو، اهو ڏسي سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو، ته جيڪڏهن هيءَ چراگاهه برابر اسان جي وات سان لاڳو آهي، ته هل ته ڏڪيءَ تان چڙهي انهيءَ ويءَ مان وات ڪري هلون، هو پوءِ خاطري ڪرڻ لاءِ اڳيرو ويو. جان وڃي ڏسي ته پت جي پريئن پاسي هڪڙو پيچرو آهي جو اسان جي وات سان برابر لڳو پيو وڃي، سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو ته هيءُ پيچرو مون کي چڱو تو لڳي، تنهنڪري اچ ته اتان هلون.

آسروند چيس ته ادا، سنڀالجانءِ، متان انهيءَ پيچري تان هلڻ ڪري ڪيڏانهن اوجهڙ وڃي پئون. سالڪ چيو ته اها ڪا تيٽي آهي؟ تون پاڻ متي چڙهي اچي ڏس ته اهو پيچرو وات سان لڳو لڳ پيو وڃي يا نه، آسروند سنديس ڳالهه مڃي، سندس پنيان ڏڪيءَ تي چڙهيو ۽ پت پٺي پيچري تي وڃي پهتو. اهو پيچرو سٺائو لڳن ته تڪڙي وک ڪٽندا ويا، پريان هڪ ماڻهو ويندو ڏٺائون جنهن جو نالو هو ”ڪوڙو ويساهه“ سڏ ڪري پڇائونس ته هيءُ پيچرو ڪيڏانهن تو

وجي؟ هن وراڻي ڏني ته ملڪوت ڏانهن اتي سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو ته ڏٺءِ مون به ايئن ئي تي چيو. هاڻ پڪ ٿي ته اسين سنئين راهه ۾ آهيون. هو پوءِ پنڌ ڪندا ويا ته مٿان اچي رات پيئي. جيڏانهن نهارين تيڏانهن ڪاري بات لڳي پيئي هن، سابه ايتري قدر جو جيڪو اڳيان پي ويو سو پوئين کي ڏسي نٿي سگهيو. ههڙي ٻيءَ اوندهه جي ڪري "ڪوڙ ويساهي" واٽ ڏسي ڪين سگهيو، سو هڪ اونهيءَ کڏ ۾ ڪري پيو، هن زمين جي مالڪ اها کڏ هن لاءِ کوٽائي ڇڏي هئي ته جيڪي انڌيءَ سرڏا وارا يا ڪُويساهيا هجن، سي منجهس ڪرن ته ٻين جون اکيون کلن.

سالڪ ۽ آسروند سندس ڪرڻ جو آواز ٻڌي سڏ ڪري پڇيس ته ڇا ٿيئي؟ ڪين ڪوبه جواب ڪونه مليو، باقي هن جون اوچنگارون ٻڌائون. اتي آسروند پنهنجي سنگتيءَ کي چيو ته هاڻ ڪٿ تو پائنين؟ سالڪ بس ڪري ويهي رهيو، جو سمجهيائين ته پنهنجي سنگتيءَ کي مون ڪُواٽو ڪيو آهي. هيءُ هاڻ مُنجهي پيو ته ڇا ڪجي. ايتري ۾ اوچتو ئي اوچتو.

"حڪم ٿيو بادل کي ته سارنگ ساٿ ڪجن،
وچون وسڻ آيون، ٿهه ٿهه مينهن ٿمن."
(شاهه)

جبلن ۽ ٽڪرن تان برسات جو پاڻي گڙ گڙ ڪري لٿو ته نيون ڦوڪجي وهڻ لڳيون ۽ جيڏانهن تيڏانهن جل مئي ٿي ويئي، هيءُ روبڪار ڏسي آسروند چيو ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها، جي مان تنهنجي مت تي نه لڳان ها.

سالڪ چيس ته مون کو بچڙيءَ نيت سان توکي هن واٽ کان ڪين آندو، مون پنهنجيءَ دل ڪري سمجهيو، اها ڪئي سنئين واٽ آهي، پر دل ۾ وري به شڪ پئي ٻيم هاڻ

سمجهان ٿو تہ هي وات جا حقيقت جي راهہ جهڙي آهي سا جي وات آهي، انهيءَ شڪ منهنجو شڪ لاٿو آهي، تنهنڪري وڏيڪ وقت شڪ جو شڪار نہ ٿيندس. هاڻ هل تہ پنتي موٽون، آسروند چيس تہ مان پاڻ موٽڻ لاءِ آتو آهيان، تنهنڪري تنهنجي اڳيان مان ٿو هلان.

سالڪ چيس تہ ايئن نہ ڪر، اڳيان مان ٿو هلان ڇاڪاڻ تہ اڳيان جيڪڏهن ڪو جوکي هوندو تہ پهريائين انهيءَ جوکي ۾ مان پوندس جو ڪُواتي ٿيڻ جو ڪارڻ مان پاڻ آهيان. اتي اوچتو هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو جو ڪنهن دلاسي ڏيندڙ جو هو. هنن دلگيرن کي دلاسو ڏيئي چيائين تہ جيڪا وات ڇڏي اٿوَ سا وري وجي ونو. هو اجا انهيءَ وات ڏي وريا تہ چؤطرف پاڻي ويڙهي وين جنهنڪري پنڌ ڪرڻ مشڪل ٿي پين. انهيءَ حال سان ٻہ هو اڳيرو وڌيا، تہ ساڳي پت پٽي دڪيَ تان لهون، تہ اڳين دڳ تي پهچي سگهون. پاڻ کي ڪيترو پتوڙيائون.

پر انهيءَ رات هو دڪي تاءِ پهچي ڪين سگهيا. نيٺ هڪڙي جاءِ ڏٺائون تنهن ۾ وجي متو لڪايائون. ٿڪ سببان اتي ئي اکہ لڳي وين.

جنهن جاءِ ۾ هيءُ ستا پيا هئا، تنهنکان ٿورو پريرو شڪ وارو قلعو هو، جنهنجو مالڪ هڪڙو راڪاس "نااميديءَ" نالي هو، هو سوير صبح جو پنهنجيءَ حد ۾ چڪر هٽندي انهيءَ جاءِ وٽ آيو جنهن ۾ هيءُ ٻئي ڄڻا ستا پيا هئا. اوپرن ماڻهن کي پنهنجي حد ۾ ستل ڏسي هيءُ اندر ويو ۽ ڪاوڙ منجهان اُٿاري پڇيائين تہ اوهين ڪير آهيو؟ هنن چيس تہ اسين مسافر آهيون ۽ وات ڀلجي هيڏانهن آيا آهيون، راڪاس چين تہ توهان منهنجيءَ حد ۾ بيجا دخل ڪيو آهي تنهنڪري توهين ڳريءَ سيکت جا لائق آهيو، هو پوءِ ڪين

پنهنجي اڳيان ڏڪيندو قلعي ۾ هڪ ڀهري اندر وٺي ويو ۽ چيائين ته هاڻ اتي پيا هجو.

انهيءَ راڪاس جي زال جو نالو "وسوسي" هو، تنهن سان راڪاس ڳالهه ڪئي ته هنن ٻن ڄڻن کي ڀهري ۾ بند ڪري آيو آهيان، هاڻ جيڪا ٻه وڏيڪ سيڪت تون چوين سا ڏيان، راڪسياڻيءَ چيس ته هيءُ مار کائڻ جا لائق آهن، تنهنڪري اهڙي مار ڪڍين جو پلي ته ڪي ڏينهن پيا ياد ڪن، زال جو چوڻ مڃي، هيءُ راڪاس ٻئي ڏينهن صبح جو وٺن ڀهري ۾ ويو. هنن ويچارن ته ڪجهه ڪاڏو نه پيتو هو، جنهنڪري ٻت پئي وساڻن. هن اچڻ سان خوب مار ڪڍين ته هو ساٿا تي ڪري پيا ۽ چُري نٿي سگهيا، هو پوءِ ڇڏي وين ته پلي ته پنهجن ڏکن جو ويچار ڪن. اهو سارو ڏينهن هنن ويچارن کي دانهن ۽ ڪيڪن ڪندي گذريو، ٻئي ڏينهن راڪسياڻيءَ کي سڌ پئي ته هو اجا جيئرا آهن، تنهن پنهنجي مڙس کي چيو ته کين چوءُ ته پاڻ کي پاڻهي گهات ڪري پورو ڪن نه ته هتي چيچلائي مرٽو پوندن. هو پوءِ سؤنٿو ساڻ ڪٽي وري وٺن ويو ۽ ڏنائين ته جيڪي ڏک ڪالهه مون هنيان هئن تن جي ڪري قٿ تي پيا اٿن. راڪاس چين ته چڱو ايئن ٿيندو ته پاڻ کي پاڻيهي پورو ڪريو نه ته هتي گهڻا عذاب سهڻا پوندؤ. هنن چئڻ لاءِ عرض ڪيس ته تپي تپي لوهه تي ويو. هن راڪاس کي اونهاري ته ڪڏهن ڪڏهن مرگهي ٿيندي هئي، هنئر متو قرڻ لڳس ته ماٺ ڪري هليو ويو، جنهنڪري هيءُ ٻئي ڄڻا وڏيڪ مار کائڻ کان بچي ويا.

راڪاس جي وڃڻ کان پوءِ هو پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا، ته هاڻ ڇا ڪريون، سالڪ چوڻ لڳو ته هھڙي ڀهري ۾ بند ٿيڻ کان قبر ۾ داخل ٿجي ته اهو وڏيڪ، منهنجيءَ دل ۾ ايئن ٿو

آهي جنهنجو نالو آهي ”وعدو“، جنهنجي وسيلي آءٌ کهڙو به ڪلف کولي سگهان ٿو، اها وعدي جي چابي مونکي مالڪ مهربان وٽان روز الست کان مليل آهي. انهيءَ وقت کان وٺي اها هردم منهنجي هردي اندر آهي، پر ان جي يادگيري اجا هنئر پيئي اٿم. انهيءَ يادگيري پوڻ سان هن وري سائينءَ کي سجدو ڪيو ۽ جهجهي پريم مان ڪيس وعدي پوري ڪرڻ لاءِ پڪاريائين.

توجو بول بروچ، ويهي ڪيو وڻڪار ۾،
سوئي پاڙج هوت، مون مُنيءَ مسڪين سين.
(شاهه)

اتي ئي ياد آ:س ته اهو عهد اول مون پاڻ ڪيو هو، تنهنڪري پهرئين پاڙڻ مون تي فرض آهي.

پهرين تون پاڙيج، پاڙڻ پوءِ پنهونءَ تي،
بول نه وساريج، هُو جو ڪييءِ هوت سين.
(شاهه)

هن پوءِ آسمان ۾ اکيون اٿڪائي، پنهنجو ڌيان ڏٺيءَ ۾ ايتري قدر ڏاريو جو پنهنجي سرير جي به سوجهي ڪانه رهيس. ڪنهن وقت اکيون پٽيائين، ته آسروند ٿيس ته جنهن چابيءَ جي تون ڳالهه ڪرين ٿو سا آزمائي ڏس، ته ڀري جي ڪلف کي لڳي ٿي يا نه؟ هن تالي ۾ چابي وجهي، اجا ڦيرو ڏنو ته تالو کلي پيو! هيءُ ٻئي ڄڻا پوءِ دروازو پٽي ٻاهر نڪتا، تنهن ڪانپوءِ هو ٻاهرين دروازي ڏي ويا جتان قلعي جي اڱڻ ۾ اچڻ جي وات هئي. انهيءَ کي به ڪنجي هٽي کوليائيون. قلعي جي ٻنهه ڇيڙي تي لوهه جو دروازو هو ۽ اهو به پٽڻ ضرور سمجهيائون. ان جو ڪلف نهايت مضبوط هو، پر سالڪ ڪنجي زور سان هٽي پٽي وڌس. هُن پوئين دروازي جي اُپٽڻ ڪري ايترو ڪڙڪو ٿيو جو راڪاس قلعي اندر ٻڌو.

هو امالڪ ڊوڙندو هنن جي پنيان پيو، تہ اوچتو ئي مرگهي اچي تيس جنهنڪري اتي ئي ڦان تي ڪري پيو. اهو وجهہ وٺي، هو ٻئي ڇٽا ايئن ڀڳا جئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ ڀڄي. هو پوءِ راڪاس جي حد مان لنگهي ۽ شرڪ جي واٽ ڇڏي، حق جي راهہ ڏي وريا، تہ هر طرح جي جوکي کان ڇٽي پيا.

جنهن وقت انهيءَ ساڳيءَ "دکي" تان لٿا، تنهن وقت دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳا، تہ هتي ڪو نشان ڪري ڇڏجي، جنهنڪري جيڪي مسافر آئيندي اچن، سي هن "نااميدي راڪاس" جي وَر نہ چڙهن، نيٺ پاڻ ۾ رٿ رٿي، اُتي هڪ ٿنيو کوڙيائون، جنهن تي لکيائون "هن دکيءَ تان شڪ واري قلعي ڏي وڃڻ جي واٽ آهي، جنهن جو مالڪ "نااميدي نالي راڪاس" آهي اهو رهگذرن کي برغلائي، کين ڏجها ڏئي ٿو، تنهنڪري اي واٽهڙو خبردار ٿجو، متان شڪ ۾ گرفتار ٿيو.

⌘

باب پندرهون

# معرفت جو مارگ

تان ڪا ڪاني پاءِ، وَتِنِ ۾ وصال جي،
دوبينيائي دور ڪري، معرفت ملهاءِ.
(شاهه)

هيءُ بئي ڄڻا پوءِ پنڌ ڪندي ڪندي ڪن فرحتي ٽڪرين وٽ وڃي پهتا، جتان طريقت جي منزل وارا ترقي ڪري معرفت جي مارگ ۾ گهڙندا هئا. هنن ٽڪرين جو مالڪ اهو ساڳيو هو، جنهنجي وٽن مان واٽ تي ڦل چني ڪاڏا هوائون، ۽ امرت پيپاڻ ڪي تازو ڪيو هوائون، پر پوءِ سُوات تان ٽڙڪي ڪُوات ڏي ويا هئا، تہ وڃي راڪاس جي وَرِ چڙهيا هئا. هتي بہ چوڌاري ساوڪ سبزي لڳي پيئي هئي. ۽ بيشمار باغ بستان هئا، جن جي وچ ۾ اوجل پاڻيءَ جا چشما هئا. هنن بنهي ڄڻن هتي وهنجي سهنجي پنهنجي من جي مئل ڪيتري قدر لاتي ۽ انگور ۽ بيا ميوا کائي، پاڻي پيتائون.

هو پوءِ ٽڪرين تي چڙهي، آسپاس جو نرمل نظارو ڏسڻ لڳا. ان وقت ٽڪرين جي چوٽين تي ڪن ريدارن جون رڍون پئي چريون ۽ پاڻ شاهي راڳ وٽ بينا هئا، هيءُ بئي ڄڻا وڏي وٽن ويا ۽ پڇائون تہ هيءُ وٽندڙ ٽڪريون، ڪنهنجون آهن ۽ هتي ڪنهنجون رڍون ٽيون چرن؟

ريدار: هيءُ ٽڪريون ملڪوت ملڪ جي حاڪم جون آهن، ۽ رڍون بہ سنديس آهن، جي هتي سجر گاهه کائي متاريون ٿين ٿيون.

سالڪ: ملڪوت ڏي هيءُ ساڳيو دڳ وڃي ٿو يا ڪو بيو؟

ريدار: هائو، اهوئي دڳ آهي. هتان معرفت جي مارگ ۾ گهڙندا ته جاڻ ته ملڪوت ۾ پهتا.

سالڪ: هتان اهو ملڪ ڪيترو پري آهي؟

ريدار: ٻين جي واسطي بلڪل پري آهي، پر جيڪي سالڪ حق جي راهه تي ثابت قدم رهن ٿا ۽ سر جو ڪوبه سانگو نه ڪن ٿا، تن ڪي بلڪل ويجهو آهي.

"سسئيءَ ڇڏيو سانگ، ته ڇپر مڙيئي ڇاڙ ڪي."

(شاهه)

سالڪ: وات تي ڪو جوکو ته ڪونهي؟

ريدار: ويساهه وارن کي ڪوبه جوکو ڪونهي، باقي اٽويساهين جا ڪٿن ياڳ.

ويساهه وارن لنگهيو، اڻ ويساهين تار،
ملوگتو ڪنن سين، متارو ڪٽي پار.
(شاهه ڪريم)

پر اوهين ته ٻڌايو ته ڪٿان ٿا اچو؟ ڪئن هن وات ۾ گهڙيا ۽ ڪهڙن اُپائن سان انهيءَ وات ۾ قائم رهندا آيا آهيو؟ جيڪي هيڏانهن اچڻ لاءِ پنهنجي وطن مان نڪرن ٿا، تن مان ڪي وري هيستائين پهچن ٿا.

ٻنهي واٽهڙن پنهنجي پنهنجي ڳالهه پيرائتي ٻڌائي ته هو گهڻو سرها ٿيا ۽ کين ياڻئڻ لڳا، هنن ريدارن جا نالا هئا (1) علم يا گيان، (2) انيؤ يا تجربو، (3) ساوڌان يا پهري سجاڳ، (4) نسڪپت يا دل جو سچو. هيءُ چارئي ڄڻا کين پنهنجن جهوپڙين ۾ وٺي ويا ۽ جيڪو ڪاڏو وٽن موجود هو سو کين کارايائون ۽ ٽڪڻ لاءِ کين زور ڪيائون. هو اتي رات رهي پيا ۽ فرحتي ننڊ ڪيائون.

صبح جو ريدار کين ٽڪريون گهمائڻ ويا، چؤطرف عملو لقاءُ لڳو پيو هو، جنهنجي ڏسڻ سان سالڪن جو نيڻ نيڻ نري پيو.

ريدار پوءِ ڪين هڪ اُتاهين ٽڪريءَ تي وٺي ويا جنهنجو نالو ”خطا“ هو. ٽڪري جي هينان اونهي کڏ هئي. ريدارن چين ته هيٺ نهاري ڏسو. جان هيٺ نهاري ڏسن ته مار! ڪيترا ماڻهو هن ٽڪريءَ تان ڪري ٽڪر ٽڪر ٿي پيا آهن. هيءَ حالت ڏسي سالڪ پڇن ته هن جو مطلب ڇا؟ ريدار چين ته جيڪي ڏٺيءَ ڪان بي مڪ ٿي نفس جا غلام بنيا آهن، تن انهيءَ ڳري خطا ڪري هتان نوڪر ڪاڏي آهي ۽ سندن لاشا اجا تائين ڪنهن دفن نه ڪيا آهن، ته پلي ته اهي ڏسي ٻيا عبرت وٺن ۽ چيتي هلن.

ريدار پوءِ ڪين هڪ ٻيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي وٺي ويا. انهيءَ ٽڪريءَ جو نالو ”سُچيتي“ هو. هتان هنن ٻنهي مسافرن هيٺ نهاريو ته ڇا ڏسن ته ڪيترا ماڻهو قبرن ۾ پيا گهمن. هنن سمجهيو ته هي انڌا ٿا ڏسجن، ڇاڪاڻ جو گهڙي گهڙي قبرن تي ٿاٻا پئي کاڌائون ۽ انهيءَ قبرستان ڪان ٻاهر نڪري نٿي سگهيا. هيءُ حال ڏسي سالڪ پڇين ته هيءُ ماڻهو ڪير آهن؟

ريدارن چيو ته هنن ٽڪرين ڏانهن ايندي واٽ تي توهان هڪ دڪي ڏٺي هوندي، جنهن تان واٽ جي ڪٻي پاسي هڪ چراگاهه ڏي وڃي سگهجي ٿو. انهيءَ دڪي وٽان شڪ واري قلعي ڏي پيرو وڃي ٿو جنهنجو مالڪ ”نااميديءَ“ نالي هڪ راڪاس آهي. هيءُ ماڻهو به اوهان وانگر سفر ڪندا اوستائين آيا. اُتي واٽ اٽانگي ڏسي، دڪيءَ تان ٽپي چراگاهه ۾ ويا ته راڪاس ڪين جهلي پنهنجي قلعي اندر هڪ ٻهري ۾ بند ڪيو. ڪيترا ڏينهن ساندهه ساڻن جبريون جنيون ڪري، پوءِ سندين اکيون ڪڍيائين ۽ ڪين هنن قبرن وٽ آڻي ڇڏيائين جتي اڄ تائين ڦرن پيا، ته اها چوٽي سچي سمجهڻ ۾ اچي ته جو ماڻهو سمجهه جي واٽ کان ڀٽڪندو سو اڻپڇو مسئلن جي جماعت ۾ رهندو، اتي سالڪ ۽ آسروند کي ڏڪٽي وٺي ويئي ۽ اکين مان لڙهڪ لڙي

پين، وات مان هڪڙو اکر بہ ڪونہ ڪڍيائيون، پر جيڪي هڪبئي کي چوڻو هون سو سندن رڳڻ مان روشن هو.

ريدار پوءِ کين هڪ ٿينءَ هڪ ٽڪريءَ تي وٺي ويا، جنهنجي تري ۾ هڪ دروازو هو. اهو دروازو اُپٽي هنن کي جيائون تہ اندر نهاريو. هو جان نهاري ڏسن تہ رڳي اوندها لڳي پيئي هئي. اندران ايترو دونهون ٿي نڪتو جنهن گهُٽي تي چڙيو. اتان ڪن ماڻهن جون رڙيون ۽ ريهون بہ ٻڌڻ ۾ آين جو سدين جان کي باھ پڙڪي پئي لڳي. سالڪ پڇين تہ هيءُ ڇا آهي؟ ريدارن ٻڌاين تہ هيءُ پيچرو دوزخ ڏي وڃي ٿو. جيڪي پاڪندي لوڪ کي اها ڏيکاري ڏيندا آهن، تہ اسين حق جي راھ تي هلندڙ ۽ ڪامل درويش يا پورن سنت آهيون، سي ظاهري سوڏي رهت رهن ٿا ۽ سچ پچ ڪجھ پنڌ حق جي راھ ۾ هلي، ماڻهن جو پاڻ ۾ ويساھ جمائين ٿا، پر آخر سندين وات هن دوزخ جي در منجهان آهي، جتي گهڻا عذاب سهن ٿا ۽ پنهنجو ڪيتو لوڙين ٿا. جيڪي رڳو زبان سان ڌڻيءَ جو ذڪر ڪن ٿا، پر دل ۾ رڳو دنيوي ڳالهين جو فڪر ڪن ٿا، تن جي وات بہ آخر اتان آهي.ا تي سالڪ آسمان ڏي اکيون کڻي چيو تہ سچا سائين، تون اسان کي توفيق ڏجانءِ جو اسين توڙ تائين توسان ۽ پاڻ سان سچا رهون.

ڊجان يَرِ فراق، متان پوئيم پرينءَ سين.
(شاھ)

سالڪ کي هاڻ ڪجھ نتي اُجهيو. هن اڳتي وڌڻ جي خواهش ڏيکاري. ريدارن بہ چين تہ هاڻ يلي پنڌ پئو. هو پوءِ کين اُپرائن واسطي ٽڪرين جي چيڙي تائين آيا. وات تي ريدارن پاڻ ۾ چيو تہ جيڪڏهن هي مسافر اسان جي دوربينيءَ سان ڏسي سگهن تہ اسين کين هميشگيءَ جي شهر جو دروازو هتان ئي ڏيکاريون. سالڪ چين تہ اهو تہ اسان سان

وڏو وڙ ڪندا، جي اسان کي هتان ئي اهو دروازو ڏيکاري چڏيندا. ريڊار پوءِ کين صفائيءَ جي ٽڪريءَ تي وٺي ويا.

سرمو سفيديءَ جو، جڏهن وڏو جن،
تڏهن ڏٺي تن، اَچائي عالم ۾.

(شاهه)

بئي حق جا طالب انهيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهيا ته ريڊارن کين پنهنجي دوربيني ڏني ۽ چيائون ته هيءَ دوربيني پنهنجين اکين اڳيان جهليندؤ ته هميشگي جي شهر جو دروازو توهان کي چٽو ڏسڻ ۾ ايندو. سالڪ بئي اکيون دوربينيءَ ۾ کپايون ته ريڊارن چيس ته دوبينائي دور ڪرڻ لاءِ هيءُ باهريون بئي اکيون بوٽ ۽ رڳو اندرينءَ اک سان نهار ته اوستائين نظر پهچيئي، سالڪ ۽ آسروند ائين ڪيو، پر تازو دوزخ جو دونهون ڏٺو هوائون، سو ياد آين ته هٿ ڏڪڻ لڳن ۽ دوربينيءَ ۾ پوريءَ ريت نظر کپائڻ ڏکي لڳين. انهيءَ هوندي به کين دروازي وانگر ڪجهه ڏسڻ ۾ آيو ۽ ان شهر جو جلوو به ڪجهه قدر ڏسي سگهيا. اهي بئي مسافر پوءِ انهيءَ اوٺ تي پنڌ پيا، پر مارگ ۾ گهڙڻ کان اڳ رڍارن کان پڇيائون ته هن وات ۾ هلڻ لاءِ ڪي هدايتون ڏيئي ڇڏيو ته اسان کي پتو پوي ته اسان کي ڪهڙيءَ ريت پنڌ ڪرڻو پوندو.

ڪجي پنڌ، پچان تو، ڪيچين ڪارڻ ڪئن؟
بيخود هلج بَرَ ۾، آءُ تو چُئان ايئن،
سڪڻ ساجن سينءَ، متان مُني ڇڏيين.

(شاهه)

ريڊارن مان هڪڙي کيس هڪ چِٺي ڏني ۽ چيائينس ته وات جو سمورو پتو توهان کي انهيءَ چٺيءَ مان پوندو. ايترو بڌايانءِ ٿو ته سولي سهنجي وات اها آهي ته پنهنجو پاڻ وساري ڇڏجو ۽ ڪنهن ڇَٽ بڌندڙ جي چوڻ تي نه لڳجو.

بن بيائي. سپرين، پاٽان ”مونّ“ ڪي پل،
”آءِ“ اوريان جهل، تہ توکي رسي تو ڏٽي.
(شاهہ)

ٻئي ريڍار چيس تہ انهيءَ معرفت جي مارگ مان تون وحدت جي واديءَ ۾ پهچندين، تنهنڪري پنهنجو سمورو ڌيان انهيءَ مارگ ۾ ڏارج ڪنهن جادو پيل زمين تي ساهيءَ پٽڻ لاءِ نہ ترسج.

متان خودشناسيءَ ۾ محو خُلل پويئي،
جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ وني وحدت ويهہ،
اونهو ملڪ الله جو، ڪنهن چُلي ڏنو نہ چيهہ،
مان مڙهيءَ جي پيهہ، تہ وينيئي ويرنات ٿئين.
(شاهہ)

ريڍارن پوءِ کين آسيس ڪئي، تہ شل سوڌ ئي راهہ تي هلي، پنهنجي منزل تي پهچو.

سيپئي سنئين ڪرين، ڪوم منجهائين راهہ،
سجڻ جي صلاح، لائو لڱو ميڙيئن.
(شاهہ)

هو ٻئي جاٽا پوءِ کين پرڻام ڪري پنهنجي واٽ وٺي رمندا رهيا.

✦

باب سورهون

# گيان جي اکـ

آکيون سيئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن کيم نهار، گهٽو ريسارا سپرين.
(شاهه)

هيءَ حق جا طالب تڪرين تان لهي، معرفت جو مارگ وٺي هليا انهيءَ مارگ کان ٿورو پريرو ڪٻي پاسي ”خود پسندي“ نالي هڪ ملڪ هو، جنهن مان هڪ ورن وڪڙن وارو گس هن مارگ جي منهن سان اچي ٿي مليو، خود پسنديءَ جا رهاڪو ايامن کان نادانيءَ جي ڪري مشهور هئا. انهن مان هڪ چالاڪ نوجوان ”نادان“ نالي هنن طالبن کي اچي گڏيو. سالڪ پڇيس ته ”ابا، ڪٿان ٿو اچين ۽ ڪيڏانهن وڃڻو اٿيئي؟ هن جوان فخر سان چيو ته مان ”خودپسندي“ جي ملڪ جو وينل آهيان، جو هن واٽ کان پريرو ڪٻي پاسي آهي. هينئر ارادو اٿم ته هميشگيءَ جي شهر ڏي وڃان.“

سالڪ: اها راهه ته اهڪي ٿي ٻڌجي. اسين به ڪنبندا ڪنبندا پيا وڃون.

نادان: اها راهه اهڪي آهيئي ڪانه. جيڪو ماڻهو مسجد، مندر يا ديول ۾ ويندو هوندو ۽ پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪجهه حصو خيرات ڪندو هوندو اهو ئي انهيءَ منزل تي پهچڻ جي اميد رکي سگهندو. انهيءَ ۾ ڪنبڻ جي ڳالهه آهي ئي ڪانه.

سالڪ: هن مارگ جي بنهه مهڙ ۾ جيڪو سوڙهو دروازو آهي تنهن مان تون ڪونه آيو ٿو ڏسجين تنهنڪري توکي هن سفر جي سختين جي ڪابه سڌ ڪانه ٿي ڏسجي.

نادان: توهين مون کي نتا سجاڻو ۽ مان توهان کي ڪونہ سڃاڻان، سو اوهين پنهنجي ڌرم تي هلو ۽ مان پنهنجي ڌرم ۽ ريت رسم پٽاندر هلندس. مون کي اميد آهي تہ آخر سيڪو پنڌ ڪري اتي وڃي پهچندو، جنهن سوڙهي دروازي جي توهين ڳالهہ ٿا ڪريو تنهنجي سيڪنهن کي سڌ آهي، تہ اهو تمام پري آهي، اسان جي ضلعي ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي انهيءَ واٽ جي خبر ڪانهي ۽ نڪو ڪو انهيءَ واٽ وٺڻ جي ضرورت سمجهون ٿا. اسان جي ملڪ کان هڪ تمام چڱو گس هن واٽ سان اچي گڏجي ٿو ۽ مان بہ اهو گس وٺي آيو آهيان، سياڻو ماڻهو آهي ئي اهو جو سولي سهنجي واٽ وٺي.

سالڪ ڏٺو تہ هيءُ پاڻ کي نهايت سياڻو ٿو سمجهي ۽ سندس نظر ۾ اسين مورکہ آهيون جو اهنجيءَ واٽ کان آيا آهيون، اهڙي خودپسند ماڻهوءَ سان وڌيڪ گفتگو ڪرڻ ئي اجائي آهي. سالڪ جي اها صلاح سندس سنگتيءَ کي بہ وڻي تنهنڪري هنن وک وڌائي تہ نادان پاڻمرادو پنڌتي رهجي ويو.

هو اڃا ٿورو اڳيرو ويا ئي ڪين تہ ڪين هڪڙي اونداهيءَ واٽ مان لنگهڻو پيو. اتي ڪين هڪ ماڻهو گڏيو، جنهن کي ستن پوتن نيرن سان ٻڌي انهيءَ دروازي ڏي تي نيون، جو ٽڪريءَ جا ڪورَ وٽ هو. اهو حال ڏسي هيءَ ٻئي حق جا طالب ڌهلجي ويا، جڏهن اهو ماڻهو وٽائن اچي لنگهيو تڏهن سنديس شڪل ڏسي، سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي آهستي چيو تہ مان هن ماڻهوءَ کي سڃاڻان. سندس نالو "گمراهہ" آهي، جيڪي ڏٽيءَ کان بيمکہ ٿيا آهن، تن جو هو سنگتي آهي ۽ رهندو ئي سندن پاڙي ۾ آهي، هو ڳالهائڻ جو چٽر ۽ چالاڪ آهي، پر ڏٽيءَ کان منهن موڙڻ ڪري لعنتي آهي، تنهنڪري ڪيس دوزخ جي در ڏانهن وٺي ٿا وڃن.

هو زنجيرن ۾ ٻڌل ماڻهو جڏهن وٺائن لنگهي پر پرو ٿيو تڏهن سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو تہ هن ماڻهوءَ جو هيءَ جال ڏسي مون کي هڪ ڳالهہ ياد آئي آهي جا مون کنهن پلي مانس جي واتان ٻڌي هئي. اها ڳالهہ هن طرح آهي تہ کنهن شهر جا رهاڪو گهڻو ڪري سڀ سچيا رهنا تنهنڪري عام طرح اهو "سچن جو شهر" سڏبو هو، اتي جي هڪ رهواسيءَ جو ڏٽيءَ ۾ پورو ايمان ڪونہ هو تنهنڪري "ٺور ويساهو" سڏبو هو. جيڪو ماڻهو هنئر زنجيرن ۾ ٻڌل ڏنوسين تنهن وانگر لعنتي ڪونہ هو، جو ڏٽيءَ ۾ ايمان گهٽ هوندي بہ اعمال سنا هئس. سندس شهر جي هڪ ڪشادي گهٽيءَ جي منهن وٽان هڪ رستو هيڏانهن ٿي آيو جنهنکي "مردن جو رستو" سڏيندا هئا، سو هنکري جو اتي ڪيترن ماڻهن جو خون ٿيو هو. اهو ٺور ويساهو کنهن وقت سفر تي نڪتو، اتي سُمهي پيو. هو اجا ننڊ ۾ هو تہ ٽي قداور ۽ جاننا لچ اتان اچي لانگهائو ٿيا، جن جا نالا "بي همت"، "بي اعتباريو" ۽ "ڏوهہ" هئا. اهي ٽيئي پاڻ ۾ پائر هئا. هن جي پيرن جو آهٽ ٻڌي ٺور ويساهو سجاڳ ٿيو ۽ پنهنجي واٽ وٺي ٿي ويو، تہ هنن ڌمڪيءَ سان چيس تہ "اتي بيهہ"، هيءُ ڌمڪجي بيهي رهيو جو ساڻن پڇڻ جي پاڻ ۾ سمر ٿي ڪانہ ٿي سارپائين، هنن حڪمان حڪم چيس تہ جيڪو ناڻو ساڻ هجيئي سو اسان کي ڏي. هن ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ هڪ رهزن سندس ڪيسي مان ناڻي جي ڳوٿري ڪڍي، ا نهيءَ تي هن واڪو واڪان لاتي تہ ٻئي رهزن اهڙو سوٽنو هنيس جو هو رتو رت ٿي پيو ۽ پٽ تي ڪري پيو. انهيءَ هنڌ کان ٿورو پر پرو ويساهہ وارن جو شهر هو. اتي جو وڏيرو فضل هردم هيٺن جو همراهہ ٿيندو هو. هنن رهزنن کي دپ لڳو تہ متان وڏيرو فضل هن جي بہ اچي واهر ڪري سو يڪدم ڀڄي ويا، ٿوريءَ دير کان پوءِ ٺور ويساهو سامت ۾ آيو. جيڪو ڏک لڳو هوس تنهنجو ايترو خيال ڪونہ

هوس جيترو ويل ناٽي جو هوس. وٽس ڪي جواهر هئا جي چورن ڪين ڏنا تنهنڪري اهي بچيل هئس ته به جيڪو ناڻو ويو هوس تنهنجو گهڻو ڏک هوس جو اهو واڻ جي خرچ لاءِ ساڻ ڪنيون هوائين. جيڪڏهن پنهنجيءَ دل کي رڳو اهو آٿت ڏئي ها ته چورن ڪانئس جواهر نه ڦريا ته پوءِ جيڪر ڏٺيءَ جا شڪرانا بجا آڻي ها ۽ ويل ناٽي جو گهڻو ڏک ڪونه ٿئيس ها، پر چون ٿا ته باقي پنڌ ۾ ڪيس گهڻو ڪري جواهرن بچڻ جي ڳالهه ياد به ڪانه ٿي پيئي ڪنهن وقت جي اها ڳالهه ياد پيس ٿي، ته به پنهنجي ناٽي وڃڻ جي ڳالهه ڳڻڻ ۾ ئي غلطان ٿي رهيو. روڪڙي ناٽي نه هئڻ سبب هن ڪڏهن بين ڪان پني پورائي ٿي ڪيئي ته ڪڏهن لنگهڻ پئجي ٿي رهيو.

انهيءَ تي سالڪ کي سندس سنگتيءَ چيو ته اهڙي تنگ حالت ۾ ڪو جواهر وڪڻي يا ڳهه رکي پنهنجي سفر ۾ سکيو ڇو نه ٿي گذاريائين؟ سالڪ وراڻي ڏنيس ته جنهن ملڪ مان هو لنگهيو ٿي تنهن ۾ اهڙو ڪو پارکو هئو ئي ڪونه جو سندس جواهرن جو پورو قدر ڪري اهو ڳهه ۾ وٺي يا ان لاءِ ناڻو ڏئيس ڏٺيءَ ۾ جيتوڻيڪ پورو پورو ايمان ڪونه هوس ته به انهن جواهرن کي پنهنجو آخرت جو توشو ڪري ٿي سمجهيائين تنهنڪري اهي وڪڻڻ يا ڳهه ۾ رکڻ بنهه غلط ڪم ٿي سمجهيائين. انهي ڪري چئبو ته جيڪو شخص اڳهڻو زنجيرن ۾ بدل ڏنوسين تنهن ڪان هيءُ ٽورو ويساهو هر طرح وڌيڪ هو. جيڪي ڏٺيءَ ڪان بي مک ٿين ٿا سي دنيوي حرص هوس ۾ غلطان رهن ٿا. جڏهن پنهنجي ڪا دنيوي خواهش پوري ڪرڻي هوندي اٿن تڏهن هرج جو ڪوبه خيال نٿا ڪن. هيءُ ٽور ويساهو بئي سياءُ جو هو. سنديس دل رڳو روحاني ڳالهين سان هئي ۽ اهي روحاني ڳالهيون گويا سندس روزمره جو قوت هيون. اهڙي سياءَ وارو ڪئن پنهنجي جسم کي سکي رکڻ لاءِ ههڙا جواهر وڪڻندو! جيڪڏهن ڪو جواهرن جو خريدار اتي ڪٿي

هجي ها يا اهي ڪِهه ۾ وني ناٽو ڏئيس ها تہ بہ ڪو ماڻهو ٽڪا خرچي گاهہ وني ڪائيندو ڇا؟ يا ڪو پاريلو پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ ڪانءَ وانگي ڪنهن ڍونڍ تي وجي درندو ڇا؟ وڏن و ڏن نبين ۽ اوليائن جو اهو ئي چوڻ آهي تہ هيءَ دنيا ڍونڍ جي مثل آهي ۽ ان جا طالب ڪتا ۽ ڪانءَ آهن. جيڪي هن دنيا جي پنيان انڌا اونڌا آهن سي پنهنجي جنم جو حق بہ خسيس شيءِ لاءِ وڪڻيو ڇڏين؛ پر جن کي نجات حاصل ڪرڻ جي خواهش آهي تن کي جيڪڏهن ٿورو ئي ايمان آهي تہ بہ اهڙو ڪم ٿيپيءَ نٿا ڪن. ايترو چئبو تہ جن جو ويساهہ گهٽ آهي تن کي وقتي چور قرين ٿا، پر جن جو ڏٽيءَ ۾ پورو ويساهہ آهي تن کي نڪو ڀءُ نڪو ڀولو.

ائين ڳالهيون ڪندا هو هڪ اهڙي هنڌ اچي پهتا جتي ٻي هڪ واٽ بہ اچي سندين واٽ سان ٿي گڏي. هينئر هو سمجهي نٿي سگهيا تہ انهن ٻنهي مان ڪهڙي واٽ وٺجي، جو ٻئي هڪ جهڙيون سنيون معلوم ٿي ٿيون. هو پوءِ اتي ترسي ويچار ڪرڻ لڳا ۽ تن مان پئي هنيائون تہ اوچتو هڪ ڪارو ماڻهو اچي ويس ۾ وٽن آيو ۽ پڇيائين تہ اتي ڇو بيٺا آهيو؟ هنن چيس تہ ”اسين ملڪوت ڏي وڃڻا آهيون، پر هيءُ بہ واٽون ڏسي منجهي پيا آهيون، تہ انهن مان ڪهڙي واٽ وٺون جو پنهنجيءَ منزل تي پهچون. تنهن تي چيائين تہ مان بہ اوڏهين وڃڻو آهيان. توهين بيدرڪ منهنجي پنيان هليا اچو. هو مٿس ويساهہ ڪري سندس پنيان ويا تہ ٿوري پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ سندين پنتي ملڪوت ڏي ۽ سندين مهڙ دوزخ واري ٽڪريءَ ڏي ٿي پيئي. اتي هيءُ واٽڙا تي هڪٻئي ڏي نهارڻ لڳا تہ اوچتو ئي هڪ اهڙيءَ جار ۾ ڦاسي پيا جنهن مان پاڻ ڇڏائڻ مشڪل ٿي پين. ايتري ۾ هن ڪاري ماڻهوءَ جي اڇي پوشاڪ پاڻ مرادو لهي پيئي ۽ هو جهڙو ڪارو هو تهڙو ئي ڏسڻ ۾ آين. انهيءَ تي سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو تہ هاڻ مان پنهنجي ڀل محسوس ڪريان ٿو.

ريدارن اسان کي اڳيئي چيو هو ته ڪنهن ڇٽ ٻڌنڙ جي چوٽ تي نه لڳجو. سنگتيءَ چيس ته هڪ ٻي به پل ڪئي اٿئون. ريدارن اسان کي هڪ چٺي ڏني هئي ۽ چيو هوائون ته واٽ جو سمورو پتو توهان کي انهيءَ چٺيءَ مان پوندو، اسان اها چٺي به ڪانه پڙهي. هاڻ ته هن جاءِ ۾ اهڙا چؤ ڪنيا ڦاٿا آهيون جو هتان جند ڇڏائڻ ئي مشڪل تي پيئي آهي.

هي ٻئي ڄڻا هاڻ گهڻو ششدر ٿيا ته پريان هڪ شخص ڀڪندڙ پوشاڪ پهريل پاڻ ڏي ايندو ڏٺائون، جنهنجي هٿ ۾ هڪ ڇهبڪ هو. هن اچڻ شرط پڇن ته توهين ڪٿان آيا آهيو ۽ هن جار ۾ ڪئن اچي ڦاٿا آهيو؟ سالڪ چيس ته اسين غريب مسافر آهيون. ملڪوت ڏي مهڙ ڪري پئي وياسين ته هتي به واٽون ڏسي منجهي پياسين. اوچتو ئي هڪ ڪارو ماڻهو اچي ويس ۾ گڏيوسين، جنهن اسان کي برغلائي هتي آندو ته مهڙ بدران اسان جي پنيءَ ملڪوت ڏي تي پيئي ۽ اسين هن جار ۾ ڦاسي پياسين. انهيءَ تي ڇهبڪ واري چين ته اهو ڇٽ ٻڌنڙ ڪوڙو نبي هو جنهن ديوتائن جهڙو روپ ڌاريو هو، اڄ ڪلهه گهڻيئي پنٿ نڪري پيا آهن. اڪثر سڀ ڪنهن پنٿ جو بانيڪار پاڻ کي پهتل شخص ڪوٺائي ماڻهن کي ڀنيلائيندو ۽ ڀلائيندو وتي ۽ سندين انڌي سرڌا جو فائدو وٺي ڪين ڦري پنهنجو پيٽ پيو ڀري. ڪي سندن دام ۾ ايئن ڦاسن ٿا جئن توهين هنئر ڦاٿل آهيو ۽ ڪي سگهو ئي وٺائن نراس تي موٽن ٿا. نراسائيءَ ۾ ماڻهو ڪاهل ٿيو پوي ۽ ڪاهليءَ جو نتيجو جاهلي آهي. هن پوءِ جار ڇني ڪين ٻاهر ڪڍيو ۽ چيائين ته هاڻ منهنجي پنيان هليا اچو، ته مان وري توهان کي سنئينءَ واٽ ۾ لايان. هو پوءِ ڪين وري انهيءَ ساڄيءَ واٽ تي وٺي آيو جا هنن ڪاري ماڻهوءَ جي چوڻ تي ڇڏي هئي ۽ پڇائين ته

اوهين رات ڪٿي ٽڪيا هئا؟

سالڪ: فرحتي ٽڪرين تي ريدارن وٽ ٽڪيا هواسون.

چهبڪ وارو: ريدارن واٽ بابت توهان کي ڪو ڪاغذ ڪونه ڏنو ڇا؟

سالڪ: هائو سائين، ڏنو هوائون.

چهبڪ وارو: جڏهن توهين به واٽون ڏسي منجهي پيا تڏهن توهان اهو ڪاغذ ڇو نه ڏٺو؟

سالڪ: اسان کي وسري ويو ۽ ان جو نتيجو ڏٺوسين.

بيائيءَ کي ٻڪ جن وڏو سي ورسيا.

(شاهه)

چهبڪ وارو: ريدارن توهان کي ايئن ڪونه چيو هو ڇا ته چٽ ٻڌندڙن کان خبردار رهجو؟

سالڪ: هائو سائين، چيو هوائون، پر اسان کي اها سڌ ڪانه هئي ته هيءُ ڪارو ماڻهو ڪو انهن چٽ ٻڌندڙن مان هو. سندس ڳالهائڻ ڏاڍو مٺو هو.

چهبڪ واري پوءِ هنن ٻنهي مسافرن کي پنهنجي چهبڪ سان مار ڪڍي ۽ چيائين ته جيڪي منهنجا پيارا آهن سي جيڪڏهن ڪا خطا ڪندا آهن ته کين مار ڏيئي سڌو ڪندو آهيان. اها مار اوهين پنهنجي سنوار ڪري سمجهجو هاڻ توبهه ڪري پنڌ پئو ۽ ريدارن جي ٻين نصيحتن تي ڌيان ڏجو. توهان کي ايترو ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته مکيه واٽون ٻه آهن: هڪ ڳيان جي ۽ ٻي اڳيان جي جيڪي اڳياني جيو آهن سي جيتوٽيڪ جاڳن ٿا ته هيءُ دنيا چئن ڏينهن جو چٽڪو آهي ۽ آخر هتان لڏڻو آهي ته به موت کين ياد به ڪونهي. هو دنيوي موجن ماڻڻ ۾ مشغول رهن ٿا ۽ ڪوڙ ۽ ڪچه ڪمائين ٿا. انهيءَ ريت اڳيان مان گهٽيون واٽون ڦٽن

ٿيون، جن مان نڪري وري سنئين پيچري تي اچڻ سندن لاءِ مشڪل ٿيو پوي. جڏهن ڪا ڳري آفت مٿائن پوي ٿي يا ڪا ڳري پيڙا ڏسن ٿا تڏهن سندن ڪام جو نشو ڪجهه وقت لهيو وڃي، ڪروڌ جي ڦهري وڪ گهٽجيو وڃي، لوڀ ماڪيءَ جهڙو مٺو نٿو لڳي، موهه جي اورتائي معلوم ٿئي ٿي ۽ اهنڪار جي اوندهه جا پردا پاسي ٿيڻ لڳن ٿا ۽ سچي سائينءَ ڏي سندين دل رجوع ٿئي ٿي. جنهن وقت اها آفت ٽريو وڃي ۽ پيڙا لهيو وڃي تنهن وقت وري اهي ئي گڏهه اهي ئي آٿر.
سي ڪنهن جي آتما تي هڪ ڳرو قرض آهي ۽ اهو قرض لاهڻ سندن فرض آهي. وجهن پنيان وجهه ۽ اشارن پنيان اشارا ماڻهن کي ملن ٿا پر قرض ۽ فرض جي ڪيترن کي يادگيري به ڪانه ٿي پوي، جنهنڪري جڻ ته بيغرض بيقرض ۽ بيفرض آهن.
سياڻا اهي آهن جي دنيا ۾ رهي به پنهنجو ڌيان ڌڻيءَ ۾ ڌارين ٿا ۽ گيان جي واٽ وٺن ٿا، جنهن مان آخر پنهنجو سچو پاڻ پڇائين ٿا ۽ جنهن پاڻ کي ڄاتو تنهن جڻ ته ڌڻيءَ کي سڃاتو. انهيءَ واٽ جي ٻنهي پاسي ميويدار وڻ ٽڏي ڇانءُ ڪري بيٺا آهن. جنهنڪري ڪار ۽ ڪروڌ جي اُسَ ڪان اڄهو ملي ٿو. انهن جي ميون کائڻ ڪري لوڀ ۽ موهه واري بڪ مٽيو وڃي ٿي ۽ سچو پچو ڏءُ ٿئي ٿو. اتي اوجل پاڻيءَ جا چشما آهن جنهنجي پيئڻ ڪري اندر ۾ ٺار پوي ٿو ۽ من کي اهڙي سانت اچي ٿي جو ڏک ۽ سک، عزت ۽ بي عزتي ۽ ٻيا اهڙا آڏا جوڙا هڪ سمان سمجهڻ ۾ اچن ٿا، اهي دور انديشي ۽ داناءَ جن جي اندرين اک يا گيان

جي اڪ ڪليل آهي سي سڀ طرح جون تڪليفون سهي هن سڙڪ تي سفر ڪرڻ ضروري سمجهن ٿا، نہ تہ جيڪر سالڪن وارو صبر ۽ سنتوڪ ڪوبہ بني آدم اختيار ڪونہ ڪري. پر انهيءَ راهہ ۾ ٿپ ٿپ تي گهٽي سنيال ڪرٽي پوي ٿي. ريڊارن اوهان کي انهيءَ سبب چني ڏني تہ اوهين اها واچيندا وتو تہ سوڏيءَ راهہ جي اوهان کي سڏ پوي. ۽ ڪنهن اگيان جي پيچري ۾ پئي اعليٰ نعمتن کان نااميد نہ ٿيو. توهان وٽ چني هئي تہ بہ توهان اها نہ پڙهي تہ اها چوڪ اوهان جي چئبي. انهي ڪري مون اوهان کي سيڪت ڏني سا اوهان جي يلي لاءِ تہ آئيندي چيتي هلو. هو پوءِ سندس ٿورا مڃي آهستي آهستي هلندا ويا ۽ گيان جي اڪ ڪليل رکڻ جي ضرورت پليءَ پت محسوس ڪرڻ لڳا.

ديکہ م تون سين تن، هيءُ جي مجازياٽيون منهن ۾،
ڪين سجاتو سپرين نهاري نيٽن،
پرين سي پسن، ٻئي جني پوٽيون.
(شاهہ)

باب سترهون

# گيان بابت گفتگو

ڏيهيءَ منجهه ڏيو، اچل ٻري تو آد جو،
اوديا کون اُلٽي ڪري، پاتو جنهن لِيو،
تن جو مَن ڪِيو، ٿيو سامي سهه سروپ ۾.
(سامي)

هيءُ ٻئي مسافر سوڌي راهه وٺي هلندا ويا ته پريان هڪ ماٺهو پاڻ ڏي ايندي ڏٺائون. سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو ته هيءُ ماٺهو ملڪوت کي پني ڏيئي اسان ڏي پيو اچي، تنهن ڪري اسان کي خبردار ٿيڻ گهرجي متان هيءُ ٻه ڪو چٽ ٻڌندڙ هجي. سگهو ئي هو شخص ساڻن اچي مليو. سندس نالو ”ناستڪ“ هو. هنن کان پڇائين ته ڪيڏي تا وڃون؟ سالڪ چيس ته ”ملڪوت“ ڏانهن، اهو جواب ٻڌي ناستڪ وڏا ٽهڪ ڏنا ۽ کل بس ئي نه ٿئيس. سالڪ پڇيس ته هيترو کلين چو ٿو؟ هن وراڻي ڏنيس ته توهان جي عقل تان ٿو کلان. اوهين اهڙي اوکيءَ ۽ جوکي ڀريل مسافريءَ تي نڪتا آهيو جنهن ۾ ڏاکڙن کانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻه اوهان کي هٿ حاصل نہ ٿينلو.

ناستڪ پڇيس ته انهيءَ ملڪ ۾ اسان کي اچڻ ڪو نه ڏيندا ڇا؟

ناستڪ چيس ته سچي دين ۾ اهڙو ملڪ آهيئي ڪو نه پوءِ اتي پهچڻ جي سڌ ڪيئن تا ڪريو؟

سالڪ چيس ته اسان کي يقين آهي ته اهو ملڪ آهي. ناستڪ چيس ته ”ادا، مون ٻه اوهان وانگر انهي ملڪ جي هاڪ ٻڌي

هئي ۽ گهر تڙ ڇڏي ان جي ڏسڻ لاءِ نڪتس، انهي ملڪ کي ڳوليندي ڳوليندي ويهه ورهيه ٻري ويا اتم پر اچا ته ان جو پتو به ڪو نه ٿو پويم. توهان کان وڌيڪ مسافري مون ڪئي آهي. منهنجي آزمودي جو فائدو وٺي اوهين به مون سان گڏ موٽي هلو.

اتي سالڪ کي سندس سنگتيءَ چيو ته ”ادل خبردار ٿج متان هي به ڪو چٽ ٻڌندڙ هجي. اڳي به پرائي مت تي هلياسين ته ڪيترائي ڏک سناسين.“ سالڪ چيس ته هيءُ پلي ته چا به چوي، اسان کي پنهنجو هوش هلائڻ گهرجي، فرحتي ٽڪرين تان اسان هميشگيءَ جو شهر جي دروازو اکين سان ڏٺو ته پوءِ هن جي ڳالهه تي ڪئن ويساهه ڪندس“؟

اسان کي هيئنر ڪپي پڪو ويساهه. بهتر ته هيءَ ٻئي ٻاهريون اکيون ڪٽي ٻوٽيون ته ههڙن ماڻهن جي شڪل به نه ڏسون. هو پوءِ اکيون انڌيون ۽ ڪن ٻوڙا ڪري هليا ويا ته ناستڪ مٽن ڪلندو پنهنجي واٽ وٺي هليو ويو.

هو پوءِ سگهو ئي اهڙي هنڌ اچي پهتا جتي جيڪو وڃي رهي تنهن کي ننڊ اچي وڃي. هتي سالڪ کي ڳاموڙ تي ۽ ننڊ ڪرڻ جي خواهش ٿيس.

سنگتيءَ کي چيائين ته مون کي اهڙي ننڊ پئي اچي جو اکيون پٽڻ به مشڪل تي پيون اتم. اچ ته هتي گهڙي به اک لائي پوءِ پنڌ پئون. سنگتي چيس ته مون کي به ننڊ جو خمار آهي؛ پر ريڊارن واري ڳالهه ياد تي اچيم ، جن اسان کي چيو هو ته ڪنهن جادوءَ پيل زمين تي ساهيءَ پٽڻ لاءِ نه ترسجو. مان پانيان ٿو ته سندن مطلب اهو هو ته نيٺن مان ننڊاکوڙي خبردار رهبو. هتي اسين ٻئي ساڳي وقت ننڊاکڙا ٿيا آهيون تنهن مان سمجهان ٿو ته هيءُ اها جادو پيل زمين آهي تنهن ڪري هينئر پاڻ اسان کي پوري سجاڳ ٿيڻ گهرجي متان پوءِ هٿ هٺون.

”نيٽين نندڙاڪوڙ، جم ورن ۾ واڪا ڪرين“

(شاهه)

سالڪ چيس تہ تنهنجي ڳالهہ مون کي دل سان لڳي ٿي. هاڻ وڪ وڌاءِ تہ هن ميدان مان سگهو ئي نڪري ٻاهر ٿيون. بهتر تہ ڪا ڳالهہ شروع ڪر تہ اسان جو ڌيان انهيءَ ۾ وڃي پوي ۽ ننڊ جو خيال مٽي وڃي. سنگتيءَ چيس تہ ڏٺي تو ۾ برڪت وجهي، تون ئي ڪٿي ڳالهہ شروع ڪر. جيڪڏهن ڪو گيان جو گفتو خيال ۾ نہ اچيئي تہ اهو منڍ ڪان ونئي ٻڌائين، تہ هن سفر ڪرڻ جو خيال توکي ڪئن آيو؟

سالڪ: توکي پنهنجي آتم ڪهاڻي ڪهڙي منهن سان ٻڌايانءِ. پنهنجي حياتي جا پهريان ڏينهن ياد ٿا پونم تہ لڄ ۾ ٻڏيو ٿو مران. ان وقت هڪڙي هيم ڦوهہ جوانيءَ جي مستي ۽ ٻيو ڌن دولت جو نشو، تنهنڪري انڌ جي گهوڙي تي چڙهي ڪوڙ ۽ ڪچ پئي ڪمايم ۽ پنهنجي حياتي برباد پئي ڪيم. آخر ايئن سمجهم تہ پاپ جو گهڙو پرجي پرجي نيٺ ڦاٽندو ۽ پنهنجو ڪيتو اوس لوڙڻو پوندم.

آسروند: اهڙو خيال توکي ڪيئن آيو؟

سالڪ: هن ڌرمي پستڪ مان. انهيءَ ڌرمي پستڪ پڙهڻ ڪري جڏهن مون کي سوجهي پيئي ۽ پنهنجا ڪيئن گناهہ سُجهي آيم تڏهن پهريائين اها ڪوشش پئي ڪيم تہ هن سوجهري کان اکيون بند رکان.

آسروند: تو ايئن ڇو ٿي ڪيو؟

سالڪ: منهنجي ڏيوئي اندر جيڪو ڏئو آد کان پيو ٻري، تنهن جي سوجهري جو مون کي ڪو بہ پتو ڪو نہ ٿي پيو، جو اڳيان جي اوندهہ چؤطرف ويڙهي ويئي هيم. تن ڏينهن ۾ گناهہ جهڙن ڪمن ڇڏڻ تي مرضي بہ ڪا نہ هيم. اڳين سنگيتن

جي سنگت ۾ اهڙي پياري لڳندي هيم جو ڪين ڇڏڻ تي چت نہ پيو ورندو هوم. پر اندر جو سوجهرو هميشہ لاءِ ڪو بہ جهپي ڪونہ سگهندو. مان هنيئر پنهنجي آزمودي مان چوان ٿو تہ اهڙو ڪو انسان ورلي ليندو، جنهن دنيا جي ڏنڌي ڪان پاءُ پلڪ پالهو ٿي، سوچ ويچار ڪندي پنهنجي حال تي افسوس نہ ڪيو هوندو ۽ اها خواهش نہ ڪئي هوندي تہ ڪا گهڙي پرلوڪ جي توشي ڪني ڪرڻ لاءِ بہ خرچ ڪريان. اهڙي خيال اچڻ سان ڪي وڃي ست سنگ ڪندا آهن ۽ ست سنگ روپي سُئي سندين سڪ ۽ سرڌا روپي سڳي ڪي سوريندي ويندي آهي.

آسروند: جيڪڏهن سڀ ڪنهن حالت ۾ ايئن ٿيندو رهي تہ پوءِ تہ رفتي رفتي دنيا جا سڀ ماڻهو ديندار ٿي پون ۽ دنيا مان گناهہ جو نالو ئي نڪري وڃي.

سالڪ: تنهنجو اهو چوڻ پورو آهي؛ پر ايترو ڄاڻڻ گهرجي تہ گيان بہ جدا جدا قسمن يا منزلن وارو ٿئي ٿو. عام طرح ماڻهو دنيوي حرص هوس ۾ قاتل رهن ٿا؛ پر جڏهن ڪا بيماري ٿيندي اٿن يا ڪا مشڪلا ت منهن ڏيئي ايندي اٿن، تڏهن ڪينْ ڪجهہ بہ منو ڪين لڳندو آهي. اوڏي مهل اهي محسوس ڪندا آهن تہ ڏٽيءَ ڪانسواءِ اسان جو بيو ڪو بہ اوهي واهي ڪونهي. تنهنڪري اهي سندس نالو جپيندا آهن. انهي مانْ سمجهڻ گهرجي تہ اهو روڳ يلو آهي، جنهن ۾ اسان جي دل دنيوي ڳالهين ڪان آجي ٿي پنهنجي سچي سائينءَ ڪي سنڀاري ٿي ۽ اها تندرستي گهوري جنهن ۾ اسين ڪيس بنهہ وساري ويهي ٿا رهون. هئن بہ آهي تہ جڏهن ڪنهن ۾ئي ڪي سخت بيماري ۽ نهايت دکي

ڏسندا آهيون ۽ هو چيچلائي چيچلائي مرندو آهي تڏهن پنهنجو ڌپ لڳندو اٿئون تہ انت سمي اسان جا الاجي ڪهڙا حال ٿيندا. انهي ڌپ وچان بہ اسين پنهنجي جيوت سڌارڻ جو خيال ڪندا آهيون. پنهنجي ڪنهن مٽ مائٽ يا يار دوست جي چالائي ڪري اسين قبرستان يا مسات تہ ويندا آهيون ۽ پرائي ڪي قبر ۾ دفن ٿيندو يا باهہ ۾ جلندو ڏسندا آهيون تڏهن هڪواري اڳيان جي اوندهہ اسان جي اکين ڪان پاسي ٿيندي آهي ۽ اهو ويچار دل ۾ ايندو آهي تہ هيءُ سارو جهان فاني آهي ۽ سپني جي مثل آهي؛ پر پوءِ جڏهن موٽي گهر ويندا آهيون تڏهن اها گيان جي ڳالهہ وري اسان ڪان وسري ويندي آهي. انهيءَ سبب اهو ”مساڻي گيان“ سڏبو آهي. اهو ساڳيو ليکو انهن ماڻهن سان ٿئي ٿو جيڪي ڪنهن واعظ جو وعظ ٻڌن ٿا يا ڪجهہ وقت وچي ست سنگ ڪن ٿا. ان وقت سندين دل پچي ٿي ۽ گيان جو سوجهرو سندن اندر ۾ جهلڪا ڏئي ٿو؛ پر پوءِ گهر وڃن تہ اهڙي جا اهڙا وعظ ٻڌڻ يا ست سنگ ڪرڻ مهل جنهن فرش يا ڪرڙ تي وڃي وهن ٿا تنهن تي ئي اهو گيان ڇڏيو اچن، جنهن ڪري اهي عام طرح ”ڪوڙ گياني“ سڏجن ٿا. اهڙن ماڻهن جو گيان ڪڪائين باهہ جي مثل آهي. باهہ ۾ جيستائين ڪک ڪانا پيا وجهبا، تيستائين ينيٺ ڪري پيئي ٻرندي، پر جنهن وقت ڪک ڪانا وجهڻ بس ڪبا تنهن وقت اُجهامي ويندي. ساڳيءَ ريت ڪنهن واعظ يا مهاتما پرش جي سامهون ويهي جيستائين سندس نيڪ وچن ڪن ڪانن وانگر پنهنجيءَ دل جي چلهہ

۾ ٻڌڻ جي وسيلي وجهبا، تيستائين گيان جي اڳني، نِسچي يا ايمان جي ڇپيءَ سان، دل ۾ دکندي رهندي؛ پر جڏهن اهي وچن ٻڌڻ بس ڪبا، تڏهن گيان جي اڳني، ويسر جي واءُ سان، وسامي ويندي. اهو آهي ”شرون گيان“ يعني اهو علم جو سڻڻ يا ٻڌڻ مهل پرائجي ٿو. انهيءَ مان رڳو ٻڌڻ جو سواد حاصل ٿئي ٿو ۽ ڌرمي ڳالهين جي ٿوري وقت لاءِ ڪجهه واقفيت ٿئي ٿي.

آسروند: تنهنجون اهي سڀ ڳالهيون مون کي دل سان لڳي ٿيون اچن. هاڻ ٻڌاءِ ته تون انهي منزل کان ڪيئن مٿي ويئن!

سالڪ: مان جيڪي ڳالهيون پنهنجي ڌرمي پستڪ ۾ پڙهندو هوس يا ڪنهن واعظ جي واتان ٻڌندو هوس سي ايڪانت ۾ ويهي ويچاريندو هوس. مطلب ته اتي ئي ٻڌو اتي ئي وسريو اهو ليکو مون وٽ ڪونه هو؛ پر رڳو ايئن ڪرڻ بس نه آهي. اهڙو گيان بجليءَ يا وڄ جي مثل آهي، وڄ ڪڏهن ڪڏهن زور سان ڪنوين ٿي؛ پر سگهو ئي وري ڪڪرن ۾ گم ٿي وڃي ٿي. ساڳيءَ ريت جيڪو گيان ڌرمي پستڪن يا ست سنگ مان پرائجي ٿو سو ڪجهه وقت اندر ۾ چمڪات ڪري ٿو. پر پوءِ اڪثر ماڻهن کان وسريو وڃي ٿو. جڏهن وري ڪو گناهه جهڙو ڪم ڪجي ٿو تڏهن اهو گيان وري وڄ وانگر چمڪات ڪري ٿو. اوڏيءَ مهل اهو خيال اچي ٿو ته اهو گناهه نه ڪجي؛ پر پوءِ اهو سوجهرو دنيوي وهنوار ۾ لپيٽجي بجليءَ وانگر وري گم ٿي وڃي ٿو. اهو عام طرح ”منن گيان“ سڏجي ٿو، جو اهو دل ڪري مڃي ان موجب هلت ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

آسروند: تو پاڻ کي سڌارڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي ڇا؟
سالڪ: هائو، مون گناهن لاءِ توبهه ڪري، اهي وري ڪرڻ ڇڏي ڏنا ۽ ڏرمر تي هلڻ لڳس بچڙي سنگت به ڇڏيم جو سنگت جو اثر به جهجهو ٿئي ٿئي ٿو.
آسروند: ايئن ڪرڻ کان پوءِ تون پاڻ کي پلومانس يا ديندار سمجهڻ لڳين ڇا؟
سالڪ: هائو، پر ٿوري وقت تائين. جڏهن مون پاڻ سڌارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، تڏهن به فڪر پئي ٿيم.
آسروند: پوءِ وري توکي ڇا جو فڪر ٿيو؟
سالڪ: مون سمجهو ته جيڪڏهن رڳو ڪرم ڪاندي ٿبو يا رڳو شريعت تي هلبو، ته انهيءَ سبب هميشه لاءِ ڇوٽڪارو ملي ڪين سگهندو. سمجهه ته ڪو ماڻهو ڪنهن هٽواري کان هڪ هزار رپين جو مال خريد ڪري ٿو؛ پر پئسا نٿو ڏئي. انهيءَ کان پوءِ جيڪا شيءِ وٺين ٿو، تنهن جا پئسا ڏيندو اچي ٿو، ته به اهو اڳيون قرض هٽواري جي بنديءَ ۾ لکيل رهندو ۽ هو دعويٰ ڪري سگهندو.
آسروند: اهو مثال پاڻ سان ڪئن ٿو لڳائين؟
سالڪ: منهنجي من ۾ آيو ته گهڻن گناهن ڪري ڏڻيءَ جي بنديءَ ۾ مون تي وڏائي قرض لکيل آهي ۽ منهنجي هاڻ سترڻ ڪري اهو قرض ڏڻي واري ڪين ڇڏيندو، سو خيال ڪيم ته پنهنجن اڳين گناهن جي سزا کان ڇٽڻ لاءِ ڪو اپاءُ ڳولي لهان. هيءُ به خيال آيم ته جيڪڏهن منهنجي اڳينءَ هلت ۾ ڪٿي هڪڙو به عيب نه هجي، ته به منهنجي هاڻوڪيءَ ڇڱيءَ هلت ۾ به ڪانه ڪا وِڏ اٽيچو هوندي، جو انسان پلوئي بينو آهي. انهيءَ سبب پنهنجيءَ نيڪ هلت تي پڌي نٿي سگهين.

آسروند: پوءِ نيث ڇا ڪيءِ؟

سالڪ: پوءِ گيان جي متاهينءَ منزل تي پهچڻ جا پهه پچائڻ لڳس. جيڪي ڌرمي ڳالهيون ٻڌڻ سان ڪڪائين باهه وانگر اندر ۾ ڪن ساعت سوجهرو پيدا ڪن ٿيون ۽ پوءِ منن دوران سچي ڪجن ٿيون ته ڪڏهن ڪڏهن بجليءَ وانگر اندر ۾ چمڪات ڪن ٿيون، تن تي بار بار ويچار ڪري انهن کي جڏهن پنهنجيءَ ورتيءَ ۾ هميشه لاءِ ملائي ڇڏجي ٿو. تڏهن اهو ”نڌياسن گيان“ سڏجي ٿو. نڌياسن ڪرڻ يا بار بار ويچار ڪري انهيءَ ۾ محو ٿي وڃڻ ڪري شڪ شبهه، چتو نائون ۽ چنتائون ورتيءَ کان هٽي وڃن ٿيون ۽ ماڻهو سڀ ڪجهه ترڪ ڪري اُلوهيت جي منزل تي پهچي ٿو. جنهن ۾ ڪوبه انديشو دل ۾ اُپٽن نٿو ٿئي.

”نڪا غرض گناهه جي نڪا سڌ ثواب“.

(شاهه)

انهيءَ منزل تي بيائيءَ جا سڀ ٻنڌن ٽٽي وڃن ٿا، رات ۽ ڏينهن اوندهه ۽ سوجهرو پاپ ۽ پڃ، دک ۽ سک ۽ ٻيون اهڙيون ڳالهيون دل تان ايتري قدر مٽي وڃن ٿيون جو سچي سائينءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه جو پتو ڪونه ٿو پوي.

ڪاري رات، اڇو ڏينهن، ايءَ صفتان نور،
جتي پرينءَ حضور، تتي رنگ نه روپ ڪو.

(شاهه)

انهيءَ منزل تي اهو تارڪ پاڻ کي سڀ ۾ ۽ سڀ پاڻ ۾ پسي ٿو ۽ ان وقت جيڪي راز سندس اڳيان کلن ٿا، تن بابت ڪنهن سان ٻرڪ به نٿو ٻولي.

صوفيءَ سير سين ۾، جئن رڱن ۾ ساهه،
سا نہ ڪري ڳالهڙي، جئن پريون پروڙي پساهه،
آهيس اي گناهه، جي ڪا ڪري پٽري.
(شاهه)

اهڙي پد کي پهتل پوءِ پسڻ ۽ نہ پسڻ جو بہ ويچو وساري ٿو بلڪ ترڪ کي بہ ترڪ ڪري، ۽ پنهنجي انفرادي هستي وڃائي، حق سان ملي هڪ ٿئي ٿو ۽ اهو ئي ”ساڪيات گياني“ سڏجي ٿو. اها آهي گيان جي چوٿين ۽ آخرين منزل.

آسروند: ايڏي پد کي پهچڻ لاءِ تو ڪهڙو اپاءُ ڪيو؟

سالڪ: اهو ڪم ڪنهن ڪامل مرشد جي مدد کان سواءِ ڪو بہ پاڻمرادو ڪري ڪو نہ سگهندو، تنهنڪري ستگروءَ جي سرڻ وڃڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي.

جيڪي سرڻ پيا، سامي ساڌ سنگت جي،
تن جا پوري ستگروءَ ڪارج سڌ ڪيا،
ويري مترِ ٿيا، ممت نہ رهي من ۾.
(سامي)

آسروند: ڀلا، اهو تہ ٻڌاءِ تہ هن وقت تون ڪهڙيءَ منزل تي پهتل آهين؟

سالڪ: توکي ۽ مون کي ساڳيو ئي مرشد مليو، جنهن اسان کي سوڙهي دروازي جو ڏس ڏنو. هاڻ اسين جنهن منزل تي اچي پهتا آهيون سا اسان جي اکين جي آڏو آهي. تڪڙي وک کڻ تہ هلي پهچون.

باب ارڙهون

# منزل مقصود

حقيقت هٽي منهنجي جان جدا ڪئي،
هڪڙو پساهه پرينءَ ري سگهان تان نه ڪٽي،
ڏٽي ۽ ڏٽي، رهيو آهيم روح ۾.
(شاهه)

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو ته هيءُ ٻئي مسافر گيان چرچا ڪندا پئي ويا ته جادوءَ واري زمين جو مٿن ڪوبه اثر ڪونه ٿيو ۽ نيٺن مان ننڊ نسي وين. هو پوءِ استغنا يا بيپرواهيءَ جي واديءَ (ماتريءَ) مان بيپرواهه بادشاهن وانگر پنڌ ڪندا ۽ اتي جو لقاءُ ماڻيندا، توحيد جي واديءَ ۾ وڃي سهڙيا. اُتي جي هوا ڏاڍي وڻندڙ لڳين ۽ اتي جي تازگي ۽ خوشنمائي ڪري دل بهار بهار ٿيڻ لڳين. هتي جي هڪ عجيب ڳالهه هيءُ هئي جو اتي سج جو سوجهرو سڀ وقت بينو هو جنهن ڪري رات ۽ ڏينهن جو فرق معلوم ڪرڻ ئي مشڪل هو. ان جو سبب هيءُ هو، جو اهو پاسو موت جي پاڇي واري ماتريءَ جي پرئين پاسي هو، جتي نااميديءَ نالي راڪاس جو ڪوبه وس هلي نٿي سگهيو ۽ سندس شڪ وارو قلعو به اتان ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. اتان ملڪوت جو ملڪ پريائين ڏسڻ ۾ پئي آين. سگهوئي انهيءَ ملڪ جا رهواسي گڏين، جن کي چمڪندڙ پوشاڪون پيل هيون ۽ ملائڪن يا فرشتن وانگر اڏامي سگهيا ٿي. جئن جئن هو انهيءَ ملڪ جي ويجهو پئي ويا، تئن تئن وڌيڪ خوش پئي ٿيا ۽ ملڪ به چٽو ۽ نماءَ وارو نظر پئي آين. سڄو ئي ملڪ موتين ۽ جواهرن سان جڙيل هو ۽ سيني رستن تي سونو فرش بڌل هو، اتي جو تجلو وري ايترو هو جو جسماني اکيون ان جي اڳيان ڪو ڪولي به نٿي سگهيو. انهيءَ تاب سالڪ کي بيتاب ڪيو ۽ سڪ جو سيءُ تپ اچي چڙهيس. آسروند به ايئن بيمار ٿي پيو ۽ به ٿي پيرا بيهوش ٿي ويو. هيءُ ٻئي ڄڻا ڪيترو وقت پٽ تي پيا هئا ۽ پنهنجي سرير جي به

سوجهي ڪانه ٿي پين. ڪنهن وقت سجاڳ ٿيا ته واٺهڙن ڪي ايئن پئي چيائون ته جيڪڏهن اسان جو پيارو اوهان کي گڏجي ته ڪيس ٻڌائجو ته اسين تنهنجي سڪ ۾ بيمار ٿي پيا آهيون ۽ هيئنر اسان کي مارڻ توڙي جيارڻ تنهنجي ئي وس آهي.

جيڪي ميڙ مُنيءَ کي، جيڪي مُني مار،
ڏکيءَ کي ڏيکار، هيڪر هوت اکِن سين.
(شاهہ)

هنن پوءِ سمجهو ته ويني وک نه اُپڙندي، تنهنڪري جئن تئن ڪري پنڌ پيا، جئن ويا پئي تئن رستي جي پر تي باغ باغيچا، ڊاک جا منهہ ۽ ڦلواريون ڏٺائون جن سيني جا دروازا ڪليل هئا. جڏهن ويجها ٿيا تڏهن اتي جو مالهي گڏين، جنهن کان پڇيائون ته هيءُ ڊاک جا منهہ ۽ باغ باغيچا ڪنهن جا آهن؟ هن وراڻي ڏيئي چين ته بادشاهہ سلامت جا. هيءُ سڀ پنهنجي خوشيءَ مسافرن جي سک لاءِ پوکايا اٿس. مالهيءَ پوءِ کين هڪ ڊاک جي منهہ وٽ وٺي ويو ۽ چيائين ته هن مان جيتري ڊاک اوهان کي وڻي تيتري پلي کائو، ۽ پاڻ کي تازو ڪريو. بادشاهہ جي گهمڻ جا رستا ۽ شاهي آرام گاهہ به کين ڏيکاريائين. هيءُ ٻئي مسافر تورو چپو پورو ڪري، اتي ئي اهلي پيا ۽ سگهو ئي ننڊ ڪٽي وين.

مون پوءِ سپني ۾ ڏٺو ته هيءُ مسافر جيترو اڳي ننڊ ۾ اڙر ڪندا هئا، تنهن کان وڌيڪ هينئر اڙرڪڻ لڳا. هيءُ حال ڏسي مان حيران ٿيس ته مالهيءَ چيم ته توکي سندين هن حالت تان عجب چو ٿو لڳي. هن ڊاک ۾ اها خاصيت آهي جو جيڪو اها کائي ٿو پيو جيڏانهن به پرک ڪري ٿو تيڏانهن صاحب سامهون ڏسڻ ۾ اچيس ٿو. انهيءَ حيرت وچان هيءُ اڙرکن ٿا.

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چِٽاٽو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڏاٽو،
راٽو ۽ راٽو، ري راٽي ٻيو ناهہ ڪو.
(شاهہ)

ڪنهن وقت هو سجاڳ ٿيا ته شهر ۾ اندر وڃڻ جي تياري ڪيائون، پر شهر تي اُسَ جي روشنائي ايتري هئي جو اکيون کولي ان ڏي نهاري نٿي سگهيا. ٿورو اڳيرو وڌيا ته ٻه ڄڻا ڪين گڏيا جن جا وڳا سون وانگر ۽ چهرا سج وانگر پئي چمڪيا. انهن مسافرن کان پڇيو ته توهين ڪٿان ٿا اچو ۽ رستي ۾ ڪهڙي ڪهڙي هنڌ ٽڪندا آيا آهيو ۽ وات تي ڪهڙا ڏاڪڙا توهان کي ڏسڻا پيا. هيءُ ٻه چيايون ته توهان کي باقي ٻه ڏاڪڙا ڏسڻا آهن، ۽ پوءِ پنهنجي منزل مقصود کي پهچي سگهندا. سالڪ ۽ سندس سنگتيءَ ڪين چيو ته اسان سان گڏجي هلو ته توهان کي پنهنجو سربستو احوال ٻڌائيندا هلون. هنن ساڻن گڏجي وڃڻ قبوليو. هو پوءِ گڏجي اوستائين ويا جتان شهر جو دروازو ڏسڻ ۾ ٿي آيو: پر وچ ۾ هڪ اونهي ندي هئي، جنهن تي پُلِ ٻڌل ڪانه هئي. جيڪي ٻه ڄڻا ساڻن هئا، تن چين ته جيستائين اوهين هن نديءَ مان پار نه ويندا، تيستائين توهين شهر ۾ اندر گهڙي ڪين سگهندا. سالڪ پن ته شهر ۾ اندر وڃڻ لاءِ ٻي ڪا وات ڪانهي ڪئن؟ هنن چيو ته ٻي ٻه وات آهي: پر اوتارن ۽ ٻنين کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ٻه انهيءَ وات کان وڃڻ جي اختياري ڪانهي. اوهان کي هيءُ پاڻي اوس جهاڳڻو پوندو. سالڪ پڇيس ته پاڻي سڀ ڪنهن هنڌ هڪجهڙو اُونهو آهي ڇا؟ هنن چيو ته نه: پر اسين اوهان کي اهڙو ڪو هنڌ ڏيکاري نٿا سگهون جتي پاڻي تانگهو هجي، جيترو توهان جو ويساهه هوندو تيتروئي توهان لاءِ پاڻي تانگهو ٿيندو ويندو. هو پوءِ الله تهار ڪري پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا.

گهڙيا سي چڙهيا، ايئن اٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾ پوءِ ٽپو ڏيئي،
ته ميهار مليئي، سنيوڙو سيٹاهه سين.
(شاهه)

پاڻيءَ ۾ پير وجهڻ سان سالڪ پنهنجي سنگتيءَ کي رڙ ڪري چيو ته ”ادا، مان ته ٻڏان ٿو. لهرون منهنجي مٿان لنگهي پيون وڃن.“

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪنَنَ جو ڪڙڪو،
ڪونهي ڪاٺيارن جو تار منجهان تڙڪو،
پچي شڪ ، سيد چئي، سير سنڌو سٽڪو،
والي ڪر وڙ ڪو، تہ پار لنگهيان پاڄهہ سين.
(شاهہ)

آسروند چيس ادا، دل نہ لوڙهہ. پاڻي ڪو اونهو ڪونهي منهنجو پير تہ تري کي پيو لڳي. تون دل جا وهم وساري پنهنجو ڌيان رڳو ڏٺيءَ ۾ ڏار تہ ذرو بہ جوکو ڪونہ رسندءِ.

اکيون منهن ميهار ڏي جن رکيون جوڙي،
ريءُ سمند، سيد چئي، تار گهڙن توڙي،
تني کي ٻوڙي، سائر سگهي ڪينڪي.
(شاهہ)

سالڪ چيس تہ ”ادا، مون کي موت جي ڳڻتي ويڙهي ويئي آهي. مونکي آسرو ڪونهي تہ ڪو مان پنهنجيءَ منزل تي پهچي سگهندس.“ اجا ايترو چيائين، تہ اکين اڳيان ڏنڊ ڏٺيس، جنهنکري پنهنجي اڳيان ڪجهہ بہ ڏسي نٿي سگهيو، خشڪي بہ اهڙي اچي ٿيس جو جيڪي سڪہ وات ۾ پوڳيا هوائين سي سڀ وسري ويس. جيڪي بہ پئي چيائين تنهن مان ايئن معلوم ٿي ٿيو تہ دل تي دٻ گهڻو اٿس. ڪنڌيءَ تي بيهلن مان جن سنديس اها حالت ڏٺي، تن سهي ڪيو، تہ هن سفر تي نڪرڻ ڪان اڳي توڙي پوءِ جيڪي گناهہ ڪيا اٿس، تن جي يادگيريءَ پوڻ سبب پاڻ کي گهڻو دکي ٿو سمجهي، حقيقت بہ ايئن ئي هئي.

پسيو ڏوهہ ڏکي هنئون، آر مٿي ارواح،
جي توهہ تئي توڏانهن، تہ وير وهيٺو ناهہ ڪي.
(شاهہ)

سالڪ ڪنهن وقت هٿ پير هلائي تريو پئي تہ ڪنهن وقت لهرين ۾ لڙهي ٿي ويو ۽ غوطا کائي کائي، مردي جهڙو ٿي، پاڻيءَ مان اُسري مٿي ٿي ٿيو. اهڙيءَ حالت ۾ آسروند پنهنجي همراهہ کي

تارڻ مشڪل پئي سمجهيو. انهيءَ هوندي به دلاسو ڏيئي چيائينس ته ”ادا، مان دروازو پيو ڏسان ۽ ماڻهو اسان لاءِ پرينءَ پر هڪيا بيٺا آهن.“

سالڪ چيس ته اهي تو لاءِ بيٺا هوندا، جو تون سدائين آسروند آهين. منهنجو حال هيٺو آهي. منهنجو هاڻ سائينءَ ڪي اهو ئي سوال آهي ته منهنجا گناهہ معاف ڪري ۽ هن پيڙا کان ڇڏائين.

”درد دسي آهيان، درد منهنجو دس.“
(شاهہ)

آسروند چيس ته هيءُ ڏکہ جي تون پاڻيءَ ۾ ڏسين ٿو، سي ايئن نٿا ڏيکارين ته ڏٺيءَ توکي وساري ڇڏيو آهي. سُور سختيون سالڪن کي محب مهمانيون مڪيون.“ اهي ڏکہ تنهنجيءَ آزمائش واسطي آهن، ته معلوم ٿئي ته جيڪا باجهہ ڏٺيءَ توتي اڳيئي ڪئي آهي، تنهنکي ياد ڪري هن ڏکيءَ ويل انهيءَ تي آڌار رکين ٿو يا نہ.“ هيءُ وراڻي ٻڌي سالڪ وڏي ويچار ۾ پيو.

منهنجو من ميهار کي پار وجي پوتو،
گهوٽي ۾ گهوٽو، مون کي محب ميهارجو.
(شاهہ)

هنئر ڪيس نئين سنئين همت آئي ۽ وري پنهنجا هٿ پير خوب طرح هلايائين، ته سگهوئي نديءَ جو ڪِچہ پاڳو تري ويو. هي ٻئي ڄڻا پوءِ جلدي تانگهي پاڻيءَ ۾ آيا ۽ باقي پاڻي جيڪو جهاڳڻو هون سو به تانگهو ٿيندو ويو. ائين نيٺ سلامتيءَ سان ندي اُڪري پار آيا ته چمڪندڙ پوشاڪ وارا شخص جي اڳي گڏيا هئن، تن کي نديءَ جي پرينءَ پر بيٺل ڏٺائون. هنن چين ته اسين خدمت ڪندڙ روح آهيون ۽ جن کي آجپڻ ملٹو آهي تن جي خدمت ڪرڻ لاءِ بيٺا ئي آهيون. هو پوءِ سيپئي گڏجي دروازي ڏي وڃڻ لڳا.

دروازي مان لنگهي، هيءُ جنهن شهر ۾ گهڙيا، سو ٽڪريءَ تي ٻڌل هو، جنهنجي چوٽي آسمان سان پئي گني. سالڪ سمجهو ته هن ٽڪريءَ تي چڙهڻ مشڪل ٿيندو؛ پر پوءِ ذري مشڪلات به معلوم

ڪين ڪيائين. هن جو سبب هيءُ هو ته سالڪ جئن هيءُ سفر پئي ڪيو تئن سندس ڪلهن واري پري ويئي تي هلڪي ٿيندي ۽ هنئر نديءَ ۾ هٿ پير زور سان هلايائين ته باقي رهيو ڪهيو بوجو به سندس ڪلهن تان ڪري وجي پاٽيءَ ۾ پيو. هن هنئر پاڻ کي گهڻو هلڪو پئي سمجهو، تنهن جو پيو مکيہ سبب هيءُ به هو، ته جنهن جسماني جامي سان پاڻيءَ ۾ گهڙيو هو، سو به اُجلجي پاڻيءَ ۾ وجي پيو هوس.

ٽڪري جيتوڻيڪ اونچي هئي، ته به هيءُ نهايت ڦڙتائيءَ سان مٿي چڙهي ويا. سگهو ئي اُنهيءَ هنڌ وجي پهتا جتي عرش ۽ فرش، ۽ سج ۽ چنڊ جو ڪوبہ پتو ڪونہ تي پيو.

جتي عرش نہ اُپ ڪو، ذرو ناهہ زمين،
نڪو سورج چنڊ جو، پتو اُتِ پسين،
نڪي تارا ڪتيون، نڪي جسم جنين،
اُتي آديسين جي قلم ري پيو ڪين،
ملي تي مسڪين، رام ريجهائي رازسين.

(شاهہ)

هتي آس پاس باغيچا بوستان هئا، جن جي گلن جي سڳنڌ ڪين ضرورت پئي ڏني. اُتي قسمين قسمين وڻ هئا، جن مان امر قل چني، اُتي جي ماڻهن بنا سڪ پئي ڪاڏا.

”بنا مکہ ڪائي، امر قل آڪاس جا.“

(سامي)

هتي اچڻ ڪان پوءِ سالڪ سمجهو، تہ ملڪوت ۾ ماڳ ڪري رهڻ مناسب نہ ٿيندو، جو انهيءَ ڪان عاليشان علائقا جبروت ۽ لاهوت جا آهن؛ پر انهن سيني جون حدون اهڙيءَ ريت گڏيل هيون، جو پورو پتو ڪونہ تي پيو، تہ ڪهڙي حد ڪتي پوري ٿئي ٿي.

”لوچان تي لاحد ۾، هاديءَ لهان نہ حد.“

(شاهہ)

هنن حق جي طالبن کي هيءُ سفر نهايت سٺائو لڳو، سو واءُ وانگر سٽيندا ويا. سگهوئي هڪ عاليشان عمارت ڏٺائون، جنهن ۾

وجي آرامي ٿيا. انهيءَ عمارت جون پتيون آئيني کان به اُوجل هيون. هتي جيڏانهن تي نهاريائون تيڏانهن پنهنجو پاڻ پئي پسيائون ۽ ٻيو ڪونه نظر نٿي آين. سالڪ جي مرضي ٿي ته پنهنجي سنگتيءَ کي ساڻ ٺوني، هن ملڪ جي واليءَ وٽ سجدو سلام ڪرڻ وڃون: پر آسروند ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. جيڏانهن تيڏانهن رڳو پاڻ کي پئي ڏٺائين. آسروند سان به اهو ئي ليکو ٿيو. سگهو ئي آواز آين، ته پنهنجو اهو وجود وڃائي ڇڏيو، تنهن کان پوءِ هتي جو راز پوريءَ ريت پروڙي سگهندؤ.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چوءُ.
(شاهه)

سالڪ پوءِ يڪي سر حاڪم جي حضوريءَ ۾ وڃڻ جو قصد ڪيو. اول پنهنجو اندر جاچڻ لڳو، ته ڏسان ته منهنجو سينو هر طرح صاف ۽ حاڪم جي حضوريءَ ۾ وڃڻ جو لائق آهي يا نه. انهيءَ خيال سان پنهنجي اندر جاچڻ لاءِ جئن نظر ڪيائين، تئن حاڪم جو ديرو پنهنجي دل اندر ڏسڻ ۾ آيس.

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سُور هئا.
(شاهه)

آسروند به ڏٺو ته جنهنجي عبادت ٿي ڪيم، سو معبود مان پاڻ آهيان، پوءِ ڪنهنجيءَ حضوريءَ ۾ وڃان؟ هن حيرت جهڙيءَ ڳالهه تان ٻنهي کي اهڙي خاموسي ويڙهي ويئي، جو ٻِرڪ به ٻولي نٿي سگهيا.

آيا سي الوهيت ۾ لاهوت لنگهيو جن،
منجهان تن جُسن، حرف نه سچي هيڪڙو.
(شاهه)

هن جي هي، مان جاڳي پيس، ۽ ڏٺم ته هيءُ سڀ سپنو هو.